چکر مال جوآ

(لوک ادب ۽ مزاحمتي شاعري)



لیکڪ:

محمد جمن یٹي

چکر مال جوآ

لیکڪ: محمد جمن یٹي



لوڪ شاعر حاجي محمد جمن پٽي (ڪتاب جو ليکڪ)



سگھڑ محمد ايوب جوٽيجو

ڪتاب ترتيب ڏيندڙ



عاجز رحمت الله لاشاري

باني، چيئرمين: سلات



محمد ايوب لغاري




وڈيرو معشوق ٹيہو




عبد مگسي



ممتاز علي پٹي



حاجن انبن پٹي



اختيار علي پٹي



منور علي پٹي



اصغر علي پٹي



الهڈنو بروهي

چکر مال جوآ

(لوک ادب ۾ مزاحمتي شاعري)



ليکڪ:

محمد جمن پٽي

0304-0933185 | 0347-1604694

***

ترتيب ڏيندڙ:

محمد ايوب جوٽيجو



حق ۽ واسطا سگھڑ وٽ سوگھا

ڪتاب جو نالو	:	چڪر مال جو آ
موضوع	:	لوڪ ادب ۽ مزاحمتي شاعري
ليکڪ	:	محمد جمن پٽي
ترتيب ڏيندڙ	:	محمد ايوب جوٽيجو
مشاورت	:	عاجز رحمت الله لاشاري
ڇاپو	:	پهريون
سال	:	فيبروري2017ع
ٽائيٽل ڊزائين	:	محمد امين سولنگي
ڪمپوزنگ	:	دانش ٻهر
ڇپائيندڙ	:	سنڌ سگھڑ لوڪ ادب تنظيم (سلات)
ڇپيندڙ	:	پاڪيزه پرنٽنگ پريس حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ

سگھڑ محمد جمن بگٽي سگھڑ پاڙو ڳوٺ

پير باجدي ڄام شورو

عاجز رحمت الله لاشاري

باني چيئرمين سنڌ سگھڑ لوڪ ادب تنظيم (سلات)

فون: 0346-368547 / 0301-3566707

ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو قائد

اُرپنا

آءٌ هي پنهنجو ادبي پورهيو
سنڌ جي مهان شخصيتن:
ڪنور بڳت رام، مائي جندو،
الهڏتو پلائي،
پنهنجي امڙ ۽ بابا جي نانءُ ڪيان ٿو.

محمد جمن پٽي

فهرست

وک وڏڻ کان اڳ » »	- سليم پٽو لطيفي	6
جديد سنڌ جو جديد شاعر سگهڙ	- قاضي خادم	9
متان سمجهين تنهنجي قدمن ۾ ڪو ڪِرندو	- حميد سنڌي	13
سگهڙ ۽ شاعر جو سنگم: جمن پٽي	- عبدالواحد سومرو	16
لوڪ ادب کي نوان بخشيندڙ سگهڙ	- فقير محمد مٹل جهتيال	22
شاعريءَ جو مسافر	- محمد لقمان کوکر	24
حساس دل رکندڙ سگهڙ	- حاجي رحيم بخش قريشي	26
بابا سائينءَ جي نانءُ	- علي جان سنڌي	27
پنهنجي پاران	- محمد جمن پٽي	30
حمديه "مناجات"		37
حمديه "مناجات"		39
مدح رسول ﷺ		41
مدح رسولِ عربي ﷺ		42
منقبت علي رضہ		44
سينگار (نظم)		45
غزل		48
مظلوم چوڪري		59
قومي گيت		68
مناظرو (ملان ۽ موالييءَ جو بحث)		70
ديسي پرديسي جا حال احوال		75
وري آءُ ڪاڪا		81
مناظرو زال ۽ مڙس جو بحث		95
غلامي		98

پٽائي گھوت جي سنڌڙي 105
پيغام 109
سنڌ راڻي 131
چؤ ستو 176
بزم روح رهاڻ وارن کي پليڪار 186
آجيان جا بيت 194
هاونجاهه اکري 195
ڏور بيت 206
گروءِ چيلو 215
هنر جو بيت شهرن جي نالن سان 219
هنر جو بيت وٽن جي قسم ۾ 220
هنر جو بيت سرگم تي 221
ڇجهارتون 222

وک وڏڻ کان اڳ ...

ادبي نقادن جي راءِ آهي تہ شاعري جي شاهڪار هئڻ جو ثبوت ان ۾ موجود سرور ۽ جامعيت آهي. اها حقيقي شاعري جي رمز آهي. منهنجي خيال ۾ جامعيت شاعري جي سگهہ آهي. موضوعن جو ڳاڻيٽو ۽ زندگي جي هر رُخ تي نظر وجهڻ شاعر جي سمجهہ جي سرحدن جو ثبوت آهي. هن حوالي سان جڏهن محمد جمن پٽي جي شاعري مجموعي کي ڏسجي ٿو تہ ان ۾ ب موضوع وسيع آهن ۽ زندگي جو ڪوب رُخ هن کان اوجهل نہ آهي. محبت، ميلاپ، وڇوڙو، موت، تباهي، غلامي ۽ بدڪرداري جي احساس جون ڪيفيتون ب آهن تہ شاعري کي سگهہ بخشيندڙ جذبا، اُڌما ۽ ارمان ب آهن. فردِ واحد کان وٺي قومي سماج سان گهرو لڳاءُ، خلوص ۽ پنهنجائپ جو رويو ب سانوڻي مُند ۾ ساون سلن جئان چٽو نظر اچي ٿو. ڏرتي ۽ ڏرتي سان واڳيل هر رنگ محمد جمن جذباتي جي شاعري جي سڃاڻپ آهي.

محمد جمن وڏن اديبن ۽ شاعرن وانگر ڏگرين جي مالڪي تہ ڪونہ ٿو رکي پر سگهڙن واري سياڻپ ۽ سڃائي سان جيڪي ڪنين ٻڌو اٽس ۽ اکين ڏٺو اٽس اهوئي شاعري ۾ اوتيو اٽس، هن حوالي سان سندس شاعري فطري حسن جو اظهار آهي. هو پنهنجي اندر جي احساسن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ حيلا هلائيندو رهي ٿو. سندس هڙي جستجو ۽ ڪوشش ڪڏهن رازو هئڻ جي ناتي پٽين تي تہ ڪڏهن سادن ڪاغذن جي ٽڪرن تي مختلف نظمن ۽ ڳجهارتن جي صورت ۾ سامهون آڻيندو رهيو آهي. محمد جمن پنهنجن خيالن کي عام ڪرڻ لاءِ سرڪاري پروگرامن، سياسي ۽ سن، ادبي ويهڪن ۽ ميڊيا وسيلي پنهنجي ذات جو

اظهار ڪندو رهيو آهي. سندس اها جرئت ۽ خلوص نہ رڳو شاعري ۾ محسوس ٿئي ٿو پر قومي فرض سمجهندي ۽ نيائيندي هو پنهنجي خيالن کي هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ واري انساني خواهش جي سفر کي جاري رکڻ ۾ ۽ پُرعزم نظر اچي ٿو ۽ نہ رڳو پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا ۽ آڇيندو رهي ٿو پر ايندڙ وقت ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ معاملن کي منهن ڏيڻ سميت انهن جي حل لاءِ پاڻ کي تيار رکڻ لاءِ سنيها ۽ سڏ ۽ ڪندو رهي ٿو. ممڪن آهي تہ اسان جي هن سگهڑ شاعر جو اهڙو جاگرتا جو عمل انساني سماج کي مهذب بنائڻ جي جاکوڙ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙن قافلي جي ڪڙي ثابت ٿئي.

اسان جنهن سماج جو حصو آهيون ان کي بهتر بڻائڻ ۾ ذات ڌڻين جو ڪردار آهي. اڇوڪي ڪرپشن، مذهبي انتهاپسندي ۽ اخلاقي بدتري واري دور ۾ قوم کي غلامي جي ڏهڻ مان ڪيڻ لاءِ جاگرتا جي عمل کي جاري رکندي محمد جمن پٽي اڳتي وڌي رهيو آهي. هن ڏس ۾ سندس فڪر گهڻ رُخو، دانائي، وقت ۽ حالتن جي پسمنظر ۽ پيش منظر نهايت ڪارائتو آهي.

محمد جمن پٽي پنهنجي سگهاري تخليقي قوت سان پنهنجي ماحول جي حالتن ۽ رُخن کي عوام آڏو آئيندي ڇڻ پنهنجي تخليق کي پنهنجي دور جو آئينو بڻائي پيش ڪيو آهي. فردِ واحد کان وٺي سڄي قوم جا مامرا ۽ مسئلا سندس تخليق جا موضوع آهن. فرد سان ڪهڑا مسئلا آهن. هن جي خوشين ۽ غمين جو ڪارڻ ڪهڑو آهي. ۽ سڄي قوم ڪهڙين ڏکين سماجي، سياسي، معاشي ۽ مذهبي ۽ اخلاقي حالتن مان گذري رهي آهي ۽ ان جا ڪارڻ ڪهڑا ۽ ڪنهن وٽ آهن ۽ انهن ڪيفيتن جا ڪهڑا اثر پون ٿا انهن سڀني کي پنهنجي سگهڑائپ وسيلي لفظن جو روپ ڏئي پيش ڪري ٿو. ڪڏهن پرولي ۽ ڳجهارت ۾ ڪڏهن سگهڑائپ جي ڪنهن صنف ۾ تہ ڪڏهن

وري سريلي نظم ۾ محمد جمن پٽي پنهنجي هن سفر جي شروعات هڪ سيکڙات سگهڙ جنان ڪئي ۽ اڄ هو گهٽن کي پوئتي ڇڏي، اڳتي وڌندي وڌندي پنهنجو ٿمر هن ڪتاب "چڪر مال جو آ" جي صورت ۾ سامهون آندو آهي.

محمد جمن ادب ۽ سگهڙ ڪيتر ۾ پل بنيادي ڳالهين کي چڱيءَ طرح نہ نياپو هجي پر پوءِ ہ نواڻ جي نينڊ ڏيندي سمجهہ ۽ پروڙ کان ڪم ورتو اٿس. ان جو ثبوت سندس لکيل "گُرو چيلو" آهي. هڪ حساس ۽ سڃاڻ سگهڙ جنان محمد جمن ماڻهو جي حيثيت ۽ حالتن کي سمجهي ٿو، ماڻهن جي ذهني ۽ عملي غلامي واري ڪيفيت کي سمجهي ۽ سمجهائي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو خود ہ حالتن جي گنيپرتا ۽ مسئلن جي دباءُ واري پيڙا مان گذرندو رهيو آهي. پر سندس شاعري جي وڏي ۽ اهم ڳالهہ اها آهي تہ هو مايوس نہ آهي، سيني ناانصافين، اٻرابرين، بيوفائين ۽ منافقين جي پوڳنا پوڳيندي ہ همت نٿو هاري پر حوصلي ۽ اميدن جي لاٽ جي روشني آهي جيڪا جهالت جي ٻاٽ اونداهي کي روشني ۾ بدلائي ٿي.

محمد جمن پٽي شاعر ۽ سگهڙ ہ پلو آهي تہ انسان ہ سهڻي سلوڪ ۽ سياڻ وارو آهي. گهٽو ڪجهہ ڄاڻندي ہ ڪچهري ۾ پنهنجو پاڻ کي ڄاڻون ڪونہ محسوس ڪرائيندو آهي جيئن سندس فڪر انساني پلائي وارو آهي تيئن سندس ٻولي ہ ٻهراڙي جي سادن سودن ۽ سچن سانگيڙن واري سادي، سٽي ۽ مٺي آهي.

چ مَ قطاران، سات چڙهندو لکين،
مڃ ٽئين پئان، وڃ واٽ ئي نہ لهين.
(شاهہ)

سليم پٽو لطيفي

جديد سنڌ جو جديد شاعر سڳهڙ

لوڪ ادب ڪنهن قومن جي ثقافتي ورسي جو محافظ ٿيندو آهي، دنيا ۾ جيڪي به آڳاٽين قومن ۽ نسلن جا نشان مليا آهن، تن جي شهادت انهن جي لوڪ ورسي، ڪهاڻين، چوٽين، گيتن ۽ ان کان به پراڻين ثقافتن جا نشان وري بت تراشي سنگ تراشي ۽ مصوريءَ مان ملیا آهن.

سنڌ جو شمار انهن قومن ۾ ٿئي ٿو جنهن جي ثقافت ۽ تهذيب جي خبر ٻنهي طريقن سان ملي آهي. هزارين ورهين اڳ جي ٺهيل مورتين، سڪن، ٽانون ۽ مختلف موسيقيءَ ڪانسواءِ ڪاشيگري، اُکر جو ڪم ۽ لوڪ ادب جي هر صنف هن قوم جي رهٽي ۽ ثقافتي توڙي تهذيبي ترقي يافتہ هجڻ جو ثبوت پيش ڪري ٿي، جنهن جي تمام گهڻي کوجنا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي ۽ صدين کان روايتن ۾ ملندڙ ڳالهيون ۽ ڳيچ، ڪهاڻيون ۽ قصا، شعر ۽ شاعريءَ جون اصلوڪيون صنفون هٿ ڪري هن ادب کي هڪ مضبوط بنياد مهيا ڪري ڏنو.

هن وقت ڪيترا لوڪ گيت، ناچ ۽ موسيقي عام طرح پسند ڪيا ٿا وڃن ۽ انهن کي اسان جي سڳهڙن، ڳائڻن ۽ موسيقارن ڏيهان ڏيهہ مشهور ڪيو آهي. ليڪن هاڻ سڳهڙن جو اهو نسل به ختم ٿيندو پيو وڃي، جنهن ۾ ٻيڙي فقير جهڙا علم جا پنڌار هوندا هئا. اسان جو استاد محرم خان هوڻئن ته سنڌي ٻولي ۽ ادب جو استاد هو، پر خاندااني طور سڳهڙن سان واسطو هئن. هن جي داستان ٻڌل سينگار جا بيت اسان کان ڪڏهن ڪونہ وسرندا. هڪ خاص ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي ته سڳهڙن جي ڪلام ۽ ڪهاڻين ۾ سنڌ ملڪ جون حدون

اهي ناهن، جيڪي هن وقت نظر ٿيون اچن، هنن جون حدون سري ۾ ملتان کان ب مٿي هيون ۽ ٻئي طرف سڄو راجستان ۽ گجرات ۾ هنن جي ان علمي ذخيري ۾ ملي ٿو.

هن وقت ان ادبي طريقن ڏانهن ڪنهن جو ڪو خاص ڌيان ڪونهي. اهڙي دور ۾ محمد جمن پٽيءَ ۾ قدرت اهي خوبيون ڏنيون آهن جو هو جديد موضوعات کي لوڪ ادب جي فنڪاريءَ سان پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سندس شاعريءَ ٻڌبي ته جڙ سڄي سنڌ جو ثقافتي نقشو اکين اڳيان تري ايندو. لفظن ۾ رواني، خيالن ۾ پختگي، فڪر ۾ گهرائي سان گڏ هڪ فڪر انگيز ۽ ذهن ۾ اٽل پٽل ڪندڙ شعر ڪير هن کان ٻڌي. مون هن کي پهريون دفعو حميد سنڌيءَ جي گهر بزم روح رهاڻ ۾ ٻڌو هو، جڏهن هن منهنجي ڪتاب "دل جي دفتر مان" تي ڪيل گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجو شعر پڙهيو هو، جنهن تي محترم مظهرالحق صديقي هن کي خصوصي طور شاباس ڏني هئي ۽ تمام گهٽي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو هئائين.

ائين مون کيس مهراڻ ٽي.وي تان ٽيندڙ پروگرام ساهت رس ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، جيڪا هن قبول ڪئي ۽ سندس ڪلام کي پڌم، جدا جدا مڪتب فڪر جي ناظرين طرفان مون کي فون آيا هن جو موضوع، هن جا الفاظ هن جو لهجو ۽ هن جي رواني -ڀيران ڪُن هئي.

آءٌ سندس ڪتاب "چڪر مال جو آ" تي ب لفظ لکندي سوچيو پيو نه اهو سڄو سندس لوڪ ادب ۽ مزاحمتي ادب آهي هن پنهنجي ڪتاب ۾ روايتي لوڪ ادب جي شاعريءَ وانگر پيغمبرن ۽ ولي الله جو ب ذڪر ڪيو آهي، ته سينگار جا بيت ب ڏنا آهن جن ۾ پڻ پيغمبر سڳورن جي سونهن جو ذڪر آهي، ۽ سائن عقيدت جو بي انتها اظهار آهي. هن اظهار ۾ جيڪا بي ساختگي ۽ مٺاڻ آهي، ان جا ب ڪي ٻورا مثال هوندا.

سندس مزاحمتي انداز ۾ بہ بي ساختگي آهي.

چڪر مال جو آ، ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

يا

اخلاق جي ٽي پينگ وئي لٽجي رهيو ايمان آ.

يا

ڪين چاهيون ٿا تہ ڪو دوکو هجي،
هرڪوئي محبت ۾ اندر سوگهو هجي.

وطن جي حب لاءِ چوي ٿو:

وسي مينهن خدا ڪري ڪاچو ٿر مهراڻ جون موجون ڏسڻ هلون
هلي چانهہ پيئون المنظر تي هٽ هٽ ۾ ڏئي ٻئي گهمڻ هلون.

يا

مدا ڪنهن جا ناهيون خدا جو قسم آ،
اسين سنڌ پنهنجي سنوارڻ ٿا چاهيون.

عشق جي ڪيفيت لاءِ چوي ٿو:

پلي منهنجا سهٽا پلي ڪر تون ماڻان،
سهي ڪوڙ صدما، سڄڻ ٽياهون سياڻان.

دوست لاءِ چوي ٿو:

جو سڌ ۾ نہ سڌ ڏئي ۽ راهہ ۾ ليي ئي نہ ٿو،
اهڙو دوست ڪڏ ۾ پوي، ڪپيئي نہ ٿو.

موجوده سنڌ جي نقلي دعويدارن لاءِ چوي ٿو:

سڏائي سنڌ ۾ سنڌي، ٻڌي نہ بيت سيد جام،
اهڙو ڪمبخت سنڌ مان لڏي ئي نہ ٿو.

سنڌ سان پيار بابت چوي ٿو:

سنڌ جي مٽيءَ جيان آهين عزيز،
سنڌ سان پنهنجو نہ ڪو ليکو رهيو.

جمن جو سڃو ڪلام سنڌ، وطن سان محبت ۽ سچي دوستيءَ جي تلاش جو ڪلام آهي، هو غلط ڪارين کي برملا خراب ڪوٺي ٿو ۽ انسان کي انسان سان پيار ۽ عزت ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو.

لوڪ ادب جي طرز تي اهڙين مختلف خيالن تي شاعري ڪرڻ جمن جو ئي ڪارنامو آهي، هو پنهنجي ڪلام ۾ هڪ عام انسان وانگر محسوس ڪري ٿو جيڪو پنهنجي اردگرد اکيون کولي ٿو هلي ۽ چگيءَ ڳالهه جي تعريف ٿو ڪري ليڪن خراب ڪم اکين ۾ ڪتڪيس ٿو، حالانڪ هن جو طريقو سگهڙن وارو آهي ليڪن انداز جديد شاعر وارو. هن ۾ مشاهدي جي وڏي قوت ٿي ڏسجي، هن مان اميد اها آهي ته اڳتي هلي هو اڃا به سنڌي ادب کي مالامال ڪندو، هونئن به سنڌ جي سگهڙپائي کي زندهه رکڻ اسان سيني جو فرض آهي.

قاضي خادم

22-06-2011

متان سمجهين تنهنجي ڪو قدمن ۾ ڪِرندو

سنڌي شاعريءَ ۾ لوڪ ادب جي آميزش نہ رڳو هن شاعريءَ کي سهڻو، تُز ۽ پرپور بڻائي ٿي. اسان وٽ ڪيئي لوڪ ادب جا عاشق بزم روح رهاڻ ۾ ايندا رهن ٿا، جن مان هڪ ته نظير ملڪاڻيءَ جو ذڪر ڪندس جنهن الهه بخش ملڪاڻي جو ڪلام گڏ ڪري اسان جي آڏو آندو آهي، ٻيو محمد ايوب جوٽيجو جيڪو پاڻ به شاعر آهي جنهن جو شاعري ۽ لوڪ ادب تي ڪتاب متيءَ جي خوشبو اچي چڪو آهي، تنهن هن ڪتاب جو ڪلام، جيڪو محمد جمن پٽي جوڙيو آهي، ان کي سهيڙيو آهي. محمد جمن پٽي پاڻ کي سگهڙ چورائيندو آهي ۽ سندس شاعريءَ جو مزاج مزاحمتي ۽ طنزيه آهي. سندس شاعري سگهڙائپ ۽ موزون شاعريءَ جي گاڏڙ احساسن جو مجموعو آهي.

متان سمجهين تنهنجي قدمن ۾ ڪو ڪِرندو
اها تنهنجي پُل آ ائين ڪونہ ٽيندو
ايا هو جمالو ڳايون اسين پيا
ايا ٽوپي اجرڪ به پايون اسين پيا
متان سمجهين دودو ۽ هوشو مري ويا
متان سمجهين منصور جهڙا نہ جمندا.

سندس شاعري سڄي ساري قوم پرستيءَ جي جذبن سان پريل آهي. هن سنڌ جي ڏکن تڪليفن کي ساهه اندر سانڍيو آهي.

سنڌ جو سنڌ واسين کي پيغام ڏيو
هاڻي سنڌ تي ظلم ڪونہ سهبو
هاڻي ڪنڌ ڪٽبو ڪٽڻ ڪونہ ڏيبو

ائين چئو تہ هاڻي پوئتي نہ هٽبو
هاڻي ڪنڌ ڪٽبو ڪٽڻ ڪونہ ڏبو
ڪالاباغ ٽاهڻ سوچڻ بند ڪر
اها راند رت جي کيڏڻ بند ڪر
وسريو ناهي ٽوڙهي ڦاٽڪ اڃان تائين
انهيءَ ماڳ تي اچڻ بند ڪر.

محمد جمن پٽي جيئن تہ بنيادي طرح سگهڙ آهي تنهنڪري سنڌ جي پهراڙيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ وٽندڙ انداز ۾ بيان ڪري ٿو، هو چئي ٿو:

اهي ديڳ دانگيون ديڪيون توا ڏس
اهي ماٽ پاٽيون پاٽوڙا ڪوئرا ڏس
اهي چاڏيون ماٽيون چلم جا چپا ڏس
ڪپا ڪوپ ڪٽليون وٽن جو قسم ٿئي

جهوليون جهول ڪانبا چيڪلي جا ڦيرا
هندورا ۽ پينگها، ديندارن جا ويرا
اها گهاٽا چيچڙا جانڊهم جڙيا شل
ڦري نار چڪرن تن لوٽن جو قسم ٿئي

هو هڪ هنڌ چئي ٿو:

نڪي چوٽا پاٽيون، نڪي ٽويا ڪاسا،
نڪي مڻ ڪارن ۾، ماپن ٽا ماسا،
نڪي سير اڌ سير، نڪي پاءُ اڌ پاءُ،
اڌاني ۽ آني وٽن جو قسم ٿئي.

هيءَ شهري ۽ پهراڙي جي زندگي جو جائزو وٽندڙ خوبصورت شاعر آهي، جيڪو سگهڙن واري لڏي ۾ لڪو پيو آهي، سندس گهرو ۽ گيرائي وارو مشاهدو ان جو ئي مَرڪ آهي. هي جڏهن سنڌوءَ جهڙي رواني سان زندگيءَ جا لاها چاڙها بيان

ڪندو ويندو آهي، مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته هيءُ ويڑ وڇڻي نہ آهي ۽ هي رس ڀريا ۽ گيتن جهڙي لفظن سان جُڙيل پنهنجي ڪلام کي وسعت ڏيندو وڃي ۽ ڪڏهن بہ ڪٽي بہ هيءَ ويڑ نہ ڪُٽي. مون تمام ٿورن شاعرن کي ههڙي رواني لفظن جي بيهڪ ۽ جوڙجڪ گهٽ ڏٺي آهي، شال اڃا لکندو رهي، چوندو رهي ۽ اسان جي بزمِ روح رهاڻ جي محفل کي آباد ڪندو رهي.

حميد سنڌي
اڳوڻو وائيس چانسلر

سگھڑ ۽ شاعر جو سنگم: جمن پٽي

سنڌ جيڪا سرسبز، خوشحال ڏرتي رهندي آئي آهي تہ ان جي سرسبزي، ساوڪ، جبل، جهرجهنگ جي حسن تي بہ ماڻهو موهت ٿين ٿا ۽ پوءِ هڪ علائقي جي منظرن، نظارن جو جتي اثر پوڻ لازمي آهي تہ ان سان گڏ آسپاس جي واقعن، حادثن، سان گڏ اهو بہ لازمي امل آهي تہ دوستن جي وفائن ۽ دغائن سان واسطو رهندو اچي.

ان سموري ماحول مان هڪ فرد واحد جي حيثيت ۾ هو جڏهن وري جواني ۾ داخل ٿو ٿئي تہ ان تي جوهي جي من کي راحت ڏيندڙ ڪنيرن جي ٽانون جي چتسالي هجي يا اتان جي ئي شاعر احمد خان مدهوش جي چمڪي پيو شباب جهڙن دلفريب، دل ۾ پيهي ويندڙ ستن کان متاثر ضرور ٿيندو. نہ صرف ان اظهار جي بيباڪي پر نينهن، شينهن بڌجي پوي ٿو تہ پوءِ ان کي ڏسڻ، ٻڌڻ، لکڻ، ان جي پوشاڪ، اک ڪجل واري، نيڻ نشيلا چال ڍيل جهڙي، ڳيچي جوهي جي گهوگهين جهڙي دلپذير، وار گهنڊيدار، سنها چپ، ڪِلي تہ ڳٽن ۾ وٽيندڙ چڱهہ، دلو پري ڪٽي چيلهہ تي رکي سهيلين جي ولر ڪونج مثل پوئتي ڪندڙ ڪري ڏسڻ جي ادا تي اسان جو هي سگھڑ ۽ شاعر جمن پٽي بہ متاثر ضرور ٿيو ۽ زخمي ٿي هوش وڃائي ويهڻ کان هن ان کي پنهنجي سادي سودي لب لهجي واري سيبتي انداز سان قلمبند ڪندو رهيو.

جمن پٽي جيڪو گذر سفر ڪندي هونئن بہ تعميراتي ڪم ڪندڙ آهي، زبردست رازو!! ان انسان پنهنجو ديرو اچي عظيم درسگاهہ جي پرسان سوسائٽي جي ڪنڊ وسائي آهي. اتان

جي ماحول، پڌر فيڪلٽي کان سليم پٽو کان ماڪا تائين ايندي ويندي سگھڙن جي ڳالھ واري ست سميت پنھنجي اندر جي اظھار ۾ وڌيڪ نکار آندو ۽ موقعو ۽ ميدان ٻ ملھايو.

جمن پٽي ٻ ان نينھن نظارن ۾ چند ستارن جو ذڪر ھيئن ٿو ڪري:

پردو نہ ڪر پري، چند گُم ٿي نہ وڃي،
ستارن جو ڇا ٿيندو سمند چولي نہ ڇڏ.

جي مرڪين ٿو تہ موتيءَ جا گل ٿا ڀڙن،
بي بھا مفت ۾ ھول ھولي نہ ڇڏ!

جمن پٽي جيڪو ھڪ ئي وقت سگھڙ ٻ آھي تہ شاعر ٻ، ھن وٽ پھراڙي جي زندگيءَ جو ٻ گھرو، ٽيٽ مشاھدو ٻ اٿس، ان سبب ھن وٽ لفظن جو ٻ چگو موچارو ذخيرو ٻ وٽس موجود اٿس، پھراڙي جي ماحول جو جنھن ۾ خاص ڪجھ مرضن ۾ وڪوڙيل آھي تہ اتي جمن ھڪ جھلڪ ھيئن پيش ڪئي اٿس:

جي پانئين ٿو جھڪو پينگ ٽئي ڪٽ ابتا اھڙا پير،
سوٽ ماسات ڦپاٽ ويڑھائي ڪر ڏينگو پنھنجو ڏير،
ھڪڑا سينٽرل جيل تي ٻيا ٻيلي چوندين ٻير،
پويان رليون گوڏ رنن کي اوھين مڙس ماڻھو دليرِ،
عزت وارن اشرافن سان ڪيو ٽاھي ٽيڪ ويرِ،
جمن ھن جھان ۾ تنھنجي ٻڌي ٿو ڪيرِ،
جن چورن ٻڌا چيرِ تن جي سڌرڻ تان صدقو وڃان.

ان ماحول کان پوءِ جيڪو اڇڪلھ جو ماحول ٿي ويو آھي تہ انتشار، پريشاني، ٻُٽ گھٽ سڃي سنڌي جي ڪجھ نہ ڪجھ قدر جيڪي ھٿ انھن سپني کي ھٿي تباھ برباد ڪري ڇڏيو آھي اھڙو ڪو واءُ گھليو آھي جو تڪ، تر ۽ پاڙي جو

لحاظ ۾ نہ رهيو آهي، ان پاڙي جي ماحول جي هڪ جهلڪ هي پڙهي ڏسو:

پاڙو ٿو ڪائي پاڙي کي پاڳل ٻڌي آ پڳ،
مائٽن منجهان متي ويئي عزازت تتي ملي.

اسان جو سندڙ ڏرتيءَ جو اجتماعي نقطو سپني کان مٿانهون آهي اهو آهي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو، ان ۾ انتها پرستي پوءِ اها سياسي هجي يا مذهبي تنهنجو اڌر هتي تتو ملي! چو ته ان جي پويان شاهه، سچل، سامي جهڙن عظيم سرجڻهارن جو پورهيو آهي هيڏانهن جهوڪ جو صوفي، متيد جي بجاءِ، مساوات، برابريءَ جو درس موجود آهي، ان سان سهمت ٿيندي سرجڻهار پنهنجو خيال هيئن ٿو پيش ڪري جنهن ۾ ڪراچي جي يا ملڪ جي صورتحال جنهن ۾ بم ڌماڪن ۾ يا ملڪ ترقي ڪندي سرفهرست اچي ويو آهي، اهو يا هنن ستن ۾ منظر موجود آهي.

فرعون ۽ قارون کي ضمانت تتي ملي،
بمبار خودڪش کي شهادت تتي ملي.

دهريا، وهابي، هاڻي شيعا سني اڳي هڻا،
تن جي يا چوڻ تي چاچا هدايت تتي ملي.

رش ۾ نہ وڃجو يارو جو ٿئي نہ بم ڌماڪو،
ڪنهن جي يا مندي ڪنهن سان سلامت تتي ملي.

ان انتشار کان پوءِ جمن پتي کي پنهنجي ڳوٺ کان ٻر ٻر تائين هڪ فڪر ورتل آهي. سنڌ ۾ 1983ع کان پوءِ هٿ وٽي پهراڙيون تباهه ڪرايون ويون. ڳوٺ تباهه ڪرايا ويا، نام نهاد ڏاڙيلن جي آڙ ۾، ان ڳوٺ ۾ جتي صدين کان ڪچهريون ڳوٺن

جون قائم دائم هيون اتي ڏور، بيت، پرولين، قصا زندهه هئا ۽ ثقافت ٻولي جو محاذ قائم هيو، پر اهو به ماحول ختم ٿي ويو ان لاءِ به هي تخليقڪار پنهنجو اڄ به پراُميد ٿو ڏسجي ته اهي ڳوٺاڻيون رس چس پريون ڪچهريون ۽ اوطاقون شل آباد رهن.

ڳالهيون ڳوٺاڻن جون اوطاقتون وسن شل،
اچي موج مهراڻ مرادون پچن شل.

پنهنجي ٿر جا ٿوهر ڪندا ليون لاٽيون،
سايون سپ هجن شل وليون ويس واڙيون،
سيئي سنڌ ساڻ سلامت رهن شل.

جمن ڀٽي وٽ زندگيءَ جو سٽو مشاهدو ۽ تجربو موجود آهي، ۽ اڄ جي نفسانفسيءَ سان گڏ اسان جو وڏو وقت فضول، غير ضروري ڳالهين ۾ ويٽي گذري وڃي ٿو. ان سان گڏ وڏو حصو ماڻهن جو هوٽلن تي ۽ هاڻ موبائيل جي دنيا بس ڪم ئي لاهي ڇڏيو آهي، وقت جو قدر اسان وٽ اجتماعي طور تي اڃا موجود نظر نٿو اچي ان جو ذڪر هيٺ پڙهي ٿا ڏسون:

گذريو وقت سارو اجائي ڪمن ۾،
اڃا وار ٿي ويا سنگت جي صدمن ۾.

وقت کان اڳي ئي ٿي پوڙهو ويس مان،
ڏکيا ڏينهن ڏاڍا رهيس ڏکن ۾.

ڪراچي جيڪو دنيا جي وڏن شهرن سان گڏ سنڌ جو به وڏو ۽ ڪمائيندڙ شهر به آهي، ڇڪ اهو به سنڌين جو شهر ئي نه هجي، اتي ٽيندڙ رتوڇاڻ جو ذڪر هيئن شاعر ڪيو آهي:

ملن ٿا لاش روزانو پيل بند ٻار ٻوريءَ ۾،
ڪچن ڇو جج نٿا قاضي انهن جو ڏيان ڪو ڪونهي.

ان سان گڏ تبديلي سنڌ ۾ نظر ٿي اچي، سنڌ جا شهر گندگي جا ڍير ٻئيل آهن، عام ماڻهو خودڪشي پيا ڪن، ٻار پيا وڪرو ڪن، امن امان، تعليم صحت اسپتالن ۾ موجود ناهي ۽ ميرن پيرن وڏيرا، جاگيردار سالن کان پوءِ اليڪشن ۾ ووٽ وٺڻ اچن اها به مظلوم عورت جي نالي تي!!

تنهن جي نانءُ تي جو وٺي ووٽ آيا
انهن جا اڇڪلهه بِغل ئي ڦري ويا
شهادت تنهنجي کان پوءِ ناحق وڃا ٿيا
مظلوم عورتن تي ڪتا ٻچيا ويا.

جمن ڀٽي سماج جي اندر ٿيندڙ چرپر تي پوءِ علمي، ادبي هجي يا سياسي ان جو سڌو مشاهدو هن جي خيالن ۾ موجود آهي، پر پنهنجي ڏرتي، سرتيءَ جو خيال هيئن ٿو پيش ڪري:

سنڌ جي متيءَ جيان آهين عزيز
سنڌ سان پنهنجو ڪو ليکو نه رهيو.

ان سڄي تناظر کان پوءِ سرجڻهار جيڪو هڪ ئي وقت تي سگهڙ به آهي ته شاعر به، هن هڪ ماحول جيڪو خاص ڪري سنڌ مان چڏي ويندڙ اسان جا سنڌي پائر هندو ۽ اتان دنيا جي ڪنڊ ۾ وڃي آباد به ٿيا ۽ اتي پنهنجي محنت سان ڪاروبار ڪندي اڄ حيثيت مجائي آڻائون، انهن جي لاءِ جيڪا سڪ، الفت هنن سِڀن ۾ سرس موجون هڻندي نظر اچي ٿي ۽ هنن ۾ شاعر ڀهراڙي جي لفظن کي جيڪي اڇڪلهه ختم ٿي رهيا آهن، تن کي استعمال ڪرڻ جي بهترين ڪوشش ڪندي هي خيال دل ۾ پيهي وجن ٿا سي پڙهي وٺون:

ور ي آءُ ڪاڪا سِڪون پيا ٿا تولئه،
پنهنجي هن پراڻن پتن جو قسم ٿئي،
سنڌ جي بازارن رستن ۽ رودن،
دڪانن درن ۽ هٽن جو قسم ٿئي!

هٿي آءُ ميندي ميهڙ جي رڱيل آ،
بلاول جي رت سان گهاٽو به رتل آ،
منهنجو شاهه عنايت ايا تائين وڙهي پيو،
مليا گهاوَ گهرا تن ڦٽن جو قسم ٿئي!

اچي سنڌالاجي ءِ ميوزم گهمي وڃ،
اڳوٽي موسيقي ماڪا کان ٻڌي وڃ،
چندر، ديول، جيوٽي، وسائي، علڻ ڏس،
وڃن فونا چينجر تن ڪيئن جو قسم ٿئي!

هي خيال فڪري اڏام جي بلندي تي نه هجن، بس آخري شاهڪار پل نه هجن پر مجموعي طور تي دل تي اثر ڇڏين ٿا جيڪا يقيناً لکندڙ جي ڪاميابي آهي ۽ جمن ڀٽي هڪ ئي وقت سگهڙ ۽ شاعر جو ميلاپ آهي!

عبدالواحد سومرو

لوڪ ادب کي نواڻ بخشيندڙ سگھڙ

خداوند ڪريم جي ڪائنات ۾ سنڌ اهو پرڳٻو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جون سڀ نعمتون موجود آهن هن سرسبز شاداب زرخيز مٽيءَ ماڻ ۾ اُها مٽيا آهي جنهن ۾ عارف بالله، ولي الله، بادشاه امير، سرمائيدار سياستدانن سان گڏ گلوڪار، فنڪار، شاعر، فقير، اديب، سگھڙ سُرتيا، سالڪ، بهادر، ارڏا، بيباڪ خوبصورت ذات ڏٺي اعليٰ رُتبا رکندڙ انسان پيدا ڪيا آهن ۽ جيستائين دنيا باقي آهي تيستائين اهڙا املهه انمولڻ، قومپرست، ڏرتيءَ جا حلالي فرزند پيدا ٿيندا رهندا انهن ذات ڏٺين منجهان اسان جو پيارو دوست محمد جمن پٽي به هڪ عجيب انسان آهي جنهن جو مالڪِ ڪائنات ذات سان گڏ انسانيت جا مڙوئي گُڻ مهيا ڪيا آهن.

سگھڙن جي دنيا ۾ هڪ منفرد مقام رکي ٿي سندي هوليءَ جا حافظ ۽ محافظ هجن ٿا، ڊرائنگ روم ۾ ويهي ڊاڙون هڻندڙ اسان جا ٻٽاڪي ادب هولي بچائڻ جي ٽلهي دعويٰ تہ ڪن ٿا مگر عملي طور ائين آهن جيئن لوڻ ڪانسواءِ پاڇي پچائجي. پر سگھڙ ائين نہ آهن هنن عملي طور ڪم ڪري لوڪ ادب کي هڙان وڙان سهرا پارايا آهن محمد جمن پٽي انهن باعمل سگھڙن منجهان هڪ آهي.

محمد جمن پٽي لوڪ ادب جي ميدان ۾ نرالي انداز سان لفظن جي زوردار ٽڪراءُ جي صورت ۾ اڇي لٽو آهي، هن پنهنجي خوبصورت خيالن ذريعي لوڪ شاعريءَ تي اڻ مٽ رنگ چڙيا آهن، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ کان پوءِ جلال ڪٽيؒ آيا ۽ پوءِ سدا حيات سگھڙ استاد محمد ملوڪ عباسيؒ کان پوءِ محمد جمن پٽي به اهڙو ذات ڏٺي آهي جنهن کي لکڻ سان گڏ

چوڻ جي ۾ سڀي صلاحيت عطا ٿيل آهي، هي ساڃاهه وند سگهڙ حقيقت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جلال ڪٽي، استاد محمد ملوڪ عباسي جو سچو ۽ پڪو پيروڪار آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ مزاحيه، ڪان وڌي حقيقت، حسن پرستي، مزاج جي منزل ماڻڻ سان گڏوگڏ ڏرتيءَ تي ٿيندڙ زيادتين جو به ازالو ڪيو آهي. جنهن جي پڙهڻ ڪان پوءِ چٽيءَ طرح ڄاڻ ملي ٿي ته جمن جي جوشيلن جذبن ۽ سانگين جي سورن هن کي مزاحمتي شاعري لکڻ تي پڻ مجبور ڪيو آهي.

لوڪ ادب کي نوان بخشيندي هن ٻاونجاهه اکري، ڏٺ پرولي، نالي سان گجهارت ۽ بيتن جي برسات ۾ وسعت بخشي آهي، جيڪا ماڻوڪي نئين ٿهي جي سگهڙن ۾ اهڙو مثال مشڪل ملي ٿو. ماڻهو مولودن، غزلن جون ۽ چار چوپڙيون چپرائي ستن ڪتابن جو خالق ته سڏرائن ٿا. مگر محمد جمن وانگي ثقافتي شاعري جو رنگ پرڻ مشڪل آهي. محمد جمن نه رڳو مزاحمتي سگهڙ ذات ڏٺي ۽ لوڪ ادب جي لکڻ جو ماهر آهي پر الله تعالي هن کي ڪچهري جي ڪاروائي ٽلائڻ سان گڏوگڏ خوبصورت ادائگي سان پڻ نوازيو آهي. مون کي اميد آهي ته سندس جو ڪتاب "چڪر مال جو آ" وڏي اهميت ماڻيندو ۽ پوليءَ ۾ نوان جي حساب سان هڪ اضافي رقم باب ٻڌبو ۽ سندڙ واسي هن جو پورو پورو قدر ڪندا، اميد ٿا رکون ته محمد جمن اڃا به ڪيئي انمول هيرا قوم جي هٿن تائين آڻڻ ۾ ثابت قدم رهڻ ۾ ڪامياب قدم کنندو ۽ منزل مراد ماڻيندو ۽ سائين رحيم بخش قريشي، محمد ايوب جوٽيجي جو سدائين سات رهندو آمين. سات سلامت سگهڙ سلامت

دعاگو

خادم الفقراء

سگهڙ فقير محمد مٹل جهتيال

ڳوٺ گاجي جهتيال

25-03-2011

شاعريءَ جو مسافر

شاعري هڪ آهه جو آلاپ آهي. شاعري روح جي ديس جو هڪ پکي آهي شاعري جو پکي ڪنهن پٽڪيل مسافر وانگر منزل جي تلاش ۾ مسلسل هلندو رهي ٿو ها اُها منزل جنهن تي ماڻهو جڏهن تمام گهڻين مشڪلاتن کان پوءِ رسي ٿو تہ انهيءَ منزل جي سرحد تان وري ڪنهن بي منزل جا گس ۽ پيچرا پاڻ ڏانهن آواز ڏين ٿا شاعري جي منزل ڪهڙي آهي؟ شايد ڪو ڄاڻندو هجي پاڻ تہ شاعري جا مسافر آهيون انهيءَ سفر ۾ اسان جو هڪ همسفر بيحد پيارو ۽ سپاجهو شاعر ۽ سگهڙ محمد جمن پٽي ب آهي. انهيءَ سفر ۾ محمد جمن پٽي پاڻ سڻو ملهائي رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي ادب جي گلستان ۾ هن هڪ ڪتاب جي صورت ۾ واڌارو ڪيو آهي. جيڪو قابل تعريف آهي. سندس کي واڌايون هجن. محمد جمن پٽي جي شاعري ۾ اُهي سڀ ڪيفيتون موجود آهن جن جو سڌي طرح تعلق زندگي. محبت قوم ۽ پنهنجي وطن سان آهي محمد جمن شاعر سان گڏ هڪ سنڌ جو نامور سگهڙ ب آهي.

هن لوڪ ادب جون سموريون صنفون لکيون آهن ڏور بيت هجي يا ڪجهارت. ڏهس سينگار هجي يا صفاتي سينگار. هنر گروچيلو. ڏڻ پرولیون هجن. مولود مداحون هجن يا گلدستا واقعاتي بيت. پهاڪا گفتي جا بيت هجن يا تنز و مزاح ۽ مناظرا. ان کان علاوه هن دوست ٻاونجاهه اکري لکي آهي. جيڪا لوڪ ادب ۾ نواڻ آهي. مطلب تہ محمد جمن سگهڙ پائي جا سمورا فن لکيا آهن محمد جمن کي شاعر ۽ سگهڙ ٻئي نالا وڏي فخر سان سڏي سگهجن ٿا. محمد جمن سان گهرائپ منهنجي اٽڪل پنجن

سالن کان ٿيندي انهن پنجن سالن ۾ مون هن کي مسڪرائيندو ڏٺو آهي. محمد جمن هڪ اوطاقي جوان سخي مرد تڏي جو تونگر آهي وٽس هر روز ڪٽان نہ ڪٽان جو مهمان اوطاق تي روز ترسيل هوندو آهي. محمد جمن جو چوڻ آهي تہ مهمان جي اچڻ سان الله پاڪ روزي ۾ برڪت وجهندو آهي ۽ مهمان پنهنجو رزق پاڻ سان آڻيندو آهي محمد جمن هڪ ڪان مهمان وڏي اچڻ سان اڃان بہ خوش ٿيندو آهي ڪڏهن بہ مون هن سخي مرد جي منهن ۾ مايوسي ڪانہ ڏٺي آهي. محمد جمن جيڏي محل استيج تي مزاحيا شعر پڙهندو آهي تہ محفل کي چار چند لڳي ويندا آهن. ڪيڏو بہ ڪٺور دل انسان هوندو آهي تہ بہ محمد جمن جي مزاحيہ شاعري ٻڌي، بي انتها کلي پوندو آهي، منهنجي دعا آهي تہ الله سائين محمد جمن جي حياتي ۽ شاعري ۾ اڃا بہ واڌارو ڪري جيئن اڃا بہ اهڙا ڪيئي ڪتاب لکي تحفي ۾ ڏئي.

دعاگو

محمد لقمان ڪوڪر

حساس دل رکندڙ سگھڑ

هر دور جو ادب پنهنجي اندر صالح رجحان رکي ٿو، جيستائين انسان هن زمين تي آهي تيستائين ادب ۽ فن جا ڪاروان هلندا رهندا ۽ اُن ڏس ۾ تنقيد ۽ تحقيق ٻ ٽيندي رهندي، اسان جي سڀاجهي سنڌ جي سرزمين عالمن، مفڪرن، شاعرن، دانشورن، سياڻن ۽ سگھڑن سان ڀري پئي آهي، جن وادئ مهراڻ جي موجن ۾ منهن وجهي اُهي الماس ۽ بي بها من موهيندڙ موتي منظرِعام تي آندا آهن، جن کي سنڌ سدائين ياد ڪندي رهندي. سگھڑائپ ۽ شاعري ۾ محمد جمن پٽيءَ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ خوب پنهنجو پاڻ مڙايو اٿس، هن شاعر سگھڑ تقريباً ٻن ڪتابن جو مواد ٽورڙي عرصي ۾ قلم بند ڪيو آهي، اڃا ٻ هي دوست لکندو رهي ٿو. محمد جمن پٽي حساس دل، من موهيندڙ سدائين خوش رهندڙ شخص آهي. ڪڏهن ٻ هن دوست ڪنهن جي دل آزاري نه ڪئي، مان سمجهان ٿو ته واقعي هڪ هيرو آهي، خاص منهنجو ته ٻانهن ٻيلي آهي، ڪابہ صلاح مصلحت چاهي ڪچهري ڪرائڻي هجي يا ڳوٺ جي مسئلن تي ٻ هي يار هڪ مضبوط ٿنبي وانگر آهي ۽ مرد مجاهد آهي، هن دوست لاءِ مون وٽ جيءَ ۾ جايون آهن ۽ هميشہ رهنديِ ۔ الله پاڪ سندس کي روحاني فيض عطا ڪري آمين.

حاجي رحيم بخش قريشي
ڳوٺ پير باجدي
جام شورو

بابا سائين جي نانءُ

سنڌ ڌرتي سدائين ماڻڪ ماڻهن ۽ عظيم شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن ادبي، علمي، سياسي، سماجي خدمتن ڪاوشن پنهنجي ڪردار ذريعي ڌرتي ۽ قوم جي خدمت ڪري پاڻ ملهايو آهي.

جام شورو شهر جيڪو ٽڏڙن هوائن علمي مرڪز طور سڃاتو ويندو آهي ۽ علمي درسگاهن جيڪري بہ سڃاتو ويندو آهي ۽ ڪيترائي اديب ، دانشور، مفڪر هن شهر جوسونهن بڻيل آهن، ۽ ان شهر جو عوامي شاعر حاجي محمد جمن پٽي جي ذات مزاحمتي ۽ اصلاحي قومي شاعري جو روپ ڌاري وطن ۽ قوم جوآواز بڻجي هميشہ وطن دشمن ڌرين لاءِ للڪار بڻيو آهي.

شاهنواز پٽي جي گهر ۾ جنم ونڊڙ بابا سائين نندپڻ کان سنجيده طبيعت ۽ ذهين هوندو هو، شادي کان پوءِ وقت ۽ حالات جي ڪري پنهنجو اباڻو گهر ڇڏي روزگار سانگي 1990ع ڌاري جام شوري ۾ اچي رهائش پذير ٿيا، بابا سائين پنهنجي شاعري جي شروعات 2000ع ڌاري ڪئي ڪيس شاعري ۽ سگهڙائپ جو تہ نندپڻ کان ئي شوق هوندو هو پر شاعري جي باضابطہ شروعات 2004ع ڌاري ڏاڏا رحيم بخش قريشي جي اوطاق تان ڪئي.

جتان بابا سائين جن علم، ادب جي ڪافي ڄاڻ بہ حاصل ڪئي ۽ اتي ڪيس ادبي ذوق رکندڙ ۽ شاعر ۽ سگهڙن جي صحبت نصيب ٿي، ۽ ڪوڙ سارا سٹا دوست بہ مليا، جن ۾ ڏاڏا رحيم بخش قريشي، چاچا حسن علي هتار، چاچا ايوب جوٹيجو، چاچا الهڏنو بروهي، ادا نديم عمراڻي ۽ پيا بہ ڪافي دوست شامل آهن.

بابا سائين جن کي سنڌ جي مڃتا ماڻيندڙن ۾ نامياڻن شاعرن، اديبن، دانشورن جنهن ۾ استاد بخاري، احمد خان مدهوش، تاج جويو، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ڪچهري جو شوق حاصل ٿيو.

بابا سائين پنهنجي شاعري ۾ امن، پڌي، محبت، سونهن ۽ سنڌ ڌرتي جي مسئلن جي وڏي پئماني تي اپٽار ڪئي آهي ۽ مزاحمتي رُخ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار سگهاري نموني ڪيو آهي.

بابا سائين شاعري ۾ حمد، نعت، غزل، گيت، نظم، وائي، چؤسٽا تي طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ عشق سان گڏ امن ۽ انسان دوستي جو به درس ڏنو آهي.

مان پنهنجي والد صاحب جيان ڪو شاعر، سگهڙ يا ليکڪ ته نه آهيان، پر سندس زندگي ۽ فن بابت ڪجهه ويچار سوچيم ته اوهان دوستن سان وندياڻن، پنهنجي زندگي جا 24 سال سندس شفقت ۾ گذريا آهن، انتهائي پيار ۽ محبت ڏنائين ايترو جو ان محبت جي مٺاس ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، اولاد سان گڏ سندس رستو اسان سان هڪ سڀي دوست وارو به آهي. جيڪو هميشه اسان جي رهنمائي ڪندو رهندو آهي، ڪڏهن به ڏڪو يا مار نه ڏنائين، هميشه غلطين بابت به پيار سان سمجهائيندو آهي، سڄي زندگي ۾ مون بابا سائين کي ڪڏهن به ڪوڙ ڳالهائيندي نه ٻڌو آهي، سندس دل ۾ ڪڏهن به ٻئي لاءِ ٻيائي محسوس نه ڪيم پيار محبت امن ۽ وطن جو پروانو آهي، هر ڪنهن کي پنهنجي محبت سان نوازي ٿو، بابا سائين ۽ چاچا رحيم بخش قريشي جڏهن به اوطاق تي ڪو ادبي پروگرام ڪ ائيندا آهن ته گوٺ جا ڪيترائي ماڻهو اوڙو پاڙو ۽ شاعر،

سگھڑ اديب ۽ دانشور ۽ ايندا رهندا آهن. اهو سلسلو اڃا تائين روان دوان آهي.

بابا سائين کي سرڪاري سطح تي ۽ دعوتون ۽ ملندیون آهن جنهن ۾ قلندر شهباز جو ميلو، لاکيڻي لطيف سرڪار جو ميلو ۽ پيا ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا پروگرام جنهن ۾ بابا سائين ۽ شوق سان سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ شرڪت ڪندو آهي.

بابا سائين کي ڪيترائي ميڙتا جا ايوارڊ ۽ مليا آهن، بابا سائين تنظيمي حساب سان ۽ گهڻي ڇاڻ جا مالڪ آهن پاڻ سنڌ سگھڑ لوڪ ادب تنظيم جو خزانچي جي عهدي تي ۽ ڪم ڪري ٿو.

مان آخر ۾ اهو ضرور چوندس تہ الله پاڪ اسان کي بابا سائين جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق ۽ طا ڪري تہ جيئن اسان ۽ سنڌ ۽ سنڌي قوم ۽ انسانيت جي خدمت ڪري سگھون.

اگر جي لکڻ ۾ ڪا ۽ غلطي ٿي هجي تہ براءِ مهرباني ڪري غلطي کي نظرانداز ڪري معاف ڪندا.

علي جان سنڌي
ڳوٺ پير باجدي
ڇامر شورو

پنهنجي پاران

نگاهِ ڪرم گهر ايڏو جو قسمت تمام ٿي وڃي
جنت جا در ڪلي پون دوزخ وسامجي وڃي.

ڪروڙين ڪرم ان مالڪ جا جو تمام جهانن جو پالڻهار آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي صدقي ۾ مون تي جيڪا رب پاڻهه ڪئي آهي اُها منهنجي اوقات کان مٿي آهي. مون کي الله سائين محنت ڪش مان پيدا ڪيو آهي مون کي پنهنجي محنت مزوريءَ تي فخر آهي مان رب جي پاڻهه مان خوش آهيان، جو سندن گهر ڪعبة الله ۽ سهڻي حبيب جي درٻار ۾ الاهي چار دفعا منهنجي حاضري قبول پئي آهي دنيا ۾ جيئڻ صرف پنهنجي لاءِ اهو ڪنهن بيوقوف جو ڪم آهي انسان کي هر وقت ٻين جي ڪم اچڻ گهرجي، هن سهڻي سنڌ ڏرتي تي کوڙ ماڻهو اهڙا آهن جن ٻئي لاءِ پاڻ کي وقف ڪيو آهي، اهڙا ماڻهو ٿورا آهن پر گهڻن کان گهڻو ڪجهه ڪندڙ آهن، چگائي ڪرڻ الله سائين جي سنت آهي شاعري قدرت جي مليل ذات هوندي آهي، جيڪا هر ماڻهو کي نه ملندي آهي، پر شاعر پنهنجي شاعري کي صحيح استعمال ڪري نه ته گناهه جو ٻه سبب ٻه ٻڌجي سگهي ٿو. شاعري سماجي براين جي نشاندهي ڪرڻ، ظالم کي سچ چوڻ ۽ جنهن ڏرتي تي رهجي ٿو ان ڏرتي جو حق ادا ڪرڻ ۽ ظالم حڪمرانن کي سچ چوڻ ۽ محبوب جي حسن اخلاق جي ساراهه، الله پاڪ جو حمد لکڻ ۽ لفظن کي سٽو گهڙي پيش ڪرڻ کي شاعر چئبو آهي.

مون گهڻو وقت سگهڑن سان گذاريو آهي، جن جي شاعري ۾ گهڻي روانگي نظر آئي مان سگهڑ محمد ملوڪ عباسي کان گهڻو متاثر ٿيو آهيان، مون سگهڑائپ جي شروعات حاجي رحيم بخش قريشي جي اوطاق کان ڪئي. سگهڑن جي ڪچهري ۽ سگهڑن جي شاعري ڏور، هنر، پهاڪو، سينگار، حمد، ڳجهارت ۽ ٻين صنفن کان متاثر ٿيو آهيان. حاجي رحيم بخش قريشي وٽ گهڻا شاعر سگهڑ ايندا هئا سندن اوطاق تي ديدار سيال مليو، جنهن کي مون شاعري ۾ ۽ نالي سان ڳجهارت پنهنجي ٺهيل ڏني جيڪا صنفن ۾ نوان هئي ڳجهارت سڄي ٿيڻ کان پوءِ ديدار منهنجي چوٽ تي همت افزائي ڪئي ۽ منهنجي وک وڌڻ لڳي ان کان پوءِ منهنجي واقفيت عاجز رحمت الله لاشاري سان ٿي، تنظيم سلات ۾ مرڪزي خزانچي طور ڪم ڪيو، مون کي سنڌ جي سگهڑن سڻي عزت ڏني مان جن سگهڑن جي فن مان گهڻو متاثر آهيان تن ۾ ديدار سيال، محمد مٺل جهتيال، لقمان کوکر، قائم الدين، سهتو، غلام حسين باجاري ۽ سنڌ ۾ تمام وڏي پائي جا سگهڑ ٻيا ب موجود آهن. سگهڑائپ جو فن ٻولي ۽ ثقافت جو اهم مورچو آهي. سگهڑ ٻولي جا سفير ۽ ٻولي جو بچاءُ ڪندڙ آهن گهڻا ماڻهو چوندا آهن ته ڳجهارت ڏيڻ ۽ ڪيڻ جو ڪهڙو فائدو پر ڳجهارت سان ٻولي جو ورجاءُ ٿيندو آهي جيڪو عام ليکچر يا ٻين ڳالهين ۾ ناهي، مان سمجهان ٿو ته اگر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت ڪلچر کي بچائڻو آهي ته پوءِ سگهڑن جي پٺ پرائي ڪرڻ لازمي آهي سگهڑن لاءِ جيڪو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪيو آهي، اهو ڪم چوٽ جو آهي مون سائس ملاقات ڪئي، تمام ڏاهو ماڻهو هو سگهڑن جو فن هن مهل ڪير ڪٽي ڪري سهيڑي. پر الله ڪري ڪو اهڙو ماڻهو پيدا ٿئي لطيف سائين جي بيتن جا پارکو ۽ ٻولي سمجهڻ وارا سنڌ ۾ کوڙ

آهن، پر سليم پٽي صاحب جهڙو شايد ڪو هجي، سليم پٽي صاحب سان ڪچهري ڪرڻ ائين سمجهه ته هڪ وڏي لائبريري ۾ ڇڻ ويهڻ جي برابر آهي سليم پٽو مذهب، سياست، ادب ۽ لطيف سائين جو پارکو تاريخدان گهڻ رُخو شخص آهي. مون کي هن مهل تائين 13 سال هن سان ڪچهري ڪرڻ جو شرف حاصل آهي. سليم پٽو صاحب سڀ ڪنهن سان ڪِلي ڳالهائڻ، هر ننڍي وڏي کي عزت ڏيڻ ۽ دل کولي ڪچهري ڪندو آهي، گهڻن اديبن ۾ شايد ائين نه هجي.

زندگي ۾ ڪي نوان دوست مليا ۽ ڪي ننڍپڻ جا دوست، پر دوست ته دوست آهن، حضرت علي ڪرم الله وجه جو قول ته جن جا سٽا دوست ۽ گهٽا آهن اهو ماڻهو غريب ناهي رسڻ ۽ پرچڻ دوستيءَ جو اهم حصو آهي، جنهن منجهان گهڻو تجربو حاصل ٿئي ٿو، منهنجي دوستن ۾ سڪندر علي سومرو، الاهي بخش جمالي، لعل بخش لغاري، امير علي چنو، ڊاڪٽر حبيب الله جمالي، شاهه محمد جماني، محمد لائق جمالي، عبدالرحيم جمالي، امير حمزو خان ۽ علي گوهر لغاري صاحب، جيڪي اسڪول جي زماني کان وٺي ادب سان واسطو ۽ شوق رکندڙ هئا.

چاچا حسن علي هتار ۽ ندیم عمراڻي سان دوستي ٿي ته لوڪ ادب ۽ شاعري لکڻ جو شوق پيٽو ٿيو. بزم روح رهاڻ ۾ محمد ايوب جوٽيجي سان گڏجي وڃڻ ٿيندو هو جتان گهڻو ڪجهه سکي موٽبو هو حميد سنڌي صاحب کي لک رحمتون هجن جيڪو هر آچر تي هر حال ۾ پروگرام هلائيندو اچي ٿو.

ڪوٽڙي ۾ قاضي بدرالدين ڏي وڃڻ ٿيندو آهي ته لک قرب ملندا آهن، جام شورو ڪاڪ تي الهڏنو بروهي ۽ ڪبير لولائي به سٽا دوست مليا. سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ محمد

علي گهانگهرو مليو ته استيج سيڪريٽري جا به ڪجهه گر سکي ورتم عبدالستار عبد مگسي سان دوستي ٿي ته شاعري ڪرڻ جو اڃا به حوصلو وڌيو. لعل سائين جي زيارت تي سيوهڻ وڃڻ ٿيندو آهي ته غلام رسول سولنگي، غلام رسول حاجاڻو، وڏيرو محمد بچل مون کي روح سان پائيندا آهن مان ٿورائتو احمد خان سهاڳ صاحب جو به آهيان. جيڪو هر ڪچهري ۾ ڏاڍي عزت ڏيندو آهي. محترم درمحمد ڪمال جو به ٿورائتو آهيان. چام شوري ۾ محمد ايوب لغاري، ڊاڪٽر مرتضيٰ، حافظ عبدالقادر چلگريءَ، ارڏو اترادي معشوق ٿيبو، سائين بخش لاکو، گلشير سولنگي، روشن جويو، محمد صديق جويو صاحبن جا وڏا قرب. آخر ۾ مان تمام گهڻو ٿورائتو آهيان محترم قاضي خادم صاحب، محترم عبدالحميد سنڌي صاحب، محترم سائين سليم پٽو لطيفي صاحب، محترم سگهڙ محمد مٺل، محترم محمد لقمان صاحب، محترم عبدالواحد سومرو، چاچو رحيم بخش قريشي صاحب جن منهنجي شاعري تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو، مان چام شورو ۽ ڪوٽري جي صحافين جو به گهڻو ٿورائتو آهيان. پنهنجي اولاد لاءِ عرض ڪندس ته هر ماڻهو سان محبت سان پيش اچن ۽ ماءُ ۽ پيءُ جي لاءِ هر نماز ۾ مغفرت جي دعا گهرن.

~

محمد جمن پٽي

چام شورو

ڏکر مال جو

[لوڪ ادب ۽ مزاحمتي شاعري]

حمديه "مناجات"

اي منهنجا خدا، ڏي مون کي شفا سچي سردار جي صدقي،
ڪر معاف مون کي سڀ کي مٽي منٹار جي صدقي،
جنهن سان بہ ڪيو تو آ گهٹو پيار جي صدقي،
هن ڪربلا جي قافلي ڪتار جي صدقي،
ساراهم تنهنجي سائين هڪ عمر ڪندي چا؟
وڻ قلم سمنڊ مس ڪجن پوءِ بہ مٽي آ.

مختار آهين مالڪ تون بخشي بہ سگهين ٿو،
ٻانهن جي خطا ڏيڪ ڏيئي ڏيکي بہ سگهين ٿو،
ٻلا ڪير پچي توکان، تون پچي بہ سگهين ٿو،
محبوب جي صدقي مٿ چڏي سائين، سگهين ٿو،
ڪهڙا بہ هجون ڪوجها، تہ بہ ٻانها آهيون تنهنجا،
مخلوق مڙئي تنهنجي پيا عرض ڪيون پنهنجا.

ساهم جي رڳن کان بہ آهين سائين تون ويجهو،
سڏ ڪهڙا ڪجن ناهين پري، رحم سان ريجهو،
بندي جو ڪهڙو حال سوا تنهنجي آ ڪنهنجو،
ٿو قبر ۽ حشر ڏينهن ڪپي ڪرم ڪو تنهنجو،
الله تون عادل، عدالت نہ گهرون ٿا،
بس رحم ڪپي سائين توکان ڪرم گهرون پيا.

ڪل صدقي ولين جي ذڪر جو قسم اٿئي،
سهڻي شاهه پٽائي جي فڪر جو قسم اٿئي،
ء مُهر نبوت جي منور جو قسم اٿئي،
ياسين طٰهٰ قرآن دفتر جو قسم اٿئي،
گنهگار وجهي يار دوزخ ۾ ڪندين ڇا،
رحمٰن ء رحمت جي اها آ نه تقاضا.

الله، فجر، ظهر ء عصر جو قسم اٿئي،
معصوم ڳلي خون خدا اصغر جو قسم اٿئي،
حسين جي حال سجدي سر جو قسم اٿئي،
قاسم جي ڪٺ گهوٽ حيدر جو قسم اٿئي،
"**جمن**" جي خطا جامي خدا، خالق تون ڇڏي ڏي،
ڪر معاف سيئي ذاتيون ء "**يٽي**" به گڏي ڏي.

--◊--

حمديه "مناجات"

ڪل خلق جا خالق هي منهنجي صدا سائين پوري ڪر.
ظالم جي گهيري کان مون کي هر ڪنهن کي بري ڪر.
مخلوق پنهنجي تي نه ڪڏهن قهر ذري ڪر.
محتاج مون کي خلق جو ڪڏهن نه وري ڪر.

هر حال ۾ هر ڳالهه ۾ توکي هي خبر آ.
سڀ زير آهيون تنهنجا مٿان تنهنجو زبر آ.

يونس کي مڇي پيٽ مان توئي ته بچايو.
يوسف کي ڪڍي کوهه مان تو تخت پچايو.
هڪ جاءِ تي کارو تو مٺو بحر وهايو.
حسين کي تنهنجي ئي خدا عشق ڪهايو.

ڇا ڇا مان لکان مانُ وڏو شان آ تنهنجو.
هٿ منهنجي قلم تي وڏو احسان آ تنهنجو.

فرعون جو مصر ۾ اڇا لاش رکيو آ.
ظالم نه هتان جو ڪو اتان سڀ [illegible] آ.
ڪر معاف خدا قهر تنهنجو ڏيڻ [illegible] آ.
[illegible] جي هوندي پوءِ به [illegible] آ.

سورن جي خبر خالق اڪبر تو [illegible].
ڪر بخش تو عيبن ۾ گهٽا ڏيهن [illegible].

اي منهنجا خدا مونکان جدا نہ پنهنجو ذڪر ڪر،
بس پنهنجي محبت جو گهٽو مون تي اثر ڪر،
صدقي تون محمدؐ جي مون تي مِهر نظر ڪر،
رحمت سندا مينهڑا مٿان ڪارا ڪڪر ڪر.

چاٹين ٿو مونکي توکان ڪهڙو حال لِکايان،
تنهنجو ئي آهيان توکان سوا ڪنهن کي ٻاڌايان.

ڪل بِحر فلڪ ۾ وڏو لشڪر ٿو هلائين،
پٿر ۾ لکل جيت کي روزي ٿو رسائين،
آ راز مگر راز ۾ ڪنهن کي نہ ٻڌائين،
محبوب کي منڌن ۾ مٽي عرش گهرائين.

پري جهول محمدؐ جو ٿمڌار ڏنو تو،
بخشين ٿو گنهگار ٻيڑو پار ڏنو تو.

بنا تنهنجي حڪم کان نہ هوا ڪک اُڏائي،
طاقت نہ بنا پائي ڪو عرش اڏائي،
حاجت نہ سليمان جي هڪ روز کارائي،
اعداء کان سواءِ تنهنجي ڪو عيسيٰ کي بچائي.

جمن جي شفاعت کي خدا ڪاملا آٿاء ڪر،
بس ڪرم ڪپي سائين مون تي مهر نظر ڪر.

--◇--

مدح رسول الله ﷺ

وري وارو وري ٻيهر ٿيان مهمان مديني ۾،
صلوات پڙهان سائين قرآن مديني ۾.

محبوب گهٽا ٻيا پي معشوق زماني ۾،
ء لعل لکل هيرا سونا ۽ خزاني ۾،
سڀ صدقي سڃڻ جي آ، هي شان مديني ۾.

سڪ سمند جيڏيءَ کي مان سيني ۾ رکان ڪاٿي،
محبوب ملڻ لاءِ مان، مشتاق آهيان جاٿي،
ڪيان گهور وڃي گهوري، سرجان مديني ۾.

گهر ٻار ڪيان صدقي، اولاد سوڏي سائين،
هڪ نظر نهاري جي، هڪ منٽ پلڪ تائين،
سڀ اهنج وڃن اتري، ايمان مديني ۾.

جن جا ٿي **جمن** جاني صلواة پڙهي هوندي،
تن تا ٿي **ينّي** پائو، اميد لڳي هوندي،
محبوب ٻڌي ٿو هُت، سبحان مديني ۾.

--◇--

"مدح رسولِ عربي ﷺ"

سڀ ڪجهه ملي ٿو مٿي منڌار جي صدقي،
خدا راضي آ، پنهنجي دلبر يار جي صدقي.

نه ٿيون شڪليون بدلجن اڄ به هن ڪرتوت سڀ ڪارا،
سهارو ميار مرسل جو انهيءَ دلدار جي صدقي.

پڙهون سهڻي نبيءَ تي ٿا اهائي لات پياري آ،
محمدؐ ميار مرسل تي سهڻي صلوات جاري آ.

دنيا ڪيڏي وڏيا ماڻهو رزق سڀ کي ملي پيو ٿو،
سمنڊ جي تهه اندر تنهن کي اتي ان کي ملي پيو ٿو.

جبل جهرجهنگ پٿر پاهڻ ان ۾ جيوت پلي پيو ٿو،
وٽي جيڪو کائي سيڪو نه ڪنهن کي ڪو جهلي پيو ٿو.

آ شفقت سان سمورن کي لائي رهبر ڳلي ٿو پيو،
ڪري ڪو ٻاجهه ٻاجهارو ٻولي ٻهڪڙ ٻولي پيو ٿو.

خدا آخر اول آهي بندو جهولي جهلي پيو ٿو.

ٿئي زيارت مديني جي دعا هي درد واري آ،
محمدؐ ميار مرسل تي سهڻي صلوات جاري آ.

گناهن ۾ غرق آهيون نڪي تبديل تصويرا آ،
آهي رحمت محمدؐ جي اها رحمت اڪسيرا آ.

خدا جو ڪرم آ ڪافي نڪي ڏڪي هي دلگيرا آ،
ڪيل ڪم اهڙا به آهن ته ڪرن پٿر مٿون وارا آ.

قيامت آ قيامت ۾ اڄ آهي نڪي ديرا آ،
سهارو آ سڄن تنهنجو سواءِ تنهنجي سڄڻ ڪيرا آ.

آهيون تنهنجا نڪي ٻئي جا تڏهن شيطان ٿيو ويرآ.
صبح سانجهي آڏي مانجهي تنهنجي محبت موچاري آ،
محمدؐ مير مرسل تي سهڻي صلوات جاري آ.

دنيا خلقي خدا جنهن لاءِ اهڙو رهبر نہ ٻيو ٿيندو،
سيئي محبوب هڪ پاسي اهڙو دلبر نہ ٻيو ٿيندو.
شفاعت ۾ عنايت ۾ اهڙو اڪبر نہ ٻيو ٿيندو،
حشر ۾ حامي آ سڀ جو اهڙو بهتر نہ ٻيو ٿيندو.
دعائون سجدي ۾ گهرندڙ امت خاطر نہ ٻيو ٿيندو،
پگهر جنهن جي ۾ خوشبو آ اهڙو عطر نہ ٻيو ٿيندو.
حسينن ۾ حسين آهي هن جو همسر نہ ٻيو ٿيندو،
آيو عربي وسي رحمت بهارن ۾ بهاري آ،
محمدؐ مير مرصل تي سهڻي صلوات جاري آ.

نہ ٿيو برداشت موسيٰ کان جهلڪ هئي طورسينا کان،
محمدؐ جي ڪري معافي ملي آدم کي مينا کان،
چمڻ مهر نبوت جو ورتو ويو ڪم بهانا کان،
بنيءَ جو نور ٿيو پيدا گهٽو اڳ ۾ زمانا کان،
جمن محبت محمدؐ جي مون کي بچپن جوانيءَ کان،
ملي صحبت محمدؐ جي غلامن جي غلاميءَ کان،
پلو يانيان دنيا ساري پلائي تو سيکاري آ،
محمدؐ مير مرسل تي سهڻي صلوات جاري آ.

--◇--

منقبت علي رضہ

ڪاب ڪنڊ خالي نہ آ ذڪرِ خدا هر عام ٿو ڪري،
علي جو قدم آ زمين تي آسمان ۾ سلام ٿو ڪري.

علي ؑ جي دڙڪي سان دوزخ وسامجي سگهي ٿو،
جنت جو دربان مومنن جو انتظام ٿو ڪري.

بنا درود جي دعا منزل ڪري فلڪ تي بيهي وڃي،
پڙهہ درود دعا حاجتِ روا ايام ٿو ڪري.

علي جي نور هجڻ جي باري ۾ ستاره مريخ کان پڇ،
ڏس شانِ خداوند ڪريم جو ستارن ۾ نظام ٿو ڪري.

شهادت جو نہ هو محتاج علي حيدر مگر ڪڏهن،
شهادت جو اهو رتبو علي وٽ پاڻ کي غلام ٿو ڪري.

سخا ۾ علي جي مٽ نٿو سمجهان **جمن** جهان ساري ۾،
سخا ۾ سلسلو سارو علي ؑ وٽ ڪل قيام ٿو ڪري.

--○--

سينگار "نظم"

تنهنجي سونهن تي ڪن پتنگ هي پچارون،
هي نوراني آ چهرو هرن لاڻ لارون،
ڏسڻ لاءِ حيران پريون ڪن قطارون،
هي بيوس بندن جون توکي ٿئي پڪارون،
گلابي گلن ۾ آ لالاڻ ڪنهن جي،
سيني گلن ۾ آ، ڳاڙهاڻ تنهنجي،
سيني نبين جو سردار تون آ،
جنت جو وارث مختيار تون آ،
محبوب تون آ، منڌار تون آ،
باغن ۾ خوشبو، گلزار تون آ،
مبارڪ چهري تان پردا جي هٽندا،
سوين چند چمڪن پورا ڪين پوندا.

ڪلن زلف تنهنجا ڪڪر ڪارا ٿيندا،
قمر شمس ڪتيون تارا ڏکجي ويندا،
وراڪا واسينگن سُري سپ پوندا،
اليهر تلهير ڪاريهر ۾ چوندا،
سڃڻ وار پنهنجا قابو ڪري ڇڏ،
پهريدار چهري کان پاسي ڪري ڇڏ،
تم ملي ديد دلبر ديدار ٿئي ڪو،
چُمان پٽيون پيرن پيزار ٿئي ڪو،
منهنجي منهن چپن جو سينگار ٿئي ڪو،
ڪلي دل جي مڪڙي اظهار ٿئي ڪو،
جي اکين جا اشارا الار ٿيندا،
سوين چند چمڪن پورا ڪين پوندا.

مٹا مور مرڪين ۾ ماڻو ٿو ماري،
لبِ لِوز مکڻ چاڻو ٿو ماري،
تون آن لال هيرو داڻو ٿو ماري،
منهنجو محب مٺڙو راڻو ٿو ماري،
تنهنجي سونهن ساڻ آبادیون آهن،
مٹا مٽ دنيا جون نہ شهزادیون آهن،
پلي ڪو سنواري پنهنجي سينڊ ساري،
ڪنگا تيل ڦٽيون ڪجل کي ۾ ڏيکاري،
ساوا پيلا سنهڑا ڳاڙها ويس واري،
جهالا ۽ جهومڪ چلا چير ڏاري،
جي ڪئي نيڻ نازڪ ۾ ڪِري قدمِ چوندا،
سوين چند چمڪن پورا ڪين پوندا.

نظر ناز وارا اکيون ماڻڪ موتي،
پٻٽيون پري کان ڏسن پيا لاهوتي،
اکين سان ڪهين ٿو ڪنبي پئي ٿي ڪاتي،
هي عاشق ڏسن ٿا پائي توڙي جهاتي،
سڄي عمر سهٹا درشن تنهنجو ٿئي،
ڪٿي هي حياتي ۾ جمڻ پنهنجو ٿئي،
ڏٺو روبرو جنهن ۾ توکي جاني،
اصحاب ٿي ويا تنهنجي مهرباني،
مٹا مٽ ناهي تنهنجو ڪوبہ ثاني،
عرشِ فلڪ تي تنهنجي خان خاني،
جي ناخن پيرن جا ذرو ظاهر ٿيندا،
سوين چند چمڪن پورا ڪين پوندا.

مَلَکَ جِنّ ماڻهو بہ حيران آهن،
دندان چمکن تہ شمعدان چاهن،
گولا لائيٽ بجليون اڳيان ڪجهہ بہ ناهن،
هي چوڏس چانڊوڪيون چڪور چاهن،
ملي يار منڙا تہ عيدن مٖ عيدون،
ملي وڃن توسان ديدن مٖ ديدون،
دنيا جا حسين ڪَٽي ٽين سموراٖ
پلي پائن چاندي سونا لال هيراٖ
دعويٰ سان چوان ٿو تنهنجي مٽ ڪير آ،
سُجهي ڪونہ سائين هي پٿر تي لڪير آ،
دشمن بہ دلبر ايئن تولاءِ چونداٖ
سوين چند چمکن پورا ڪين پوندا.

جڏهن وئين تون جاني عرش فلڪ تيٖ
احسان ٿي ويا سموري خلق تيٖ
پکي پٿر ماڻهو جنّ مَلَکَ تيٖ
خوش ٿيون پريون سڀ تنهنجي جهلڪ تيٖ
ڏني توکي دعوت اهڙي ميزبان آ،
ڪٿو ناهي ان جو صدين کان سامان آ،
جڏهن آئين جاني ٿي دنيا چمن آ،
سڪل باغ ساوا مرڪيو پَنُ پنُ آ،
پگهر منجهہ خوشبو پورو گلبدن آ،
توتان گهور سائين هي پٿي **جمن** آ،
پٿي هڪ **جمن** چا سيئي گهور ٿيندا،
سوين چند چمکن پورا ڪين پوندا.

◊

غزل

منهنجا مالڪ ڪر محفوظ مون کي شيطان جي مڪرن چڪرن کان،
دنيا جي ڏهڻ ۾ قاتل مان گلاگار پرائي پچرن کان.

تنهنجو شان ۽ مانُ لکي نہ سگهان تو حڪم بنان مان چري نہ سگهان،
تون خالق خلق جو مالڪ تون، ڏي پناهہ فلڪ جي پٽرن کان.

جيئن عيسيٰ کي تو اعداء کان جيئن يونس کي مڇي پيٽ منجهان،
تو بچائي وڏو وچ باهہ منجهان ابراهيم کي وڏي بحرن کان.

تون شفيق وڏو هين شان وارو ڪر بخش گناهہ غريبن جا،
سواءِ تنهنجي ٻاڏايون نہ ٻئي در ٺاهہ نڪي ڇاڻ رکون انگ اکرن کان.

ڪر معاف محابي محمدؐ جي انسان مڙئي آ خطا جو گهر،
تون شفيق رفيق اصل کان هين ڏڪ ڏولڻ دنيا جي فڪرن کان.

درپيش مصيبت معاف ڪجانءِ ڪا سهپ نہ آ ڪمزور آهيون،
ڪر بخش **جمن** سوڏي ٻانهان ٻيا ڏي پناهہ پرائي ذڪرن کان.

--◇--

غزل

سڀ ڪجھ هلي ٿو، شرافت جي آڙ ۾،
ڏگھيون ڏاڙھيون گھٽن کي شراب جي تاڙ ۾.

مطالبو ڪير ۾ پاڻي وجھڻ وارن جو آ،
تہ رخ درياءَ جو موڙيو مينھن جي واڙ ۾.

پنھنجي خلق کي پاڻ ٿو سمجھي خالق اڪبر،
اسين عيبن پريا آھيون اتر توڙي لاڙ ۾.

نہ رھي سياست ضمير اصول جي ھاڻي،
ڪپي پيسو، لڙبو اوڏانھن جا پارٽي ھوندي چاڙھ ۾.

ھوندي دولت بہ سڪون جي زندگي ناھي،
ھوندو ضدي ڪنھن جي نہ ڪنھن جي ساڙ ۾.

اڳوٽو وقت ھئو بھتر، نہ ھئي ڪم ڪار جي ڳڻتي،
ويٺا پوڙھا ھوندا ھئا **جمن** چلم جي ٻاڙ ۾.

--◊--

غزل

ڪيم ڳئتي جنهن لاءِ مون اهوئي بي وفا نڪتو،
ڪمائي عمر ساريءَ جي ڪيسي مان سڀ سوا نڪتو.

پنهنجي قسمت ۾ هئي دال جنهن مان جند ڇڏائي مون،
تہ مٽان قرض دڪان جو شاهد گواهہ نڪتو.

هن دنيا جي يارن ڏيکيم يار هڪڙو،
افسوس اهو بہ ڪائو بلا ءِ بوا نڪتو.

منهنجي مجبوريءَ مان گهڻن فائدو ورتو ڳولي،
ڏيکاريم دل فقير کي پنهنجو اندر صفا نڪتو.

گهڻا گهايل گذاري ويا گهڻا بيمار بستر تي،
پنهنجي حڪمت جي هوندي بہ لقمان لادوا نڪتو.

رنو آدم ملي معافي **جمن** ڪنهن يار جي صدقي،
خدا وٽ واسطو آخر محمدؐ مصطفيٰ نڪتو.

--◊--

نظم

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

وڙهي ياءُ سان ياءُ ٿو انڊو ڪير ڪونهي،
پينوءَ کان پني ٿو جڏو ڪير ڪونهي.

سڏي وات تي هل ڪڏو ڪوبہ ڪونهي،
ڳالهائي سوڏو ڪر ڦڏو ڪوبہ ڪونهي.

شريفن جي شهر ۾ اڏو ڪوبہ ڪونهي،
مگر خلق خالق جي تو آ ڀُلائي.

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو آجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

هيڏي گشت هوندي ماڻهو ڇو ٿا ڦرجن،
هوندي فوج جي ڇو ڏماڪا ٿا گونجن،

سچي ڪر اي صاحب تہ ڏوڪڑ ٿا گهرجن،
يلي مرن ماڻهو تنهنجا ڪيسا ٿا پرجن.

تنهنجو خيال ڪيسو تون ڪيسي جو سرجن،
قبر ۾ بہ هلٽو آ ڏاڍي ڏکيائي.

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

جُوا جي اڏن تي نہ ڇاپا هنيا ٽئي،
شهر ۾ ڪتن کان هيروني گهٽا ٽئي.

پتي پان گٽڪا ۽ سامهون پيا ٽئي،
جن روڊ رستا هي ڳاڙها ڪيا ٽئي.

ڇڙ لڳل ٽن ڪهاڙي وات ڳاڙها ڏنا ٽئي،
وڏي ويون برايون گلا ڇو ڪرائي.

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

وڏئين وات ۾ جيئن مين پڙي موالي،
تہ آواز بند هيس چاپا ڏئي پيو خالي.

ڇڙ ردِ پئي چانور کائي اڳيان هيس ٽالهي،
پيسو ڪٽي ڪيسي مان سدائين سوالي.

افعال بچڙا سدائين بيحالي،
ٽوڪاري پٽين تي نظر نہ آيس نالي.

مگر جانَ تو پنهنجي آهي جلائي،
چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

ڪروڙين رپين جون دوائون ڪپن ٿيون،
سرڪاري ٽپي سان هرهنڌ ملن ٿيون.

ايم ايس سان گڏ ٻيون ٿيمون جُڙن ٿيون،
اڳواٽ تن جون صلاحون ٿين ٿيون.

تنهن کان پوءِ نقلي دوائون اچن ٿيون،
ڪاغذن ۾ خالي آ، تن جي صفائي.

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

وري جي ايمرجنسي وارد اچون ٿا،
ستايل ستل سڀ ڊاڪٽر ڏسون ٿا،

پيون پيار ڪن تن سان نرسون پسون ٿا،
مري ٿو مريض جي هن کي چئون ٿا.

ته درڪار دهمان تن جا ٻڌون ٿا.
اڙي هل نياڳا نند ٿئي ڦٽائي.

چڪر مال جو آ ٻيو جهيڙو اجائي،
جمن هيل پنهنجي صفا جند ڇڏائي.

◇

غزل

مهر سان نهاريو قهر کان بچي پئون،
لبن جي لُعاب ڏيو زهر کان بچي پئون.

بيهو پاڻ سامهون ته سر کي نمايان،
گهٽي شرڪ پوڄا پٿر کان بچي پئون،

ملو پاڻ دل جي خواهش مطابق،
ته پوپن فقيرن جي در کان بچي پئون.

مان دولت تو سمجهان تنهنجو پيار پيارا،
گهٽي مال ميڙڻ چڪر کان بچي پئون.

منهنجي دل دماغ تي پلي تي تون حاوي،
جي نانءُ تنهنجو ٻيءَ پچر کان بچي پئون.

پگهر جي قرن کي سنپالي رکي ڏيو،
بازاري عنبير عطر کان بچي پئون.

لبن جي چوغالي جي لايو لگن کي،
ڪنهن نانگ زهري اثر کان بچي پئون.

حسيني آهيون سڏيو پل حسيني،
ته ٽولي يزيدي ٽڪر کان بچي پئون.

ٻڌو ٻانهن منهنجي تي زلفن جو سڳڙو،
ڪنهن ناظرو جي نظر کان بچي پئون.

پنهنجي روشني سان جي روشن ڪيو مون،
تہ ٿي ست ڪاري قبر کان بچي پئون.

حجابن جو پردو اگر جي هٽايو،
ڏک ۽ غمن جي حشر کان بچي پئون.

اکين سان ڪهي ڇڏ پنهنجي جمن کي،
تہ بمبار خودڪش جي پر کان بچي پئون.

--◊--

غزل

صفا آهيان خالي ثمر کي نہ ڏسجان،
خدايا تون منهنجي وکر کي نہ ڏسجان.

منهنجا ميرَ مارو ٽئي نازڪ نماڻا،
گناهن ثوابن جي گهر کي نہ ڏسجان.

نہ غازي نہ راضي نہ آهيون نمازي،
ڪمزور منهنجي اندر کي نہ ڏسجان.

بچائج بيٺو آهيان اونهي سمنڊ ۾،
نہ بهري برادر بدر کي نہ ڏسجان.

مٺو منهنجو فرقن ڦيرائي ڇڏيو آ،
صحيح يا غلط زر زير کي نہ ڏسجان.

سڏين مون کي سائين جذباتي **جمن** ٿا،
شاعر وزن ۽ بحر کي نہ ڏسجان.

--◇--

*

ڪارا وار جي سرڪي ڳل تي ڪِريا، نانگن، جو تدارڪ ڪير ڪري،
هو ترِچي نظر سان شينهن ماري، تيرن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

باغبان سوڏي خاموشي گلن، ڪوئل-ڇڏي جت ڪوڪ وڃي،
هن مرڪي ڏنو محفل وئي مچي، بزمن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

جيئن پيش زبر، پرون وار جاڙا، نڪ سنهڙو سڻو نب پين جيئان،
ڳل ڳاڙهي مٿان، تِر ڪارا سونهن، ٽبڪن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

جا سڪ رهي پوري ٿي نہ سگهي، ساگر ۾ هوندي دل پياسي رهي،
ماڻهو ٻہ وڃي سڪ چين ستا دردن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

هو ختمي بهاني ڪوڙ آيا، سڻو طعام ڏسي سرڪائي رهيا،
جيئرا تہ وينا پنهنجو پيٽ پري، مردن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

هي ليلان جيئان، گل باغ بدن، ٿوري هير لڳي سپ لامون لڏن،
بي جان ٻڌيو، بند مجنون بيڙو، بتن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

ڪن ڪوڙا جهليا، ڪي ڦاسي چڙهيا، ڪي گوليون کائي قبرن ۾ ستا،
قاتل جي ويهي قانون ڪاهن، پٽن جو تدارڪ ڪير ڪري.

ڪي ٽل ٻڌي استيج ٻيڙا، وڏي واعدن تي وڏا ڪوڙ لڳا،
هوڻن ٻہ **جمن** ڪن ڏيئي ٿي ٻڌو، گونگن، جو تدارڪ ڪير ڪري.

--◇--

*

تون تخت تي ويهي ٿهڪ ڏيندڙ ۽ سوني در ديوارن پاسي،
مان سڏڪا اکيون ٻئي سوز پريون، ۽ ڪُنڊل پاءُ اُڇگارن پاسي،
تون ڳاڙهي گلابي ڳلن تي، رنگ ريشم جهڙي وارن پاسي،
مان ڪارن ڪوجهن قرب ڏيندڙ غمگين سان گڏ شوڪارن پاسي،
تون شوق شرابي شهانن تي، ۽ سونهري سينگارن پاسي،
مان اٽين پنين وارن تي ۽ پيٽ ٻُکي ڪل هارن پاسي،
تون پلي برياني آني تي ۽ بمبئي ڪيڪ بازارن پاسي،
مان ڏڏڙين ڏاڻين آنين تي، ۽ ڏوٽيئڙن جي ڏارن پاسي،
تون تيل تريل طرحين طعامن تي، ۽ ڪڪڙ چيلي رانن پاسي،
مان اوبر سڪل ماني تي، ۽ دال ڏري دلدارن پاسي،
تون لاش لتاڙين بوٽن سان، ۽ قاتل گينگ قهارن پاسي،
مان بنا ڪنهن جي پوري بند، ۽ لتيل عظمت وارن پاسي،
تون ڪُک ڦاڙيندڙ بدمعاشن ۽ بدنظر پوتارن پاسي،
مان سر ڏيندڙ سرويچن سان، ۽ حق گهرڻ حقدار پاسي،
تون ناز پريل نخريلي نازڪ، چير ٻڌل چمڪارن پاسي،
مان وونڊ چونديندڙ هارياڻي، ۽ واڻ وٽيندڙ مارن پاسي،
تون ڪوڪا هڻي دبل مشينن سان سوراخ جسم تي قهارن پاسي،
مان سڙيل چڇريل چوڪ تي پيل، ۽ روئندڙ پيڙ جي پارن پاسي،
تون ڪوه مري جي جهولن تي، ۽ گلشن باغ بهارن پاسي،
مان تتل ڏينهن تغاري تي، ۽ پير پڪل جي پگهارن پاسي،
تون اڪ ڪڪوريل ڪاري ڪجلي عشرت عيش اِشارن پاسي،
مان جمن پٽي ڳل ڳوڙهن تي، ۽ رت ۾ وهندڙ لارن پاسي.

--◇--

مظلوم چوڪري

سونهن ڇڏ پنهنجي لڪائي ڏس نہ ڪنهن ڏي مرڪندي،
اي چري نازن پري هت ناز تي آ پابندي.

(1)

توکي تنهنجي پنهنجي ناهي ڪا خبر ڪا چوڪري،
وحشي ٿا سينو تڪين تو ويڑهه پوتي پوپري،
زلف ڇڏ مرجهائي پنهنجا وجهه پنين وارن مٿ واري،
ڳل تي ڪاريهر ڦرن ٿا جوڳي ٽئي جوءِ جا قهاري،
منڊ هڪ سان ڏهه ڏنگيندي، ڪير ڏيندو شاهدي،
اي چري نازن پري هتي ناز تي آ پابندي.

(2)

سونهن کي سمجهن نہ ٿا تخليق قدرت جي ڪميٽا،
ڳل ڳاڙهي تي ٽِر لڪاءِ حجري اسوت کي چوراٽا،
ٽي نہ پوءِ طواف تنهنجو جارو جامن ڪاڪ راٽا،
اکيون ڦوٽاري ڏسن ٿا پائي چشما اک ڪاٽا،
رات جي تارن جيئان اچن ائين چمڪندي،
اي چري نازن پري هتي ناز تي آ پابندي.

(3)

ٽي جاءِ نہ ڪڏهين مور تي مندر نہ هوندو ماڳ تي،
گرجا گهر مسجد جي پر مٿ ملان تڪيندئي پاڳ تي،
پٽ ڏٽي جي پروسا پيروي جي راڳ تي،
سسئي مارل ٽي نہ ٻاگهل پير سرندئي راڳ تي،
ڪاڪ تي مومل جيان راٽي بناوت ڊوڙندي،
اي چري نازن پري هن ناز تي آ پابندي.

(4)

قحط اُس نتهڻ نياڳي ڪانوَ جي ٽي اک نڪري،
وڻ بنا چت جو هي پاڇو شل نہ ٽئي ڪنهن کان پري،

ڏاڍ ٿو غيرت لتاڙي صبر بہ هت سر گهري،
بي رخي بيدادگي بيواجبي سان جيءُ جهري،
جا وسايل باهم دل ۾ پوڄڙا وجهم پڙڪندي،
اي چري نازن پري هت ناز تي آ پابندي.

(5)

ارمان چڏ اوري پري عشق جا پيءُ وهم وڃ،
خوب پاڻي کل نہ ايڏو خوشنما پائي لڃ،
نٽهڻ اُس تي نہ آ ٽاڪ منجهند کي ڪُڃ،
مرڪ سان ٿي من مروڙين مرڪ پنهنجي کي مڃ،
شمشراکي جيت وانگي اڇ نہ ائين جرڪندي،
اي چري نازن پري هت ناز تي آ پابندي.

(6)

ڏک پيءُ جا ڏاڇ ۾ ڪڻ ماءُ جا بہ پيٽڙي ۾،
خاڪ دل جي ڳنڍ ٻڌ تون پرندي واري پوٽڙي ۾،
ٻوڪي ٻڌ اکڙيون نہ چنبي ڳوڙها ڳاڙ جهولڙي ۾،
کل نہ دل ۾ خوش نہ ٿي روءِ لکي ڪنهن ڪنڊڙي ۾،
چمڪ تي چوڪي آهي دنيا ڏسي وت چرڪندي،
اي چري نازن پري هت ناز تي آ پابندي.

(7)

اڄ چڙي چئي ڏي چري تون حق سچ کي وريلي،
ها حجابن کي هٽائج ماءُ پي جي دادلي،
ويڙهم ڪان ٻي واهم ڪانهي شينهئي ٿي وڙهم پلي،
ها چوي حاجي **جمن** در در نہ ٿي جاءِ چلولي،
پٽ تي ست سور دل جا سڪ ڏي اڇ سرڪندي،
اي چري نازن پري هت ناز تي آ پابندي.

--◇--

❊

جني پيٽ خاطر ٽي واعظ ڪيا، انهن ملن جا ويا لاهه نڪري،
ڦندي ۾ ڦاسائي وڌيا جن تي ڏاڳا، انهن پاپي پيرن جا ويا لاهه نڪري.

جنين سنڌ کي نہ ڇايو وڃايو ڪڏهن، انهن فوڪ فنڪارن جا ويا لاهه نڪري.
درٻاري ڏنڊي ۾ لکيا بيت جن ٽي، انهن شاعر سگهڙن جا ويا لاهه نڪري.

انا ۾ قلم جي سخا جن ڪئي آ، انهن اديبن جا ويا لاهه نڪري،
جنين گڏجي غيرن سان دودا ڪهائيا، انهن وڏيرن جا ويا لاهه نڪري.

ڏنو ڪين نسخا ڪنهي ويا قبر ۾، انهن حڪيمن جا ويا لاهه نڪري،
جنين سچ چڏي لکيون ڪوڙيون خبرون، انهن صحافين جا ويا لاهه نڪري.

دغا ديس واسين سان جن جن ڪئي آ، انهن غدارن جا ويا لاهه نڪري،
جفا جن به ڪئي آ **جمن پٽيءَ** سان، انهن يارن يارن جا ويا لاهه نڪري.

--◊--

*

قسمي ڪوڙي سان ويهي رهاڻ کي چاڪجي،
بدمعاش بادي تي لڳل سرهاڻ کي چا ڪجي.

رهبري جي روپ ۾ رهزن اندر ڪارو هجي،
اکيون ٻڌن ۾ اڳواڻ کي کي چا ڪجي.

مهمان ٿي ماري وڃي ۽ هانوَ تي ٻ منگ ڏري،
اهڙو حرامي سنگتي توساڻ کي چا ڪجي.

ماءُ کي لٽيون وهائي پيءُ جو پٽڪو لاهي،
اولاد اهڙي لاءِ اکين آلاڻ کي چا ڪجي.

پيٽ پنهنجي سور لاءِ آيا واعظي واعظ تي،
خودئي نہ آ عمل پيرا واکاڻ کي چا ڪجي.

مست ٿي منبر تي ويهي هٿ سان ماٿهو وڙهائڻ،
چا ٿا سمجهون چا ٿيندو سمجهاڻ چا ڪجي.

سرخ لٽڙا سنهڙو چولو پيٽيون ٿيون بازار گهمن،
چو نہ ڇورا تن تي ترڪن ڇڪتاڻ کي چا ڪجي.

سينو سڄوئي ڪارو ڪمرو پاپي پڪو پراڻو،
اڇو اُجرو ٻاهرئو اڇاڻ کي چا ڪجي.

سهڻي صورت آ مگر سيرت سڻي نہ آ،
ڳل ڳاڙهي سان لال لب لعلاڻ کي چا ڪجي.

بلديا مل هئي روزي لاءِ ماٿهو ساڻ جي ڪانہ هئي،
جيئري دوزخ جن ڏٺي پئي هاڻ کي چا ڪجي.

منهن ۾ موسيٰ ٿو لڳي نيت فروني آ مگر،
نرم لهجو گفتگو مٺاڻ کي ڇا ڪجي.

عزتون لُٽي وري باهه ۾ ساڙي ڇڏڻ،
لخ جي لعنت اٿن لعنتاڻ کي ڇا ڪجي.

چور چوڪيدار ٿئي ۽ قوم بہ ڪُسندي رهي،
نانگ نگهبان ٿئي مانڊاڻ کي ڇا ڪجي.

منهن تي خوشامد خوب روغُ پرپٽ گلائون جو ڪري،
تنهن ساڻ ڳنڍيل سوئي سڳو سباڻ کي ڇا ڪجي.

درد دنيا ۾ جمن پٽي لکڻ کان زور آ،
صبر بہ ساڙي ڇڏيو سکاڻ کي ڇا ڪجي.

--◊--

❊

ڳالهيون ڪيا ڪنهن سان ڪيا نہ ڳالهہ ٻڌن ٿا،
سچ ڏسي **جمن** جذباتي لوائي وڃن ٿا،
ڪلهہ مال ڪاڏئون مسڪين جو پٽي اڄ پاڻ پنن ٿا.

هو جي تڪڙ ۾ ترڪي ڪري مست رهن ٿا،
ماکي ۾ چاش **جمن** گيهہ ۾ ڍالڍا وجهن ٿا،
سويل ڪٽي سروٽا مولائيون مرچن ۾ پٽي هاڻي نماز تي وڃن ٿا.

هو جي نوڪريون وڪڻي حقدارن جو حق غضب ڪن ٿا،
روڙا وڏا رشوت جا **جمن** اُبتي ڪل لاهن ٿا،
ازها زڪوات خيرات ختما ٽيجها ٽيها ڪن ٿا،
گوريون ڪائي سمهن ٿا، نند نصيب نہ ٽن پٽي.

ڪردار جا ڪير لوسي مٽو ڪائين ٿا،
ٽوڪا ٽڪ جهڙا پٽي مون ڪي پڙهائين ٿا،
ڪلهہ ڏاڻئون گهر غريبن جا **جمن** هاڻي جامي جوڙاين ٿا.

ڏڏو نہ ڪر فقيرن سان ستجي ويندين،
هڏ نہ هوندئي هڏ سان ڪٽجي ويندين،
بڻ نہ هوندئي بنياد ڪو لٽجي ويندين،
مٽجي جي ويندين، جاڙي بہ هوندين **جمن** چوي.

ايا ڏٺم اوپرا سڃڻ نہ هئا سي،
مٽيل مهاندا من ميرا ڪک پن ميڙيائون ٽئي،
تني ڪي تڪي **جمن**، جاچي ڏٺو.

هو جي ڪفل ڏئي ڪاڻ کي پائي ٽٽ سان ويٺا هن،
ءِ ٽنگ کي ٽنگ تي رکي جڏ مالڪ ملڪ جا هن،
ڪلهه چوپل چورايائون مسيت مان جمن هاڻي فيصلا ٿا ڪن.

هو جي قسم کنيئون ڪوڙ تي قيمت وڌائين ٿا،
ڪري ملاوٽ مال ۾ چڪي ڪل لاهن ٿا،
جو جاڻي ڦاٽو **جمن** جذباتي اُتي ڪُهن ٿا،
ڪلهه ڪائي وياج واپاري ٽيا پٽي هاڻي حج تي وڃن ٿا،
هو جي ڪنڊ نمايون ٿا جهڪن پاپي پراڻا پٽي اشراف ٿا لڳن،
سويل گاريون ڏنائون ٽئي غريبن کي جمن هاڻي واعظ ٿا ٻڌن.

هو جي چيئر تي چيلهه کي ڪپايون ويٺا هن،
جڏ ته ڪرسي کي پاڻ سان چنبڙايون ويٺا هن،
هو جي خوبصورت چشما لڳايون ويٺا هن،
ڪلهه جا بدمعاش جمن اڄ اکيون لڪايون ويٺا هن.

هو جي رهتو وڻي رڃائر ٽيا هن،
هاڻي ته حاجي **جمن** اشراف ٿا ڏسجن،
ڪلهه قلم سان ڪُٽائون قوم کي پٽي،
هاڻي تبليغ تي نڪتا هن.
هو جي مال ڪمائڻ آيا هن، هي شڪاري شڪار تي نڪتا هن،
ڪلهه جوتا چٽيون ٽي ضياءَ جا جمن، اڄ پيپلا پڪا هن.

هو جي مايون ڇڏي معتبر جدي ڪمائن ٿا،
انڊونيشي فلپنين کي راتيون رهائن ٿا،
مُتي گاڏيون ڏوئي گماما ڪنڊا هٿا جمن، هِتي حاجي سڏائن ٿا.

--◇--

غزل

چا جو آ هُل فلڪ تي، ڏرتي ب اڄ ڏڏي ٿي،
شايد بنا ڪنهن جي، يتيم ڏيءَ سڏي ٿي.

هن کي چيم ڳنڍ مِ چا ٿي ڪنيون وتين تون،
سڏڪي چيائين مانڙي هڪ راند جي گڏي ٿي.

پکي ب ٿا اُڏامن، آکيرا پٽ ڏهي پيا،
شايد ڪا مائي جندو، گهر گهاٽ کي ڇڏي ٿي.

هڪ آهم عرش تي هي فرش تي ڦري پئي،
ڪکاوان گهر ڏنا **جمن** ڪائيون ميڙي اڏي ٿي.

❊

جفائن زور آ پکڙيو، وفائن جو حشر ٿي ويو،
صداقت صاف دل ڪوڪو، ادائن جو حشر ٿي ويو.

آ اُبتو ڪيئن ٽنگيل مجنون، هي سجدو آ ڪنهن کي ڳوليو،
مڱي کي موت آ ليکن، انائن جو حشر ٿي ويو.

ملڻ محبوب وچ جبل آ، ڪٽي فرهاد شيرينءَ لاءِ،
عاشق عرضي کوڙيو گوڏا، صدائن جو حشر ٿي ويو.

هي گلشن چو ڪومايل آ، **جمن** گذريل بهارن کان،
رڳي دردن سندا دونهان، هوائين جو حشر ٿي ويو.

--◊--

*

مدت کان ظلم جاري مظلوم تي آ يارو،
ناپاڪ ارادن کي پلا ڪيئن سڏاريون.
يزيد بن معاويہ هيو هڪڙوئي يزيد،
هن وقت يزيدن کي پلا ڪيئن سڏاريون.
گونگا نہ ٿي هلو اوهين، ٻوڙا نہ ٿي ٻڌو،
پردي ۾ پليتن کي پلا ڪيئن سڏاريون.
ڪنهن قيد غلامي کان سڀو موت موچارو،
نمرودي نوابن کي پلا ڪيئن سڏاريون.
هلندي ئي حقيقت جو لکڻ بند ٿي وڃي،
ويڪائو اديبن کي پل ڪيئن سڏاريون.
هي خوامخواه جا پهر ڀٽي پيار تي **جمن**،
بنيادي رقيبن پلا ڪيئن سڏاريون.

*

قبائي حق غريبن جا، ادل اهڙي بهاري ڪئي،
الله ڄاڻي اوڳاڇيندي، قيامت تو تہ ڪاري ڪئي.
وڪامي وئين لڳڻ لالچ، حرامي ٻار هئين شايد،
نہ ٿيو ٿي پرم پائرن جو، امڙ جي دل آزاري ڪئي.
نہ ٿيندءِ ٿڃ وئين معافي، امڙ ناراض ٿئي توتي،
غداري سنڊ سان ناحق، قهر ايڏو قهاري ڪئي.
جمن جذبات کي روڪيون، صبر ۽ ساهہ ساڙي ٿو،
ڪتي جي موت مرندا سي جنين سنڊ سان غداري ڪئي.

*

خبر پئي آ تون تڙين ٿي، پٿر دل سخت ڪونهي ڪو،
پرين پڪ ڄاڻ مون جان ٻيو، اوهان تي مست ڪونهي ڪو،
هنگامي حالتون آهن، امڙ سنڊو کي آ خطرو،
آهيان مصروف ڏرتيءَ لاءِ، **جمن** وٽ وقت ڪونهي ڪو.

--◇--

قومي گيت

سهڻا سورهيہ سنڌ جا، سنڌ ڪتي اچجانءِ،
سنڌ ڪتي اچجانءِ، سنڌ ڇڏي نہ ڏجانءِ.

لڄ مارن جي توتي آهي، پگ مارن جي توتي آهي،
پگ رکيل پگ پائي اچجانءِ، سهڻا سورهيہ سنڌ جا.
سنڌ ڪتي اچجانءِ.

امڙ اميدون بابل تو ٻہ، پيڙ مرادون حاصل تو ٻہ،
تن اميدن تي پورو لهجانءِ، سهڻا سورهيہ سنڌ جا،
سنڌ ڪتي اچجانءِ.

جمن پٽيءَ جون دعائون دلي ٽئي، بابو حسين جو مدد علي ٽئي،
علي علي نعرو هنيون اچجانءِ، سهڻا سورهيہ سنڌ جا،
سنڌ ڪتي اچجانءِ.

--◊--

❊

متان چئين مري ويس ذميواري نامي،
قبر مان بہ وڙهجائنءِ، نہ ڇڏجائنءِ نہ ڇڏجائنءِ،
زبان سر ويڃن. هٿ پير حاجي **جمن**!
فڪري لطيف پڙهجائنءِ، نہ ڇڏجائنءِ نہ ڇڏجائنءِ.

--◊--

قومي گيت

اجرڪ ٽوپيءَ وارا لُنگي لانگوٽيءَ وارا سنڌ سڏي پئي توکي،
او روپلا سنڌ سڏي پئي توکي.
سنڌ ورهائڻ سازش ٿي پئي، ڪينجهر مڪلي روئي پئي ٿي،
او دليپ دولتاڻي، راجو رتناڻي، سنڌ سڏي پئي توکي.
سنڌ ڇڏڻ جڙ ماءُ کي ڇڏڻ آ، ڇو حلالي ائين نه ڪندو آ،
لڏي وڃڻ وارا، سنڌ ڇڏڻ وارا، سنڌ سڏي پئي توکي.
سياسي ڪعبو قبلو سن آ، خادم سنڌ جو حاجي **جمن** آ،
سنڌي سڏائڻ وارا، نينهن نيائڻ وارا، سنڌ سڏي پئي توکي.

--◊--

❊

اي منجهيل موڳا مئل، ماڻ ۾ لُٽجي ويندين،
سر هٿن سان ڏي نه قاتل جي اڳيان ڪٽجي ويندين.

1- ڪول پنهنجي تون زبان کي، اڄ چڙي چئي ڏي چريا،
هن ٻوساٽيل دور ۾، گهٽ ڪيئن گهٽجي ويندين.

2- هٿ ٻڌل ماني سڪل سو به اوبر ٿو مليئي،
گهنج منهن ۾ پٻئي ويندءِ، ساڻو ٿي وڻجي ويندين.

3- جاڳي پئو "**جمن**" چوي پيرو ڪڻ پنهنجو پراوو،
ڏهم ڏيئي سؤ ٿو ڪسئي، لاٽ ۾ متجي ويندين.

--◊--

مناظرو

(مُلان ۽ موالي جو بحث)

مُلان چيو موالي کي چو حال وجايئ سارا!
سُکي صفا ساٹون ٹيو هين ٻيا ڏند ڪٽيل ڪارا،
چرس توکي چريو ڪيو آ، نڪري آيا ٽئي تارا،
ميرا ڪپڑا موالي توکي سدائين مونجهارا،
پٽيل لڳين ٹو اَبي اَمان جو، تڏهن وسايئ اوتارا،
ڇڏ نشو چورا، نہ تہ موچڑا هٹنديئي ملائڪ توکي.

موالي:

چو موچڑا هٹندا ملائڪ مون کي مان پنهنجي گهران ٹو ڪاوان،
نہ ڪوڙ هٹان قرآني تو وانگي نہ شيعا سني ويڑهاوان،
تون چوکو ڳولين چارئي پهر ڪهڑي ڳالهہ ٻڌاوان،
تون سيون ڏسيو سرڪيو وچين لاتئي سيري ساڻ لاوان،
اسين حيدري بندا هر وقت آءٌ توکي سلفي نيراني پلاوان،
پوءِ نہ جون ٹڏيون چاوان، پنگ گهوٹ تہ بهاري ٹئي.

ملاڻ:

پنگ گهوٹيندي غفلت ۾ تون سدائين گمنام،
نہ سڃڻ کي آسرو نہ دشمن کي ڀَوُ تون سوٹا هٹين جام،
تون مڪان تي مئو پيو هين نہ عزت تنهنجي عام،
بيزار سيئي پاتي توکان تون نالي ۾ بدنام،
پراڻي رلي پاڻاري توکي نہ ڪي طعام نہ ڪلام،
اسان کي طرحين طرحين طعام، ٹا عزت سان آڏو ملن.

موالي:

مُلان پيٽ وڏو تنهنجو جيئن لوڑهي ۾ چاڏي،
تون پرٽو مرٽو پيسا وٽين پلي مٽل هجيئي ڏاڏي،
تون پت ڏسيو پگو وڃين نڪي سڏ نڪي ساڏي،
تون ڪانڊپو ٻ ڪرڪي ڪائين ملان ريل چڑهئي گاڏي،
شل داڳ اچي ڪنهن در اڳيان پڃين مينهن پٽيان جيئن پاڏي،
يرا! اسان کي چيو هو پڙ ڏاڏي، ملو منهن ئي نہ چڑهي.

ملان:

چو مُلو منهن نہ چڑهي چڏ خيال انهيءَ کي داهي،
شڪل پنهنجي ڏس مڃون گانگٽ جڙ ڇپر ڦٽي آهي،
تون گهڏندو وڃين گهر پنهنجي ڪو جال تنهنجو ناهي،
ڪنگهه توکي ختم ڪيو باقي بچو تو ۾ چاهي،
ماٺهو پهتا چند تي تو چرس چڪيو ٿي چاهي،
ير صفا لاهي پاهي، دنيا دين وڃائيءُ.

موالي:

چو دنيا دين وڃايم اسان جو عشق اٽئي الستي،
اسين نعرا هٺون نينهن جا اسان کي هزارين مستي،
تون آکڙ ڪرين عبادت تي اسين مڪان سوڏو بهشتي،
اسين اعلان ڪندا آهيون عليءَ کي اسان کي ڏادي ٽيندي آهي چستي،
قيامت جي ڏينهن ڏسندي ويٺو اسان جي پار پوندي ڪستي،
هي موالين سندي بستي، علي صدقي اڳيرو هوندي.

ملان:

علي رڳو اوهان جو ناهي اسان جو بہ آهي والي،
اسين بہ پيروي ڪندا آهيون پنجتن جي تون خالي حوالي،
نڪي روزو رکين نڪي نماز پڙهين تون لڳين ٺو ڇڙ جالي،
اسين مولود پڙهندا آهيون نبيءَ تي اسان وٽ سدائين خوشحالي،
خاوند توکي خانہ بدوش ڪيو تو وٽ سدائين بيحالي،
جي ڇڏين مڪان موالي، تہ سُڏري وڃين ستت تون.

موالي:

ها سائين سڏريل وري تون آ، سدائين ڳولين ديرا،
لاپي لئہ لٽ هٽ ۾ توکي تون سؤ ڪيين ٺو ڦيرا،
شل بتائي ٻڌين ڪنهن پوتار جي اتي اچين وڃين سويرا،
پوءِ حديث هڪڙي ٻڌائين هي نڪي پاڻ عمل پيرا،
منجهائين ٺو موالين کي ڪري مولاين تي گهيرا،
ڇڏ تيرا ميرا نہ تہ حيدري ڏنبو آ هٽ ۾.

ملان:

ها سائين سچ چوڻ تي چڙين ٺو ڏس ڳالهہ لڳي ٺئي ڳوري،
پئسو، ڪٽئي نشي خاطر ڪرين چاچي ماسيءَ جي چوري،
ڇٽي تنهنجيءَ تي بہ چيلو ڪٽو هوندئون تہ ماءُ توتان گهوري،
تہ پهريون پيٽ پٽ جاڻو آ، اها ڳالهہ ناهي ٺوري،
پر ڪهڙي خبر ماءُ صدوري، تہ مويي پٽ موالي ٺيندو.

موالي:

موالي هجئون يا زوالي هجئون اسين پنهنجو ٿا پيئون،
عليءَ تي اسان جو ايمان ٿئي اسان تڏهن ٿا جيئون،
تون چندو مسجد جو چوري ڪرين اسين ڪونہ توکي چئون،
تون ڇاڻ تنهنجو ڪم ڇائي اسين اهو بہ سور سَهون،
تون پلو پت ٽاري رکين اسين وندي سپ ورهايون،
اسين ذري پرزي چرس جي گڏجي ٿا پيئون،
حسد ڪونہ ڪيون، اسان جو اندر اٿئي اجرو.

ملان:

ها سائين اندر اڇو اوهان جو باقي اسين آهيون ميرا،
مسجد اڇڻ تي پير سڙئي باقي مڪان کي ڏين ڦيرا،
عيد نماز بہ نصيب نہ ٿئي جهڙا مئل تهڙا جيئرا،
مامن توکي موڙ ٻڌا هئا، تہ امڙ ڳايا ٿي سهرا،
تہ شادي آ منهنجي کنين خان جي مون بہ نڪاح پڙهيو ٿي سويرا،
پر ڳرو تنهنجو پير آ، نہ تہ گهر ۾ گلزاري نہ هجئي.

موالي:

مُلان ڇڏ مڪر اسان سان تنهنجي بہ خبر آ،
پير فقير سان پَوَتِ ڪانهي توکي رڳو تڪبر آ،
تنهنجو منهنجو رب هڪڙو الله اڪبر آ،
مڱي نہ ڪر عبادت تي اڳيان سامي سوڙهي قبر آ،
پوءِ جهڙي تهڙي حال ۾ اسان وٽ صبر آ،
باقي پنجتن جو در آ، سو ڪڏهن ڇڏبو ڪين ڪي.

ملان:

يار نڪي پلڪار پورا اسان جا نڪي چگو ڪم توهان جو،
نشو حرام نبيءَ ڪيو انهيءَ ڳالهه کي سمجهو،
بخشڻ هار بخشيندو جو ڏوهه تنهنجو منهنجو،
پاڻهي ايندو پاڪ نبي ڪجهه اڳيرو ٿجو،
جو ڪجهه **جمن** لکيو تنهن کي به معاف ڪجو،
پٽي چئي سڀ جو، آهي آسرو الله ۾.

◊

ديسي پرديسي جا حال احوال

مليا پائي اجرڪ اُهي يار خوش هئا؟
جهولي چند جيجل اُهي ٻار خوش هئا؟

پرديسي: چاريائين مال مارل جا نينگر ننديِ هئي،
پکي ديل وانگر جا ٽلنبدي ايندي هئي،
سنگر ٻور پلڙا جا چوندا ڪندي هئي،
اجاريل اکين سان نہ ميري مَدي هئي،
وڏي ٽي تہ پردي ۾ واقعي هوندي هئي،
امڙ ۽ ابي جي اها دادلي هئي،
رگيل هٽ ميندي ۾ مزيدار خوش هئا؟
مليا پائي اجرڪ اُهي يار خوش هئا؟

ديسي: اهي مال واڙيون ۽ واڙا، ڏٺا مون،
پنيا وار پيرين اگهاڙا ڏٺا مون،
پکي مور ديلن تي ڏاڙا، ڏٺا مون،
نڪي ٽهڪندي پاڻ پاڙا، ڏٺا مون،
رت ۾ رگيل هٽ رتاڙا، ڏٺا مون.
اها چوڪري سا ڪري ڪاري، ماريائون،
ڏڪاري امڙ کان ڪري ڏاري، ماريائون،
مري وئي هئي مارل اکيون وار غش هئا،
مليا پائي اجرڪ نڪي يار خوش هئا.

پرديسي: مٺو ميڙ ماکي منجهر مٺو هو،
پيڙ بهہ پکي پاڻ انجر ڏٺو هو،
مهاڻن مڇيون ماريون پاڻي تر سٺو هو،

ككيون كاريون ڇاريون مٿي تي لٽو هو،
پلا تن سان ڪوئي ڪو پَرتو رُٺو هو،
ونجهر تن دام ويڙهيائون مٽان مينهن اُٺو هو،
ٻيڙي تي ملاحن پاتا هار خوش هئا؟
مليا پائي اجرڪ اهي يار خوش هئا؟

ديسي: مٽو ميڙ ماكي نہ منڇر مٽو هو،
زهريلو پاڻي مون زبان سان چكيو هو،
نكي پن، پيڙ، ٻهه، پكي، پر، پَٽو هو،
نكي مينهن سانوڻ نہ سياري اُٺو هو،
نكي كوبہ كاوڙ ۾ ڪنهن كان رُٺو هو،
نہ ئي كوبہ ڪنهن كان كارو كتو هو،
انهيءَ مست منڇر جا ويا لاهہ نكري،
ملاحن مڇين جا ويا ساهہ نكري،
ڳيي جي ڳولا ۾ تني ڏار رش هئا،
مليا پائي اجرڪ نكي يار خوش هئا.

پرديسي: هارين هر سنياريا تہ ڪوڏار ڪيئن هئا؟
جوڙا جوٽيائون تہ هَرَ ڦار ڪيئن هئا؟
ڏانداريون پاڇاريون ناڙو نار ڪيئن هئا؟
سنهوري سنگهر نينهن مُني دار ڪيئن هئا؟
زميندار ڪيئن هاڻ ۽ ڪمدار ڪيئن هئا؟
انهيءَ جوءِ ۾ جائي جمعدار ڪيئن هئا؟
هي سيٽيل سيٽ ساڳيا صوبيدار ڪيئن هئا؟
علڻ ۽ ولڻ ٻيا ٻڍا ٻار خوش هئا؟
مليا پائي اجرڪ اهي يار خوش هئا؟

ديسي: هارين هَرَ سنياريا سچائي ڏئي مون،
اتي لوفرن جي لچائي ڏئي مون،
زميندار زِر هٿ ڏاڏائي ڏئي مون،
نجا جيل تن لاءِ ڏکيائي ڏئي مون،
انهن جي ووٽن تي وڏائي ڏئي مون،
صوبيدار سيٽيل هاريو هائتال آ،
مزورن تي مارو رڳو ڏمر ڏمال آ،
سونٽي جا سٽڪا مٽان بار ڪش هٿ،
مليا پائي اجرڪ نڪي يار خوش هٿ.

پرديسي: سيري تي سڏو سنئون مُلن جا ڪي ڦيرا،
سيون سوجيون حلوا اتي تن جا گهيرا،
ڪاڏئون ڪيئن ڪڪڙ ٽي مڇيءَ جا ڪي ٻيرا،
ڏنا هوندئون ختمي تي وري وري پيرا،
گهر ۾ دال تي ڪي هوندا ڏڪيرا،
وڏي پت تي ويهي ڪيئون ٽي ڪچهرا،
ڪلو پت گرهه ۾ ڪي ڏاڪار خوش هٿ،
مليا پائي اجرڪ اهي يار خوش هٿ.

ديسي: مُلن مُلڪ تپايو هڏايان چا پيارا،
ڀڳا پت وڏي ڪي رهجي ويا ويچارا،
ڪاڏئون حلوو هيڪاندو وڏا ٽيا مونجهارا،
ڦٻيا سي ڦاٽي مٿا ٽي پاڻ ڪٽايائون پيارا،
بيهوش هٿا پائو، پوءِ سيئي سوچ وارا،
ذري گهٽ مٿا هٿ حلوي تي هاچارا،
عزرائيل به آيو هو ڏنئي ٽئي لامارا،
ا۔ا گالهه ڪنهن کان پڇو يار سچ آ،
ڏهنو ڪاڏئون حلوو ڪلئي يار غش هٿا.
مليا پائي اجرڪ نڪي يار خوش هٿا.

پرديسي: وڃي ٻوڙ آئي تہ ڪڙڪاٽ ڪيئن هئا،
ٻڪرين رڍن ۾ برڙاٽ ڪيئن هئا،
ڪير ڪانوَ جهڪين ۾ چرڙاٽ ڪيئن هئا،
مها ٻوڙ ۾ ڪئين ڪامورن ڪمايو،
اڇلي دال ٽيلهيون ماٺهن کي ويڙهايو،
ڪاڙهي ۾ ڪراڙن کي اَس تي بيهاريو،
نقابن ۾ ادڙين وقت ڪيئن گذاريو،
ٻلا ڪنهن بري اک نظر سان نهاريو،
پردي واريون نياڻيون پرديدار خوش هئا،
مليا پئي اجرڪ اهي يار خوش هئا.

ديسي: پردي واريون نياڻيون بي پردي ڏٺاسين،
ڇڻ منجهه ٻائيتال روئندي ڏٺاسين،
اجهائوٽ ماٺهن جا ڪِرندي ڏٺاسين،
لٽا ليڙ لاشا ۽ لڙهندي ڏٺاسين،
لڳو وجهه ڪامورا ڪمائيندي ڏٺاسين،
اَمڙ جي سيني مان سڪي ڪير ويو هو،
رکيو ماڻ ڏيئ لاءِ سو ڏاجو لڙهي ويو،
بکيا ٻار پٽ تي اُس ڏار تپش هئا،
جهولي جنڊ جيجل نڪي پار خوش هئا.

پرديسي: ڪچهريءَ جا ڪوڏيا وينجهار ڪيئن هئا،
اوطاقن تي ايندي ڪيڪار ڪيئن هئا،
پٽائي کي پڙهندڙ سي فنڪار ڪيئن هئا،
سگهڙن جون ڳالهيون پليڪار ڪيئن هئا،
پهاڪا هنر ڏور سينگار ڪيئن هئا،
سهرا ڳيچ ڳائيون تہ سر تار ڪيئن هئا،
هڪل هونگرن سان ميهار خوش هئا،
مليا پائي اجرڪ اهي يار خوش هئا.

ديسي: ڪچهريءَ جا ڪوڏيا وڃي چند بچيا هئا،
ڏاڙيلن جي ڀَو کان متي منهن ويا هئا،
اوطاقن تي ايندڙ بہ هاڻي گهر ويٺا هئا،
پٽائي کي ڳائيندڙ بہ ڏسڪو ڏيا هئا،
لڏي ويا ڇڏي چپ چريا کي ويٺا هئا،
مهانگائي ۾ ماڻهن ٻچا بہ وڪيا هئا،
پليڪار ڪانهي رُڳي باءِ باءِ،
چئون سچ جنهن کي سو ڏو مند جي ٻڌائي،
لڏي لوڏ آئي کي بيڪار شش هئا،
مليا پائي اجرڪ نڪي يار خوش هئا.

پرديسي: مارن مال چاريا ٿہ ولر واڙا ڪيئن هئا،
درياءَ جا هي ڏڏڪا لاها چاڑها ڪيئن هئا،
مکڻ کير لسي، چاڏيون ساڙها ڪيئن هئا،
اتي ملهه ڪٻٽي پيچي هاڙها ڪيئن هئا،
"جمن" جا ڏي جائي پٽي پاڙا ڪيئن هئا،
پلا ڪرڙ ڪانديرا ڏيلا ڳاڙها ڪيئن هئا،
ٻارن جون سُتيون ست پُسيون ڪاڙها ڪيئن هئا،
ربابن تي ريبار ٻڪرار خوش هئا،
مليا پائي اجرڪ اُهي يار خوش هئا.

ديسي: نڪي ڇَرَ انڇر درياءَ جا نہ ڏڏڪا،
ڪتيائون تي ٻيلا سڙيا سَرَ چيچڪا،
مارن ماڳ متيا نہ هئا ڏرڏانيڪا،
اهي ملهه ڪٻٽي آيا ٻيا طريقا،
فتبال ڪرڪيٽ ٻئي هٽ هٽيڪا.

لڏي لوڏ آئي متيا سڀ سنيڪار
نڪي ڪير مڪڻ نہ سڀي ماني ڪار
ٻارن کي نہ ٻڌڻان نہ سرما ست پسيون کي
نہ ڪشڪول ڪوڏيون نہ ڪنديلا ڪڙيون کي
دانهون درد وارن جون نہ دلدار خوش هئا
ملیا پائي پاڪر نڪي يار خوش هئا
جهولي چند جيجل نڪي ٻار خوش هئا

◊

سنڌ چڏي ويل سنڌي پائرن کي اپيل

وري آءُ ڪاڪا

وري آءٌ ڪاڪا سِڪُون پيا ٿا تولئه،
پنهنجي هن پراڻن پٽن جو قسم ٿئي،
سنڌ جي بازارن رستن ۽ رودن
دڪانن درن ۽ هٽن جو قسم ٿئي.

چڏي وئين تون چا لاءِ پنهنجي سنڌ سونهاري،
اچي ڏس وري تون پنهنجا نيڪ هاري،
هالن ۾ هلي آ هٿي ڏي هنر ڪي،
هالن جي اجرڪ ڪٽن جو قسم ٿئي.

پري ناهي جوهي ڪاچي ۾ ڳهمي وڃ،
نئين گاج تي آ منڇر ڏسي وڃ،
جدا ناهي جوهي، جوهي مڪڙ موهي،
جوهي جي اڇن مٽن جو قسم ٿئي.

ڪارونجهر تي مورن تترن ٽهوڪا
پنهنجي سنڌ سهڻي ۾ اچي رات رهه ڪا،
پنهنجي ٽر جا ٽوهر ڪندا ليون لاٽيون
جتي بند مارل ڪوٽن جو قسم ٿئي.

ڪارو ٽي ويو منڇر نڪي قمُ ۽ ڪوٽيون،
نڪي پن پپڙ، بهه نه پوراڻيءَ جون ڀهٽيون،
نڪي آڙيون نيرڳيون نه بدڪن ڀهاريون،
ڳاهِيا ڳاهه سارين تن سَٽن جو قسم ٿئي.

هلي آءٌ هوليءَ جا وري رنگ پريون ڪي،
ڳاڙهو پيلا ساوا ڪپڙا ڪريون ڪي،
لونگي لانگ لوئي پوتي ۽ ڏوتي
ٽوپي پٽڪو پهراڻ تن لٽن جو قسم ٽئي.

ڪٽجي ويا ٻيلا سڪي پيو ٿو سنڌو،
مهراڻ موجون وري شال عيدون،
پڪا ڪوهه ڪونهن لٽجي ويا ٽئي،
پڪا بند پيچرا تن گهٽن جو قسم ٽئي.

نڪي جي. ايم سيد نڪي ذوالفقار ٽئي،
نڪي شاهنواز! نڪي مرتضيٰ ٽئي،
نڪي بينظير جنهن سان ظلم ٽيو ٽئي،
خدا بخش ڳڙهي جي ڀُٽن جو قسم ٽئي.

اچي سنڌ جي سانگين کي ڳلي پاءِ ڳراتي،
مارو من موهيندڙ منهنجا ديول ڏاتي،
پنهنجي سنڌ واسين کي اچي پيار ڏي ڪو،
اياڻن سياڻن ڄڻن جو قسم ٽئي.

ويڙهيچن جي واڙي ۾ وري چور پيا ٽئي
پنهنجن سان گڏجي پراون ڦريو ٽئي،
نڪي پور پلڙا نہ ٻڪرين کي ٽاريون سڪيا،
ڏهراڻ ڏوڙا تن ڏٽن جو قسم ٽئي.

نڪي چوٽا پاٽيون، نڪي ٽويا ڪاسا،
نڪي مڙ ڪران ۾ ماپن ٽا ماسا،
نڪي سير اڌ سير نڪي پاءُ اڌ پاءُ،
آڏاني ۽ آني وڻن جو قسم ٽئي.

سورنهن آنا اڻانا چارانا ڇڏي وئين،
آني ءِ ٻياني ٻارهانا ڇڏي وئين،
پنج پيسي پاولي ٽپيسي ٽڪي ڏس،
ٿجوڙي ٻجوڙي ٽڪن جو قسم ٿئي.

ٻڌائي جي بيتن مان وايون هڙ ٻڌي وڃ،
قلندر تي ڪاڪا اچي پَڙُ وجهي وڃ،
وري باس باسون مرادون ٻڌن جون،
ٻڌي موڙ ڳانا گهوٽن جو قسم ٿئي.

اهي ديگ دانگيون ڏهڪيون توا ڏس،
اهي مات پاٽيون پاٽوڙا ڪوٺرا ڏس،
اهي چاڏيون ماٽيون، چلم جا چپا ڏس،
ڪپا ڪوپ ڪٽليون وٽن جو قسم ٿئي.

جهوليون جهول ڪانبا چيڪلي جا ڦيرا،
هندورا ءِ پينگها ديندارن جا ويرا،
اهي گهاٽا چيچڙا جانڊهه، جڙيا شل،
ڦري نار چڪرن لوٽن جو قسم ٿئي.

هلي آءٌ ميندي ميهڙ جي رنگيل آ،
بلاول جي رت سان گهاٽو ٻ رتل آ،
منهنجو شاهه عنايت اچا تائين وڙهي پيو،
مليا گهاو گهرا تن ڦٽن جو قسم ٿئي.

اچا تائين سسئي جتن کان ڊڄي پئي،
ڏسي اٽ اوٽين جا ڇرڪي پوي ٿي،
ڪنيو جن پنهل کي رکي ڪوٽ دل ۾
پلا ان بلوچن کوٽن جو قسم ٿئي.

اڃا سونهن سنڌ جي ونگ وار وَر وَر
چوڙي چيلهه سنهڙي ڪاچو ڪوهه برٽر،
ڪلن زلف قهري ڪاريهر ڪلهن ڪر
ڪِرن چيلهه ڪان چڳ چوٽن جو قسم ٿئي.

اچي سنڌالاجي ۽ ميوزم گهمي وڃ،
اڳوڻي موسيقي ماڪا ڪان ٻڌي وڃ،
چندر ڏول، جيوٽي، وسائي علڻ ڏس،
وڃن فونا چينجر تن ڪيسٽن جو قسم ٿئي.

درياءَ تي ٿ دلبر پٽڻ ڪوبه ڪونهي،
گورابن گذر سڻ سبڻ ڪوبه ڪونهي،
اهي ڇر انڇر اوپاريون لهواريو،
دڪا دنگ درّيون ٻيٽن جو قسم ٿئي.

ٻڪن، گاهه لوسڻ ڇپر ڇٽ ڇتالو،
ڪنڊي ڪانهه سر تي ڪانن قطارون،
ڦلاريو، سرنهن سيج وانگي ستارون،
گلابي گلن گل هوٽن جو قسم ٿئي.

اڏوهي الائي سرو آيو ڪاڏهون،
ٽوٽي ٽنب لاٽڻ لڙي پيا تڏهاڪوڻ،
"جمن" جيئن ٻ آهي ٿتي پائرن جهڙو،
ٿتائي جي بيٽن پٽن جو قسم ٿئي.

وري آءُ ڪاڪا سِڪون پيا ٿا تولاءِ،
پنهنجي هن پراڻن پٽن جو قسم ٿئي،
سنڌ جي بازارن رستن ۽ روڊن،
دڪانن درن ۽ هٽن جو قسم ٿئي.

◇

❊

ڏسون ٿا اکين سان ڪچٽو ٿ پوندو،
چُري ڪنڌ تي آ، لڇٽو ٿ پوندو.

سيني ڪي هدايت خدا پاڻ ڏيندو،
ڏٽي در سين ڪي ٻاڏائٽو ٿ پوندو.

وڏي شوق ويو آ مگر ناچ گانو،
سڄي رات ڪيبل ڪي ڏسٽو ٿ پوندو.

رُلي ويا سيئي ڪم مڙيئي يار خير آ،
منجهند تائين صاحب سمهٽو ٿ پوندو.

مُلان عالمن جي گهرن تي ڊشون هن،
ٽورو يورپين ڪي ٿ ڏسٽو ٿ پوندو.

وٽي ٽو هزارين رپيا نيٽ هو ٽو،
سَگهو چور ٽاڻي مان ڇڏٽو ٿ پوندو.

مٽئون آ، حڪم حاڪمن جو اي سائين،
فريادیءَ ڪي اندر ڪرٽو ٿ پوندو.

ڪئين قيدي پيا هن بغير ڪيس جي،
نارا، مچ، لانڊي ڪي پرٽو ٿ پوندو.

هڙئي خون ختم ٿئي هليو وچ عزت سان،
جج سان چيمبر ۾ ڳالهائٽو ٿ پوندو.

ويچاري شيطان ڇڏيو ڪم اسان تي،
اهو ڪم ڪنهن کان وٺٽو ٿ پوندو.

سالن ڪان ڏيئرون ٽتا جي اڻارن،
ادين ڪي زماني سان هلئو ٿ پوندو.

گهٽو ئي ڏئو ٽن پنهنجي والدين کي،
چڏي گهر اباٽو پڇٽو ٿ پوندو.

ڪٽائي ٽو بنگلا هت جلديءَ ۾ ڊاڪٽر،
مريضن جي رت ڪي چوسٽو ٿ پوندو.

ناهي ڪوبہ چڏٽو مرض ڪان ڪو آجو،
ملاوٽ جو ٿ شربت ڏيٽو ٿ پوندو.

اڃان جي ڪمائٽو ستت ٽئي اي صاحب،
ڪديي ڪنهن جو گڙدو ڪپائٽو ٿ پوندو.

سڃاڻن ٽا ڏاڍو مرض کي حڪيم،
گوڏي ۾ ڪنگهہ ٽئي چوٽو ٿ پوندو.

ڦڪيون ٽاهي ابتيون بازارن ۾ ويهي،
بسن ۾ ڇٽن کي ڦرٽو ٿ پوندو.

پيو جان ڳاري هو هاري جي هيڪر،
هلڪو هٽ ڪمدار تي رکٽو ٿ پوندو.

سُجو آهي رکٽو جي هاريءَ کي هر دم،
ٿ وياج تي ڏوکڙ ڏيٽو ٿ پوندو.

سگهڙ ءِ ساڙ عجيب ٽو لڳي،
پٽڪو آ هڪڙو ڇڪٽو ٿ پوندو.

ايوارد جي لالچ مون کي بہ لڳي آ،
شايد ڪنهن جي پيرين پوٽو ٿ پوندو.

ٽئي ٽئي پگهار مان پورت اسان جي،
ڏئي مارڪون مال وڻٽو ٿ پوندو.

آديٽر اسان جو سڳو سؤٽ آهي،
ڪاغذن تي ڦيٽو ڦيرٽو ٿ پوندو.

ڍڳو در تي هڪڙو آ مرشد!
ڏاڏي جو مريد هين ڏيٽو ٿ پوندو.

هارن ساڻ اچجانءِ حويلي اسان جي،
ڍڳو ڍور وڪڻي وڃٽو ٿ پوندو.

جالي پير جاڳيا ڪرامت کان خالي،
ڏن جي نالي تي پنٽو ٿ پوندو.

هڻڙي دور مٿ بہ چَرَ جو قسم آ!
سڙي ٽو پيو ماٺهو سڙٽو ٿ پوندو.

گهوڙو پير جو ٽئي متان هٽ لائين،
گهڙي ڪن ادب مٿ بيهٽو ٿ پوندو.

وڏا بل مهانگا بجليءَ جا صاحب،
ميٽر مٿ سستم ڪرٽو ٿ پوندو.

پلي آيا افغاني پائر اسان جا،
سنڌي وسندين کي لڏٽو ٿ پوندو.

ڏئي مال قسطن تي قرضي ڪيو ٿن،
ملڪيت منجهان هٿ ڪٽئو تہ پوندو.

پنج سؤ ۾ ڪاربہ باقاعدا ٿهي ويو،
هميشہ سنڌ ۾ رهڻو تہ پوندو.

ڪالا باغ سائين مئل گهوڙو آهي،
ٿاهي جوڙي سنڌ کي سڪائڻو تہ پوندو.

دريا ۾ نہ دم آ، ناهي موج مستي،
ڪرڪيٽ جو گرائونڊ اتي ٿاهڻو تہ پوندو.

ٿا پاڻيا چون آهي ڪير پير،
پاڻي آ خليفو ملائڻو تہ پوندو.

چون ٿا **جمن** کي لکڻ کي چڏي ڏي،
حقيقت تان پردو ڪٽئو تہ پوندو.

◊

*

ڏسڻ ۾ تہ واقعي وڏي آ شرافت،
اُٺ ۽ ويهڻ جي سٽي آهي عادت،
پٽيان تنهنجي پيارا وڏي آهي قيادت.
ڪيسي ۾ آ بوتل اِها آهي ڪنهن جي.
مگر ناهي ٻئي جي اگر آهي تنهنجي،
لوڙيندي تون پاڻهين نيت ٽئي پنهنجي.

ٻڌو ٿم تہ بزرگ سڏائي ڦرين ٿو،
ڏاڪا سڱڙا ڦيٽا ڏڙا ڏڙ وٽين ٿو.
ڪنهن جا بت ڪڍين ٿو،
۽ ڪنهن کي وجهين ٿو.
ٿاهي بت مقامن ۾ پوري اچين ٿو،
صَدقي ۾ ٻکرو يا گابو گهرين ٿو.
ڪکڙ ٻ ڪنهين جو نہ در تي چڍين ٿو،
ڏسي سهڻي عورت تون هر هر ڦرين ٿو.
ڦٻائڻ انهي کي اها چال ڪنهنجي،
مگر ناهي ٻئي جي اگر آهي تنهنجي.
لوڙيندين تون پاڻهين، نيت ٽئي پنهنجي.

ڏسي ڏيهہ سامهون تون نمازون پڙهين ٿو،
تسبيءَ تي ٿهہ ڦهہ تون ٿهڪا ڪڍين ٿو.
ذڪر ذوق وارو نہ اندر ۾ ڪڙهين ٿو،
نڪي نفس پنهنجي سان ڪڏهين وڙهين ٿو.
نڪي شر شيطاني بدن مان چندبين ٿو،
غضب غير دل مان نہ ڪوري ڪڍين ٿو.
نڪي جند سنڊ جي تون ڏائڻ چڍين ٿو،
امانت ۾ خيانت اها ڳالهہ ڪنهن جي.

مگر ناهي ٻئي جي اگر آهي تنهنجي،
لوڙيندين تو پاڻهين نيت ٽئي پنهنجي.

اهوجهن کي آڻي ٿو ڦندي ۾ ڦاسائين،
ڪڪڙ ران چيلا تون پنهنجي لاءِ ٺهرائين،
جهڳو پينگ ڪنهنجو بيهي پيو ڪرائين.
صدق سچا مرشد نعرا پيو لڳائين،
شرعي بحث چيڙي ماڻهو ٿو ويڙهائين.
پٽيل هوندين پيءَ جو ٿو جند چڏائين،
تنهنجو گهر ٻ اجڙيل ٿو تون ٻڏائين.
رلي گوڏ جنهن کي اها زال ڪنهنجي،
مگر ناهي ٻئي جي اگر آهي تنهنجي.
لوڙيندين تون پاڻهين نيت ٽئي پنهنجي.

جالي پير ملان جاڳيا جوڙ آهن،
پنڻ جا پتنگ مون ڏٺا ڪوڙ آهن.
چڪر مال جي تي ويندا ٻوڙ آهن،
مرندا اتي جت ڳاڙها ٻوڙ آهن.
پٽيءَ سان ڪيئن ٺهندا جو ٽٻگي ٽوڙ آهن،
وفا ڪنهن سان **جمن** ڪندا توڙ ناهن.
ڪاتي جنهن کي ڪچ ۾ آ سنيال ڪنهنجي،
مگر ناهي ٻئي جي اگر آهي تنهنجي،
لوڙيندين تون پاڻهين نيت ٽئي پنهنجي.

◊

❊

ڏئم ڏاڍي وڏي هن کي وچين پيرين رکيم هٽڙا،
تہ بزرگ بسم الله سائين ڪجانءِ کا دعا مونکي مڙا.
وڏي بوتل هيس ور ۾ لکايون پاڻ ويٺو هو،
خدا جي خلق سان دوکو بندو بيمان بيٺو هو.

ڏئم تسبي، ويٺو سوري هيس ٺهکي مٽان ٺهکو،
وڏو ڪو مال ڏي مولا هيس ڪڙڪي مٽان ڪڙڪو،
تکي پيو تيز نظرن سان هيس سهڪي مٽان سهکو،
ڪٽي ڪو ڪند آيو هو ڏٻي گهڪي مٽان گهڪو،
هٽي ڪو بم آيو هو ڪري دهڪي مٽان دهکو،
هجي هان ٻيو ٻ گڏ مون سان ڪيون هانس ڦهڪي مٽان ڦهکو،
اڇو باهر اندر ڪارو ڏسو نادان بيٺو هو،
خدا جي خلق سان دوکو بندو بيمان بيٺو هو.

ستائين تا سڙيل ماڻهو خدا جي خلق ساري کي،
منجهائين تا اهي ماڻهو اسان جي نيڪداري کي،
ڪمائين تا ڪميٽا ڏس اهي ناحق غداري تي،
گدامن جا بٽيا آهن اهي مالڪ مڪاري تي،
ڏکائين تا ڏکوين کي جني جا تاڪ واري تي،
ڦري پامال ڪن ان کي جني تعلق تغاري تي،
شرافت ۾ لکل ماڻهو ڏسو شيطان بيٺو هو،
خدا جي خلق سان دوکو بندو بيمان بيٺو هو.

ستيائين ٿي سادا ماڻهو هتي راڪاس آيو هو،
لڳو ائين ٿي ڪائي تازو جڙ ڪو لاش آيو هو،
ڪٽي ڪو ٻار جيجل جو پٽي ڪو ماس آيو هو،
ويڑهو ويران ڪنهنجو ڪو ڪري چٽ ناس آيو هو،
قبائڻ حق غريبن جا. باسي ڪو باس آيو هو،
قربان ڪنهنکي ماريان تنهنکي رکي دل آس آيو هو،
ايذائڻ ڪم جنهن جو آ شايد مروان بيٺو هو،
خدا جي خلق سان دوکو بندو بيمان بيٺو هو.

مرڻ مهٽو مگر ناهي مرن ٿا معتبر ماڻهون،
حرامين جي حياتي ڏس اندر ڪارا ڪٽر ماڻهون،
شريفن جي شرافت تي ڪندڙ آهن چٽر ماڻهون،
چڪر کي پهچندو آهي هجي جيڪو لتر ماڻهون،
پٽي ياري رکج ان سان هجي عنبر عطر ماڻهون،
جمن جذباتي لکندو آ خدا جي خوف خاطر ماڻهون،
چئون ڪنهنکي وجون ڪاڏي اِهو ارمان بيٺو هو،
خدا جي خلق سان دوکو بندو بيمان بيٺو هو.

◊

*

شهرن ۾ ڏٺم شوق سان جوان پنندي غضب آ،
ماين جو گهرڻ مرد کان خيرات عجب آ.

واندا مرد گهر ۾ سمهندي ڏسون ٿا،
رڳو رش هوٽلن تي ويهندي ڏسون ٿا،
سوٽا سگريٽ جا به هٽندي ڏسون ٿا،
ڪمائن ٽيون مايون شهپر وٽيندي ڏسون ٿا،
پنڻ آهي سولو پنندي ڏسون ٿا،
حياءَ واري اک کي هوٽيندي ڏسون ٿا،
گلن تي آ لالي هٽندي ڏسون ٿا،
الله جي نالي ڏي چوندي ڏسون ٿا،
مفت آ گالهائڻ نه ئي ڪو سبب آ،
ماين جو گهرڻ مرد کان خير عجب آ.

مجون ٿا ملڪ ۾ غربت به وڌي آ،
مجون ٿا واقعي رشوت به وڌي آ،
چغل چوري زناخوري شرارت به وڌي آ،
ڦورو ٿا ڦرن مال ڦرلٽ به وڌي آ،
بند ڪوٽ ۾ به خوف آ، دهشت به وڌي آ،
پراون جي آبادي ۾ اضافت به وڌي آ،
پٽ ٿو وڙهي پيءُ سان نفرت به وڌي آ،
حيرت آ، هن گالهه جي مون کي تعجب آ،
ماين جو گهرڻ مرد کان خيرات عجب آ.

چئون ڪنهن کي سچ ٿا صوبيدار ٿو ماري،
ڏئي لت پيٽ تي جمعدار ٿو ماري،
ڏاڙيلن جي زور تي پوتار ٿو ماري،
پاڙي جي پهاڃ، زميندار ٿو ماري،
ڏيون ووٽ پنهنجي مرضيءَ سان سنواري،
ٿلهو زونٽو زوڪو سردار ٿو ماري،
پرائي سان گڏجي غدار ٿو ماري،
خدا کي آ پارت ڏيندڙ بہ رب آ،
ماڻ جو گهرڻ مرد کان خيرات عجب آ.

پنڻ جي طريقي ۾ ترقي ڏسون ٿا،
بسن ۾ پنن ٿا ته پرچي ڏسون ٿا،
لبن تي آ لالي ۽ سرخي ڏسون ٿا،
دل سان تن ڏي حرڪي ڏسون ٿا،
اندر ۾ الائي چو ته ٻڙڪي ڏسون ٿا،
ورائي چو ڪنڌ کي لڙڪي ڏسون ٿا،
رپيو ڏئي تنهن ڏي مرڪي ڏسون ٿا،
الائي **جمن** ڪهڙو اڳلي ۾ لب آ،
ماڻ جو گهرڻ مرد کان خيرات عجب آ.

◊

مناظرو

(زال مڙس جو بحث)

سڀ ساراهم سچي ڏٽيءَ لئم، جو آهي ڏينهن جو ڏاتار،
صدقي سهڻي حبيب تان وڃان، جو آهي محب متو منڌار،
هي ضد آهي زال مڙس جو، پلي پڌي پڌيو پار،
جن شادي ڪئي شوق سان، ۽ گهٽا ڇٽيائون پار،
جهڙي ونې تهڙو گهوٽ، ڏڪ ڏٽي آڌار،
چا شعر ڪندين شمار هت **جمن** ناهي جاءِ تنهنجي.

زال.....

هاڻي اُٺ نياڳا زال چيس، چني ڇڏيئم ڪٽ،
هڪ ڪونگهرا هنيا ٽئي ڪوڙ سارا، مون نند ڪئي آ گهٽ،
پاروٽو منهن پاسي ڪري، مهاندبو بہ مٽ،
آرس نہ ڀچ، اڃي پئو، تون نہ ڪاءُ وڪڙ وٽ،
ساجهر اڃي سوکڙي، هاڻي پڙي هتان پٽ،
نہ تہ قرضي ايندءِ جهٽ، پيو قسم ڪنڌين ڪوڙ تي.

مڙس.....

يَر سڃي رات ستو ناهيان، هڪ پارن جو پائيتال،
هڪڙا متن هنڌ تي، پيا ڪونہ رکن خيال،
پار ڇٽيا ٽئي، قهر ڪيو ٽئي، پنهنجا پاڻ سنيال،
پارن جي ڇڻ مشين آهين، ڪا ڪمي ناهي ڪال،
آرس مهاندبو ڪونگهرا، تون تعنا نہ هڻ تال،
تون بي سري، بيحال، تہ بہ مون کي چوين متاءِ مهاندبو.

زال.....

يار بابي وارا پلجي پيا، جو توسان ٿي وئي شادي،
ڪهڙي خبر ڪو ڪڙي، تون ايڏي ڪنڌين تادي،
ڪائڻ جو ڪرو، ڪم جو هرو، رڳي آهي بربادي،
پي هنڌ مٹا مرين هان وڃي، يا مون کي ڏئم واندي،

ٿهڪي ٽڪر ٽوٽ ٽيار هڪڙي گهر ۾ نادي،
يَر ڪهڙي ڪندين آباد سڄي عمر سورن ۾.

مڙس.....

واه ڙي وات پٽي، آهين صفا مور،
ڏانئڻ لڳين پئي ڏسڻ سان، گهٽو نہ مون کي چور،
ڪير ب وٽيئي ڪونہ پيو، هئين ايائي مٽي تور،
اهو مان مڙس مولائي آهيان، صفا شهزور،
مهاندبي تي مٽائي آ، هاٿي پئي پٽر پور،
گهٽو نہ ڪر شور، متان مروٽي من ڪيانءِ.

زال.....

واهہ ڙي واهہ، شهزادا شهپر ڏس، جڙ هن ۾ ڏهہ منٽ،
وات ڏس وات پٽيار، جڙ نوڪر جو سرونٽ،
شادي وقت سوچيو هوندءِ تہ گهوٽ ناهيان گهٽ،
پٺهين پٽڪو پڏي آيو تہ، هن جي ناهي ڪو مٽ،
پاڙي وارن پهريائين چيو اٽئي صفا چٽ،
آهين واقعي چرپٽ، مڙيئي مونکي لڳي وئين مٽي ۾.

مڙس.....

تون ب ڇَتَا ڏس ڇيڪري، سدا ڇڙيل وار،
هڪ رلائين اٽي ۾، ٻيو ٻوڙ ۾ وجهين ڌار،
ڏانوَ سيئي رڻ پيار ءِ گدلا تنهنجا پار،
پينگ ٽي وئي پنگوري، هت ڏهاڙي ڏڪار،
يَر اهڙي عورت ڪانہ ٽيندي آ، بي سُري بيڪار،
چڏيان گهر پار، نہ تہ مري ويندس مفت ۾.

زال.....

يَر ڪهڙو گهر ٿاهيو اٽئي، نہ ڪي ڪم ڪرين ڪار،
واندو گهمين وات پٽي هر هوٽل تي هر بار،

پاروٽي پاڃي پاڙي مان ملي، تون ڪائين تنهنجا ٻار،
رهندو ڳهرين رس ذري ڏي، ڪو شرم پنهنجو ڏار،
هڪ آڻين ڪونہ اونداهيا، ٻيو مون تي ستين کار،
پوءِ ڏهاڙي ڏڪار، هوندو ڇو نہ هتي.

مڙس.....

يَر، اڏ مڙ هٽي پائودر جو، جڙ پت تي لڳل سيڙهي،
هڪ منهن تي موهيڙا ڏس، جڙ ٻني ۾ آکيڙي،
سرخيون پائودر لالڙيون هٽي، تو ٻوڙي ڇڏي ٻيڙي،
رڳي خرچ ڪرين پئي کوهلي، نيٺ آهين چيز ڪهڙي،
هڪ مهنگائي ماريو، هر ڪم جي آ موڙي،
منهنجي ٻڌين نہ ٿي ٻوڙي، رڳي بکين ويٺي ڀنگوري.

زال.....

يَر، ڏاڙي مون ٻ ڏنب ڏٽا، پر تون وٽين پيو اتر،
مس تيل ذري تريءَ تي، ڪاڏهون آيو پائودر،
هڪ مار پئي واپدا وارن کي، کاڏائون پونيس جي اوبر،
بجلي بند ارڙهن ڪلاڪ، ٻيو گيس ٻ ناهي گهر،
اجهو وڏيرا آيا ووٽن لئہ، تپائي ڏيندا تر،
اڙي ٻڌي تون ٻ مر، جو ووٽ وري ڏئين انهن کي.

مڙس.....

يَر، مڙس آهيان مولائي، نہ ڪي ٻارو نہ ڪي ٻني،
جهڙي چالي تهڙي پني، جهڙو گهوٽ تهڙي ونې،
جدا نہ ٿيندا سين **جمن** چوي، تون رات ٻ آهين رُني،
رک منهنجي رب تي جا مالي مالڪ ڏني،
ٿيندي پيڄ پني، پلايون **پٽي** چوي.

---◊---

گيت

غلامي

سڪل منهن مهاندا سوپاتيل چهرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پو چاهي،
پگهر ۾ پراٽا لٽا ليڑ ميرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پوءِ چاهي.

هڏپاتيون ظاهر سڪل هوٽ سوڙها،
ههڙي دور ۾ بہ ڏنل گهر کي لوڙها،
ننگا پير ڪڙيون ڦٽيل جهير ٻيرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پوءِ چاهي.

جوانيءَ ۾ پوڙها اڇا وار جلدي،
غذائيت جي کوٽي ناهي ڪنهن ۾ لکندي،
وڏا وار ڪياڙي صفا جهپ جهپيرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پوءِ چاهي.

ڏرا ڏنل اکڙيون پاسيريون بہ ٻاهر،
ڳچيءَ هٽ پيرن جون رڳون صاف ظاهر،
وڏا نهن چلر هٽ اکيون چپين ٽيرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پوءِ چاهي.

اوهان هٽ ۾ ريڑها هو مرڪز جا مالڪ،
پلا هو وڏا چو اسين چالڪ ٻالڪ،
ڪمائي اسان جي لٽي ويا لٽيرا،
هي غلامي جي ناهي تہ پلا پوءِ چاهي.

ڪمائين ڪيڏو پوءِ بہ چٽئيءَ سان ماني،
هٿين مُڪ بصر ڪي ٻي دال آ طوفاني،
آ مهانگائي ورڻي ۾ مصيبت دوبارا،
هي غلامي جي ناهي تہ ٻلا پوءِ ڇاهي.

اڃا گوڏ گنجي چوپا ءِ جهوپا،
منهن بہ ڪرڻ تي لاٽ بہ لڙي پيا،
وسي مينهن روڊن تي اڏيل ڏس آڪيرا،
هي غلامي جي ناهي تہ ٻلا پوءِ ڇاهي.

گهٽن ٻار ٻالا متيءَ منهن ۾ ميرا،
نڪي چولو چپل هو پيرين اگهاڙا،
صبح سان گهٽين ۾ نہ اسڪول آرا،
هي غلامي جي ناهي تہ ٻلا پوءِ ڇاهي.

پڪو ءِ ڪچو بہ قلعو ويو والارجي،
نهاري پئي مڪلي قبر موريڙي جي،
ڪي تاريخي ماڳن تي ڏارين جا ديرا،
هي غلامي جي ناهي تہ ٻلا پوءِ ڇاهي.

پنهنجي گهر ۾ گهوڙا محفوظ ناهيون،
چوي حاجي جمن ڏڪيا ڏاڍا آهيون،
ڳالهائڻ تي بندش سوچن تي پهرا،
هي غلامي جي ناهي تہ ٻلا پوءِ ڇاهي.

---◇---

گيت (آزادي)

مڪڙ ماکي مصري کنڊ کير تن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
وڏا باغ بنگلا ستي پارکن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
هڪ پٽ حلالي هڪ ياڻ سياڻهو،
هوندو پيار ڪيڏو لڳايو اندازو،
انهيءَ پٽ جي راحت ۽ پياري ادن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
چهرو چند چمڪيلو نظر ناز پياري،
هلي مور هرڻي، چوري چال واري،
ويهي پر ۾ پاڪر چمي چپ ڳلن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
ست سالن کان پوءِ وسي مينهن ٿر تي،
خوشي ڪيڏي ٿيندي هرهڪ جي گهر تي،
ڪڪر چانورا ۽ اندلڪ رنگن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
پلي کو منسٽر سينيٽر کو سيري،
بلند بالا آفيسر لکي لک دليري،
تخت تاج پوشي ۽ ماٿهن گهٽن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
هجن ڏينهن ٻن جو اکڙيون اوجاڳيون،
لڳن جام شوري جو ٽڏڙيون هوائون،
سنجهي ننڊ نازڪ سمهڻ جي مزن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.
اگر چار زالون سهڻيون ستابيون،
گلن جهڙا مکڙا صفا سونهن زاديون،
ملڻ جي مزي ۽ سوني سڳن کان،
تڏهن ٻه آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

فضائي سفر ۽ سمنڊ جي ڪناري،
سڪر پُل روهڙي معصوم شاهه مناري،
گهمن گهوٽ گورک جي چوٽي لڪن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

مٽيون محفلون ڪي رسيليون رهاٽيون،
شرابي اکين سان نچن نينهن واريون،
صدقي صفا ٽين صبح جي سرن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

هٿين ميندي ڳاڙهيون ڪي چوٽيون چنبيليون،
پرون پنئور جاڙيون، ڪي لبريز لاليون،
سُندر سينڊ سنهڙيون وارن وڏن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

امڙ آس بابل مرادون ٻڌن جون،
ٽيندا گهوٽ غازي ڪي شاديون سڻن جون،
ٻڌي موڙ ڳانا خوشيءَ جي دهلن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

جڏهن ٻن ڏرين ۾ دلي ٽاهه ٽئي ٿو،
سنڌي ٻار هٿ ۾ ڪتابن جو ٽيلهو،
ملن محب عاشق وڇڙيل سالن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

ولر کان ڪو وڇڙيل اچي گهر اچانڪ،
قاسي ڏينهن ڪندي مان بچائي ٿو مالڪ،
انهي گهر اگڙ تي خوشين جي پلن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

وجهي پڙ پيرن تي ٻاڏائي ڪو ٻانهون،
اگهي دعا اچانڪ ڪو حيلو بهانو،
پتي هن "**جمن**" جي ستن پٽن کان،
تڏهن به آزاديءَ جو مزوئي ٻيو آ.

---◊---

*

اچي ويا ٽئي اڙينگ ٻڌي چيلهه سندرا،
اڳيان پويان تنهنجا ڪندا پول پترا،
هٿيا ناهيون آهيون اڳي ڪان بہ اڳرا،
ڏاهينداسين آخر تنهنجا ڪوٽ ڪنگرا

پلي ڏٺي وٺ تون پنهنجي لال ڦيري،
ٿو سمجهين شايد ڏهي ٽيندين ڏيري،

وڙهيئن تون اسان سان ٿوڙي جي ٽڪر تي،
غيرن سان گڏ هئين تون سڀي ٽڪر تي،
خبر آ تنهنجي تون مال جي چڪر تي،
اٿو پيو ٿو هارين اجائي ڏنگهر تي،
جڏهن جهوري پنهنجي ٻ جهرندي جڏا،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،
اتان ڪان اسان جي ٽيندي ابتدا،

جاڳيا جوان جوڌا وري شير هاڻي،
سنپالي نہ سگهندين تون پنهنجا پير هاڻي،
وڏائپ ختم ٽئي نڪي دير هاڻي،
جهڪي ڪين ملندئي مگر ڪير هاڻي،
جو ڪيڙي سو ڪائي اهو نعرو حق آ،
مون کي نوجوانن ڏني اها پڪ آ،
تہ حقيقت ٻ هاڻي هوشيار آهيون،
حق لاءِ وڙهبو سيئي تيار آهيون،
سيئي سنڌ واسي نڪي ڏار آهيون،
هڪ ئي امڙ جا اسين ٻار آهيون،
اسان سان نہ ڪڍهن تون ڪندين وفا،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،

اتان کان اسان جي ٿيندي ابتدا.

ڳلي جڏهن تنهنجي ڳچيءَ هٿ پوندا،
ڳهلي گپ تنهنجي مٿي تي ٿپيندا،
تڏهن منهنجا مارو سهي سڪ سمهندا،
اهو وقت ڪونهي جو پيرين تنهنجي پوندا،
غريبن تي هاڻي تون ڦرمار بند ڪر،
هٿرادو آسان تي ڏڪار بند ڪر،
گهٽو ئي اسان تي تو شهپر وڌيا هن،
جوڌا جوان مرد تو ڪونڊر ڪٽا هن،
ظلم جا تو ظالم گهٽا گر ڪٽيا هن،
سچ وارا سورهيه تو جيئري لٽيا هن،
وسئون بند باندي نه ڪندين تون رها،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،
اتان کان اسان جي ٿيندي ابتدا.

هري پئي ٿي هرندي وسائي نه سگهندين،
اسان جي اندر کي تون دٻائي نه سگهندين،
ڪيئي چور چوري ڦٻائي نه سگهندين،
سچ کي ڪوڙ سان ملائي نه سگهندين،
تنهنجي ڪوڙيءَ مر الٽو چڪر آ،
تڏهن خدا جو توتي ڏمر آ،
پٽيرو وڙهين ٿو اهو تنهنجو ڊنگ آ،
واسينگن وارو تنهنجو ونگ ڏنگ آ،
ڪيو باقي واقعي پراون به تنگ آ،
ناهي ڊپ ڪنهن جو خدا تي ئي ننگ آ،
ويڙهائي ڪيو جن آ جاني جدا،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،
اتان کان اسان جي ٿيندي ابتدا.

اسان سور سانگين گهٽائي سَٽا هن،
تنهنجي ظلم ظالم نڪي منهن مَٽيا هن،
دلاسا ۽ تنهنجا ٽڳيءَ جا ڏٽا هن،
اڏورا ٽيا ارمان تو توڙي سَٽيا هن،
اسان جي حقن تي تون هوشياري ڇڏي ڏي،
سڏائين ٿو تون سنڌي غداري ڇڏي ڏي،
ظلم جا اسان تي پنهنجا جيل بند ڪر،
مارين پيو ٿو ڳيرو اهڙا ويل بند ڪر،
ڪوڙا ڪيس ٽاهي ڪوڙا ڪيل بند ڪر،
جوانن کي ڦٽڪا ٽارچر سيل بند ڪر،
اسان پنهنجي ڌرتيءَ تي آهيون فدا،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،
اتان کان اسان جي ٽيندي ابتدا.

ڪيل ظلم عيوض تون هارڻ ٽي ٻرجانءِ،
خوشحالي اسان جي ڏسي پوءِ مرجانءِ،
تون پندين ٽڪر لاءِ اسان کان گهرجانءِ،
پنهنجي منهن سان ويهي وڃي ڏارو ڏرجانءِ،
تنهنجي لئه ظالم خيرات بند آ،
اسان جي وطن ۾ ڪيو توئي گند آ،
پٽر پيندءِ ڪيڙي هي پنهنجي مٽي آ،
اسان جي جوانن وڃي اڪ پٽي آ،
تنهين تان ٿ صدقي هي "**جمن**" پٽي آ،
باقي تون مٽي ۾ لڳي وئين چٽي آ،
اسان جي اگڻ تو مدي ڪئي مدا،
جڏهن ظلم جي تون ڪندين انتها،
اتان کان اسان جي ٽيندي ابتدا.

◊

پٽائي گھوٽ جي سنڌڙي

اچان ڪنهن جو گذارو بہ ويڪيو ناهي سهارو ڪو،
اچان ڪاڏون قيامت جو ملیو ناهي اشارو ڪو،
اچان مسجد آهي قرآن ڏيو ناهي سپارو ڪو،
اچان غازي سخا سازي ڏکيو ناهي ڏکارو ڪو،
مگر صدقي فقيرن جي هي قربداري آ،
پٽائي گھوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

اچان ڪو پٽائي جي همسر نہ ٿيو آ،
اچان پيدا اهڙو ڪو شاعر نہ ٿيو آ،
اچان مٽ علي جي ڪو حيدر نہ ٿيو آ،
اچان بند ڪوبہ سمندر نہ ٿيو آ،
وساڻي ڪانہ ويندي جا لطيفي لات ٻاري آ،
پٽائي گھوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

ڪٽي ڪوئي قلم شاعر پٽائي رهنما آهي،
محبت ملڪ مارن جي متان هي مهربا آهي،
پٽائي جي تہ باري مر نہ ڪنهن کي ڪا انا آهي،
خدا جي نيڪ ٻانهن جي ڪئي هر ڪنهن سنا آهي،
اسان جي آ مٽي ٻولي سنڌي سهٽي پياري،
پٽائي گھوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

راهي رهبر ڏانهن ويندڙ اهو رستو اچان آهي،
قلندر لعل جو ڪِستو اهو ڪستو اچان آهي،
هي درويشن سندو رستو اسان ورتو اچان آهي،
رٽو ناهي خدا راضي سچڻ پرتو اچان آهي،
لطيفي لات جي منزل اها منزل سگھاري آ،
پٽائي گھوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

اچان سازن سندا سرندا تنبورا تار سان آهن،
اچان سانوڻ اچان سارنگ پريل وسڪار سان آهن،
اچان محبوب گل موتي محبت پيار سان آهن،
پنهنجي ڪيتي پنهنجي ڏرتي مارو سڀ ڪار سان آهن،
سدا هن سنڌ سانگين جي ٻ باغن ۾ بهاري آ،
پٽائي گهوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

اچان بند فقيري نہ ٿيو ڪوبہ در آ،
پٽائي جي بيتن واين جو اثر آ،
ڪٽو ناهي ڪڏهين صوفياٽو ننگر آ،
هتي ڪو هميشہ نہ ٿيو ڪنهنجو گهر آ،
مٽي هولي فقيرن جي محبت مانَ واري آ،
پٽائي گهوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

مگر مارل سندي لوئي اها لوئي لچاراا،
گهڙي جا سير ۾ سهٽي اُهي ساڳيا دلاپاراا،
هلي منزل ڪٽي سسئي اها منزل بقاراا،
نهوڙيو جام ڪي نازن اها نوري وفاراا،
حسن اعليٰ حسن افضل اها نعمت پياري آ،
پٽائي گهوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

فلڪ آ جاءِ پنهنجي تي چريو ناهي اچان تائين،
پنهنجي هن وقت ڪان سورج سريو ناهي اچان تائين،
خدا جنهن ڪي ڏنو واپس گهريو ناهي اچان تائين،
علم ڪنهن جو **جمن** ڪڏهين ڦريو ناهي اچان تائين،
وسي رحمت محمدؐ جي اها رحمت جاري آ،
پٽائي گهوٽ جي سنڌڙي سائي سهٽي سونهاري آ.

---◇---

❊

پاتو مير مرسل اجرڪ ڪلهن تي،
هي ثقافت ۾ آ پر سنت ۾ آ،
رهندو ڏينهن قيام تائين سانديل اسان وٽ،
اهي سلامت ۾ آ پر امانت ۾ آ.

سنڌي ٽوپي مسجد جي محراب وانگي،
پسند سائين ڪيو آ شباب وانگي،
رکن سر مٿا ٽا فرض ۾ نمازي،
هي شرافت ۾ آ پر امامت ۾ آ.

مڪي کان پوءِ مرسل مديني ۾ آيو،
مديني ۾ مرسل مدني سڏايو،
اگر سنڌ واسي ڪو سنڌي سڏائي،
هي سعادت ۾ آ پر حفاظت ۾ آ.

مرد توڙي عورت کي اجرڪ ٺهي ٿو،
بيهڪ منجهه وهواهه واهجو بيهي ٿو،
اسان مان وارن کي تحفي ۾ ڏيون ٿا،
هي فضيلت ۾ آ پر عزت ۾ آ.

هر موج موسم ۾ اجرڪ الستي،
علڻ فقير جي پٽڪي ۾ مستي،
سياري اونهاري بهارن ۾ پايون،
هي فرحت ۾ آ پر راحت ۾ آ.

ٻڌي ۾ رهڻ جو ڏنو ڏس آ مرسل،
قدر ماڻهپي کانسواءِ ماڻهو وڃڻيل،
هجي هٿ هٿن ۾ جاکوڙ جاري،
هي حقيقت ٻه آ پر حمايت ٻه آ.

سنڌي قوم جهڙي ٻي شايد هجي ڪو،
ٻين وٽ ٻهڪڻ ٻڌائي ڪونهي ڪو،
رسالو ائين جڙ ترجمي قرآن آ،
هي ڪرامت ٻه آ پر ضمانت ٻه آ.

شادي غمي ۾ اجرڪ مٿئون آ،
اهڙي شيءِ مقدس نه ڪنهن وٽ ڪٿئون آ،
ٺاهي ٺيڪ پائي اجرڪ جڏهن ٿو،
هي عظمت ٻه آ پر محنت ٻه آ.

جني ويس پنهنجا مٽائي ڇڏيا هن،
اُهي قومون دنيا ۾ رولاڪ آهن،
اسان تي عنايت خصوصن خدا جي،
هي قدرت ٻه آ پر قسمت ٻه آ.

اڇي گوري ڪاري ڪي ٽوپي پهرايو،
ڪلهن تي رکي پوءِ اجرڪ نهاريو،
جسن ٺهڪي ٺهندو پٽي ٽوپي،
اجرڪ هي رحمت ٻه آ پر شفقت ٻه آ.

---◇---

پيغام

سنڌ جو سنڌ واسين کي پيغام ڏبو،
هاڻي سنڌ تي ظلم ڪونہ سهبو،
هاڻي ڪنڌ ڪٽبو ڪٽڻ ڪونہ ڏبو.

ميان ٿو تہ سنڌ کي غدارن جو گهيرو،
ميان ٿو تہ سنڌ کي ڏڪارن جو ڦيرو.

اين. ايف سي ايوارڊ ۾ گهوپيون هٽي ويا،
سنڌ جي ملن ۾ بہ ڏاريا بيهي ويا.

اک کول دولهہ دريا خان وانگي،
لهي پو تون لشکر سان طوفان وانگي.

ائين چؤ تہ هاڻي پوئتي نہ هٽبو،
هاڻي ڪنڌ ڪٽبو ڪٽڻ ڪونہ ڏبو.

ڪالا باغ ٽاهڻ سوچڻ بند ڪر،
اها راند رت جي کيڏڻ بند ڪر.

وسريو نہ آ، ٽوڙهي ڦاٽڪ اڇان تائين،
انهيءَ ماڳ تي اڇڻ بند ڪر.

اڇان تائين ڏک آ، شهيدن جو سانديل،
فٽن تي لوڻ ٻرکڻ بند ڪر.

سنڌ آ، اسان جي اسان جي آ، مرضي،
پليت پير پنهنجا گهمڻ بند ڪر.

ناهي ديم منظور سنڌوءَ تي اسان کي،
ڪالا باغ منصوبو جوڙڻ بند ڪر.

ڏنئي ڪوڙ ڏاڙيل هٿرادو اسان کي،
پنهنجن کي پنهنجن سان ڪهڻ بند ڪر.

ڦٽائي ڇڏيون ٿئي اوطاقون اسان جون،
ڪيون پيا ٿا آباد ڦٽائڻ بند ڪر.

سنڌوءَ جي چولين تي بہ ڏاڙا هنيا ٿئي،
سنڌ جو پاڻي روڪڻ بند ڪر.

وڪاڻان نہ آهيون تنهنجي رپين تي،
سنڌ جو سودو ڪرڻ بند ڪر.

گهٽو ئي سَٽوسين ظلم تنهنجو ظالم،
وڌيڪ ظلم ظالم ڪرڻ بند ڪر.

نوان وري چيچڪ ڇتيندا وتون ٿا،
اهي هوڻا هيلا ڪٽڻ بند ڪر.

ڪرين پيو افغاني آباد ڇا لئہ،
افغاني سرحد کولڻ بند ڪر.

جمن جي قلم کي نہ لالچ لڳي آ،
چوين ٿو ٻيءَ کي لکڻ بند ڪر.

اسان سان تہ پنهنجن بہ ڏاڍي ڪئي آ،
ڪڙو سچ آهي تن کي بہ چئبو،
هاڻي ڪنڌ ڪٽبو ڪٽڻ کونہ ڏبو.

◊

*

متان سمجهين تنهنجي ڪو قدمن ۾ ڪرندو،
اها تنهنجي پل آ، ائين ڪونہ ٽيندو.
اڄان هوجمالو ڳايون اسين پيا،
اڄان ٽوپي اجرڪ ۾ پايون اسين پيا.

(1)

متان سمجهين دودو ۽ هوشو مري ويا،
متان سمجهين منصور جهڙا نہ جمندا.
اڄان تن جي ڪڙڪن جا ڪڙڪاٽ ٻڌندين،
اڄان تن جي گهوڙي جا ڦرڦاٽ ٻڌندين.
اڄان تو سان پاڻيءَ تي پاڻي ۾ ٽيندو،
اڄان توسان لهڻي تي ڳهڻو ۾ ٽيندو.
اڄان سام تي سر ڏيندا اچون ٿا،
جمن شينهن وانگي وڙهندا اچون ٿا.
متان سمجهين ٽوڙهي هي ڦاٽڪ ويو وسري،
متان سمجهين تنهنجو ڪو ناٽڪ ويو وسري.
اڄان پاڻ پنهنجو سنياليون اسين پيا،
اڄان ٽوپي اجرڪ ۾ پايون اسين پيا.

(2)

ٻڌو ٿم ته سنڌ کي ڪپائڻ تو چاهين،
ٻڌو ٿم تون پنهنجي پيءُ جو ۾ ناهين.
وري ٻوٽا ٻيلا ڪٽائي ڇڏيا ٿئي،
اسان ۾ج تن جا ڇٽائي ڇڏيا ٿئي.
وري ويڑ ٻولي سنڌيءَ سان رکيو ٿئي،
جمن ۾ ڪهاڙو ٽپائي ڇڏيو ٿئي.
سدا منهنجا سانگي شهيد ٿيڻ ٿا،

اچان ڏاڙهي چاپائي رکيو اچن ٿا.
اچان ڏور هنر ڳجهارت ۾ ڏين ٿا،
اچان سگهڙ سياڻا ڪچهريون ۾ ڪن ٿا.
اچان ورُ پٽڪي جو ڏيندا رهن ٿا،
اچان ويس پنهنجو پايون اچن ٿا.
اهڙو نينهن مارن سان لايون اسين پيا،
اچان ٽوپي اجرڪ ۾ پايون اسين پيا.

(3)

اچان موڙ گهوٽن کي ڳانا ٻڌون ٿا،
اچان تحفو اجرڪ جو ڏيندا اچون ٿا.
اچان خوش پڙائي خبرون وٺون ٿا،
سيراندي‌ءَ کان مهمان ويهاري وٺون ٿا.
نہ ڪائي سگهڙ مِ پئي ڪوٽ آ،
سنڌي هولي سهڻي چوٽئون چوٽ آ.
اچان نم جو ساري ڏندڻ ۾ ڏيون ٿا،
صبح جو سويري تلاوت ڪيون ٿا.
اچان ۾ مکڙ ءِ لسيءَ ساڻ ماني،
صبح جي نيرن مِ صبح آ سهاني.
اچان دهل شرنايون واڄٽ وڄن ٿا،
نگارا قلندر تي ءِ نانگا نچن ٿا.
هاري مڇ ڪچهريون مڇايون اسين پيا،
اچان ٽوپي اجرڪ ۾ پايون اسين پيا.

(4)

اچان ۾ لطيفي آ جهر جهنگ هولي،
سنڌي هولي سهڻي سنڌي آهي سولي.
اچان بيت سيد جا پڙهندا اچون ٿا،

اڃان پنڌ پيادي پٽ تي وڃون ٿا.
اڃان ملهه ڪيڏي ۽ چيلو چنر ڏس،
سنڌي راندين سهڻيون ۽ سنڌ جو هنر ڏس.
اڃان تو **جمن** سان ڪچهري نه ڪئي آ،
پٽي جي به محبت سنڌ سان رهي آ.
مگر سنڌ پنهنجي سنواريون اسين پيا،
اڃان ٽوپي اجرڪ به پايون اسين پيا.

---◇---

❊

سچو آهين سنڌ سان ته غداري ڇڏي ڏي،
رشوت واري هٿ ۾ ٻهاري ڇڏي ڏي.

شرافت جي زندگي جيءِ گذارڻ ٿو چاهين،
ته ويهاريل پرائي اڏاري ڇڏي ڏي.

ذرو پرزو غيرت اگر جي رکين ٿو ته،
گهر ۾ جوان نياڻي اٽاري ڇڏي ڏي.

قدرت پيدا ڪئي عبادت پنهنجي لاءِ،
جوا جي اڏي ڪي جواري ڇڏي ڏي.

نچائين ٿو نياڻيون محفل پريءَ ۾،
مجري جي ڪوٺي پاٽاري ڇڏي ڏي.

نندا ٻار نينگر تو ناچو ڪيا ٿئي،
پٽيان پنهنجي اهڙي تون خواري ڇڏي ڏي.

ملاوٽ شين ۾ ملاوٽ ڪرين پيو،
واپار اهڙو واپاري ڇڏي ڏي.

نمازن جا ستڪا نيت منجهه کوٽي،
ڊگهي ڏاڙهي اهڙي آتاري ڇڏي ڏي.

هٽين ڪوڙ مسجد جي منبر تي ويهي،
اهڙي جاءِ سهڻي ٻلاري ڇڏي ڏي.

ويڙهائي ڇڏيو ٽئي شيعن ۽ سُنين کي،
چغل واري اهڙي چوياري ڇڏي ڏي.

قدر ڪونہ ڪيئي مدرسي جو پائو،
لوطي قوم واري بهاري ڇڏي ڏي.

اسان جو تہ خير آ، تون پنهنجو پاڻ ڄاڻين،
ائين ٻين جي دل آزاري ڇڏي ڏي.

پريل ناهي سلفي تہ علي ياد ناهي،
خالي چرس تي حبداري ڇڏي ڏي.

سڏائين ٿو مومن ننگر تي وڙهين ٿو،
غلط دعويٰ اهڙي سگهاري ڇڏي ڏي.

نشي ۾ ٻڏل ۽ اوتارن ۾ گم تون،
سيڙايل نياڻي سا گهر واري ڇڏي ڏي.

جمن کي ڇڏي ڏي هي جذباتي چريو آ،
تو سياڻو ٿيءُ، ناسمجهداري ڇڏي ڏي.

ڏٺم حال بچڙا ريڇ جي فقير جا،
قهر جانور سان قهاري ڇڏي ڏي.

ساسي ٻڏل تي ڪتا چو چوڙيا ٽئي،
خدا ۽ نبيءَ سان غداري ڇڏي ڏي.

سدائين توکي ڪتا چو ڪڇن ٿا،
شڪار اهڙو شڪاري ڇڏي ڏي.

سڏائين ٿو بالاافسر پلو جيءَ،
ڇڏ جي تون صدقي پو رشوت ڇڏي ڏي.

خوني کي نه خوف آ، فريادي کي ڦاسي،
ادا جج اهڙي عدالت ڇڏي ڏي.

پئسن جي خاطر وٺين ظالم جو پاسو،
وڪيل تون اهڙي وڪالت ڇڏي ڏي.

ڪُهي ڪنڊ ڪونڊر جو معافي وٺين ٿو،
مظلوم سان اهڙي رعايت ڇڏي ڏي.

اچي وئي اليڪشن عذر خواهيون ٿيندڙيون،
ووٽر سان اهڙي سياست ڇڏي ڏي.

ووٽن ٿا بيٺل پٽ پيءُ جي سامهون،
ماءُ پيءُ سان اهڙي بغاوت ڇڏي ڏي.

مسجد جي چندي مان ٿو گهر پنهنجو ٺاهين،
شريعت سان اهڙي شرارت ڇڏي ڏي.

ڪيئي قوم بيمار ڪنهن نه ڪنهن مرض ٿا،
دوائن ٿا اهڙي ملاوت ڇڏي ڏي.

مليل ڪمپنين سان مگر کوڙ ڊاڪٽر،
نمبر ٻه دوائن جي ڪپاوت ڇڏي ڏي.

جمن جذباتي آ، گهڻا ائين چون ٿا،
نه لک شعر اهڙا اشاعت ڇڏي ڏي.

◇

❊

بنا آواز جي راڳ سکڻ کي چڱي ڏي،
اڃاڻ استاد ڏي وڃڻ کي چڱي ڏي.

ڪٿي بار باجي جو پٽي تي ٻيا ساز،
وزن پاڻ تي ايڏو رکڻ کي چڱي ڏي.

اهڙي نہ ڳائج شاعري جو خراب ٿئي اثر،
ادا راڳ راڳي چوڻ کي چڱي ڏي.

جنهنجي چال سڌريل سنواريل هجي نہ،
انهيءَ ٽولگر سان رُلڻ کي چڱي ڏي.

ڏٺو پاپي چولهو ير عجب ٿو لڳي،
ڏسڻ بي حيائي ٻڌڻ کي چڱي ڏي.

ڏسي چڏ ڏاڙهي منهنجي اچئي ٿي کهاڙي منهنجي،
اهڙي شاعر شاعري ڪرڻ کي چڱي ڏي.

سڏائين ٿو عزت وارو اگر جي،
بنا پنهنجي گهر واري گهمڻ کي چڱي ڏي.

سُڃو ٿئي وڏيرو تہ بيجاريءَ تي زور آ،
اهو بہ پنڻ آ، گهرڻ کي چڱي ڏي.

"**جمن**" جي چوڻ تي گهٽو ڏک نہ ڪر تون،
ڪاوڙ مان پٽي کي پٽڻ کي چڱي ڏي.

◇

*

حق سچ چوڻ لاءِ منبر تڏو ملي،
مسجد جو در بند آ مندر تڏو ملي.

استيج ڪرسيون ويا والاري مون کان اڳي منڱ،
هيڻان ڪري ويهان ڇا پٽر تڏو ملي.

ڪنهن کي سڻايان سور ۽ احوال مان اندر جا،
همه خيال دوست يارو دلبر تڏو ملي.

ڪنهن وٽ ڪٽڪ ماڻهن جا لاچار هن ملڻ لاءِ،
مان ٿو ملان ملڻ لاءِ دلبر تڏو ملي.

خيرات ۾ خوشامد پنهنجا نواز ڏس،
مسڪين ڪنهن بکئي کي ٽڪر تڏو ملي.

پاندا پريل خزانا گدام ٽس اناج جا،
غريب کي اڃان ڪو ثمر تڏو ملي.

ڪنهن کي محل ۽ ماڙيون هر شهر ۾ حويليون،
ڪوئي ڏکي پڌر تي ڪو گهر تڏو ملي.

سيڪجهه تنهنجو آ تون ئي مظلوم ڪر سجاڳي،
تنهنجي ڪمائي توکي آوبر تڏو ملي.

ڏاڙيل ٽا هلائين قاتل بہ حڪمراني،
تن کي ڪجي ختم مگر نمبر تڏو ملي.

انصاف ويو لڏي ڇڏي، تڏهن وڏا قتل ٿيا،
انصاف ۾ عليءَ جيان ڪو در تڏو ملي.

سڀ ميرَ پيرَ ملانِ هڪ جاءِ تي انهن کي،
ڏوڏڙ ڪري آڏايان منتر ٽئو ملي.

جيڪر ڪجي ڳالهه حق جي ٽاڙو يا جيل گهاڙو،
مشڪل بچي اچي ڪو ڪونڊر ٽئو ملي.

واهڙي ملان مهانگا تنهنجو واعظ تي اچڻ،
توکي ٻڌم مٽي ٻيو ڏمچر ٽئو ملي.

هڪ ٻئي کي موت مارڻ انسان ويو آ اگهليءِ،
هڪ صاف دل شفاف اندر ٽئو ملي.

سيڪو سڏائي پهلوان دلبر دليرَ ٽوءِ،
ڪاوڙ وڃي ڪوڪائي تونگر ٽئو ملي.

چڏ پاءُ پنڻ مريدن کان ڏن جي شڪل ۾ پيرَ آ،
هڪ در پني مگر توکي حيدر ٽئو ملي.

اڃا ٻيا ٻ بش رهيل هن جاچي ڏسو جهان ۾،
پندرهون نمبر وڻان ڪٽي پادر ٽئو ملي.

لڪائن ٽا لعنتي گڙدا ڪڍي غريبن جا،
رت پياڪ روبرو ظاهر ٽئو ملي.

ساڙوٽا ساڙجن ميڙي ڪلئي منافق،
ڪٽي ڏاڪ ڪو ڪري ڏئي ڪائير ٽئو ملي.

وسڪار ٽي ويا وري آزار ٻم ڏماڪا،
هن قوم جو ڪو خيرخواه ليڊر ٽئو ملي.

ڪي ٽا چون حاجين زوارن ٻ ظلم ڪيا هن.
اهلِ معرفت ملان ڏاڪر ٽئو ملي.

آهي ڪو قوم کي ڪڍي مهانگائي جي مرض کان،
قاتل ملن ٿا ڪيئي رهبر ٿو ملي.

درياءَ جي تري مان مٿي پئي ٽي اُڏامي،
مهراڻ ۾ اڇي جيان انڇر ٿو ملي.

جتي نوڙهه قُمءِ ڪوٽيون پٽ بهه پکي هئا،
منڙو مٽاڻ وارو منڇر ٿو ملي.

سڀ مال گهلي سهلي گاڏي پري هليا ويا،
سنڌي بلوچ کي آتان پويو ٿو ملي.

مارل مري ٽي روز هت رهزن هٿان وري وري،
اجرڪ اوڍائي پيڻ کي عمر ٿو ملي.

ڪتا بچين قهاري نيائين تي بي گناهه ڏس،
تن کان مٿي مگر ڪو ڪافر ٿو ملي.

بل پاس ٽي ويا اگر عورت جي لئه ايوان ۾،
قانون ويو آ ڪاڏي ڪاڇر ٿو ملي.

ڪوئي ته هوندو جو **جمن** هڙو رکي اسان تي،
ڪنهن جو پٽي ڪو پلجي آڏر ٿو ملي.

---◇---

❊

منافق ڪي سائين سڏاڙ ڏيو آ.
غدارن سان گڏجي گذاري ڏيو آ.

چون ٿا هن سان مفاهمت ڪيون ٿا،
اهو مڃ هانوَ تي هاڙ ڏيو آ.

ڪري گهر خالي ڏناسين جن کي،
ڳچي ۾ اچي پيا اڌاڙ ڏيو آ.

نہ وسريا ڪتيل دوش انهن ادين جا،
تاريخ ان کي وساڙ ڏيو آ.

چون ٿا سنڌي ڪن غلامي اسان جي،
اولهه کان سڄ کي ايڙ ڏيو آ.

پٽائي جو هرهڪ بيت آ جياپو اسان جو،
پٽائي کي **جمن** وساڙ ڏيو آ.

◊

❊

اڄ ڏسي مظلوم کي ڇو ٻلا جابر ٿو ڪڪي،
ٿورڙي لشکر حسينيءَ کي ڏسي ڪافر ٿو ڪڪي،
لشکرِ آمود هو لشکر منجهان اڄ حُرُ ٿو ڪڪي،
سدرة المنتهيٰ ڪان ڪين اڳتي پر ٿو ڪڪي.
گم خزانو ٿو ڪري قارون ڪان ٻاهر زر ٿو ڪڪي،
مسڪين کي آ آسرو ملندو مگر ننگر ٿو ڪڪي،
سستو آنو سيٺ جو لٽ ڏسي نوڪر ٿو ڪڪي.
آ ڪِيِي جي ڪُولا ۾ اڄ نند چڏي نينگر ٿو ڪڪي،
لاش بند ٻوري ۾ ٻارو خوف کان خنجر ٿو ڪڪي،
جند چڏي ڪيئن جندو مائي فوج جو دفتر ٿو ڪڪي،
هار ڪڪيو ڪين ليلان سوچ اڳ ۾ ور ٿو ڪڪي.
مورڙو آ موج ۾ ڪُنُ منجهان مانگر ٿو ڪڪي،
سنڌ کي خطرو آ تڏهين پير مان پادر ٿو ڪڪي،
رودِ تي آ رش وڏي تنهن ڪنا تونگر ٿو ڪڪي.
مينهن وسندا موج ٽيندي پر اڳي بي گهر ٿو ڪڪي.
ڪيهه قلمن کان ٽي نڪري ظلم کان ڪاڳر ٿو ڪڪي،
بيت پڙهبا جي **جمن** محفل منجهان ٻسطر ٿو ڪڪي.

-◇-

❊

اسان ڪنهن جا يارو گلا خور ناهيون،
اسان چغل چمچا نڪي چور آهيون،
اسان حق جا پاندي شهزور آهيون،
اسان محبتي ۽ مٺا مور آهيون،
نڪي ٺڳي ٺوڙهي وارو پنهنجو فن آ،
اسان جي تہ دل ۾ اَمن ئي اَمن آ.

اسان دغا دوکو صفا ڪونہ ڄاڻون،
مدا ناهيون ڪنهن جا جفا ڪونہ ڄاڻون،
ڦري حق ڦهائڻ ادا ڪونہ ڄاڻون،
ويڙهائي ويڙهيچا جدا ڪونہ ڄاڻون،
اسان سچ جا ساڻي سچوئي سخن آ،
اسان جي تہ دل ۾ اَمن ئي اَمن آ.

اچو تہ اَمن کي رچايون مچايون،
وري هن دنيا کي جنت بنايون،
ڪديڪ ڪوڙ ڪلفت هي منزل کي ماڻيون،
سڀي سهڻي مخلوق انسان آهيون،
ڀلا پيو ٿو شايد مونڊي تنهنجو ڪن آ،
اسان جي تہ دل ۾ اَمن ئي اَمن آ.

الائي اَمن کي نظر ڪا لڳي آ،
پيو ڪوڙ ڪاهي ماڻهن ۾ ٺڳي آ،
جي مرئو آ آخر پوءِ ڇاجي مڳي آ.

سهي ظلم آخر ڪر بر ڏي ڀڳي آ
اچا بہ ادي جو ڪهاڙي ۾ ڳڻ آ
اسان جي تہ دل ۾ اَمن ئي اَمن آ.

ضروري آ ظاهر نيت ڪي صفا ڪر
امانت ڪي ڀاءُ سلامت ادا ڪر
محبت ماڻهن سان نہ ڪرامت فضا ڪر
جمن سان نہ جائي بغاوت پيدا ڪر
اسان قرب جو پوکيو اهڙو اَنَ آ
اسان جي تہ دل ۾ اَمن ئي اَمن آ.

-◇-

*

خاموش رهي خوامخواهه ويهي ٿو سگهان.
مان درد پنهنجي دل جو ٻڌائي ٿو سگهان.

رونشي ڪوڏيا رات ۾ چهن چرچا ڪيا ٿي،
مان مشڪرو ناهيان خلق ڪلائي ٿو سگهان.

محفل ۾ متان مون تي ناراض اُٿي ٽئي ڪو،
مان هنجهه ۾ هوشوءَ کي ڪهائي ٿو سگهان.

ڪنڌ ڪٽجي وڃن گهور ڪيان سنڌ تي سر کي،
مان ڀٽي منجهان سيد سڏائي ٿو سگهان.

پنهنجن جا ڪتي ڪنڌ لوڙهي واهه ڇڏيا ٽن،
مائي جندو منوييل کي سهائي ٿو سگهان.

ڪهه ظرف ناهيان **جمن** ڪجهه ظرف رکان ٿو،
مخدوم کي گهاٽي ۾ پيڙهائي ٿو سگهان.

-◇-

*

خاموش ڏسي خلق کي چپ چورٽا پوندا،
وسامي وڃن ڏيئا سي سڀ وٽِ سورٽا پوندا.

ڏرتي تي دغرا ٽاشا ماشا چڏي ڏيو،
پهاڙن کي ٽڪر ٽوٽا ڪري پورٽا پوندا.

منوپيل نہ ڪر بس متان ماٺ ڪرين تون،
جندو جي پهاري جا تيلا ڳولٽا پوندا.

غيرت تي مجي تہ غير گهر ۾ گهڙي پئي،
ڪنڌ ڪٽجي وڃن ماڻ تي سر گهورٽا پوندا.

مڙسن تي ايندیون مهڻون ميدان ملهايو،
مڙسن جا وزن ڪين ڪڏهن تورٽا پوندا.

مفلوج متان ٿي وڃو خاموش دنيا ۾،
آڃيي لاءِ **جمن** جاني ڏڪ ڏورٽا پوندا.

-◇-

*

ڪٽي جي ڪلهه هٿا ساڻي سي سهارا ڪونہ ٿا ڏسجن،
هٿن ۾ هٿ هٿا جن سان جيءَ جيارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

دلاسا دوست ڏيندا هٿا ڏکئي ڪنهن وقت رهبر ٿي،
ويندا هٿا غم ٽري هيڪر سي پيارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

ويا هن راهہ ۾ راهي نہ موٽيا ياد ناهي ڪو،
هٿن مان ڪيئي ويا دلبر دوبارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

ڪيئي عالم وڏا شاعر اديبن موڪلاڻي ڪئي،
اهي محقق وڏا مفڪر موچارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

ٿلو جيئري سهي ڪوئي مٽيءَ جي دن ذري زاري،
مٽي هيٺان ويا لٽجي ڪوهيارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

اڳ منهنجي تي ايندا هٿا ڪالهوڪو ڏينهن آ ياروِ،
هٿن ۾ هٿ هوندو هو ويچارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

ڪلهي تي هٿ رکي هڪيئي جي گهمندا هٿا ميلي ۾،
اهي ساڻي سهٹا سائين سوياراڪونہ ٿا ڏسجن.

هليا ويا اولياء عاشق حقيقي عشق جا رهبر،
نچيا ٽي نينهن ۾ ڏانگا نغارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

اڳي وهمن وسارڻ لاءِ ويهي ڪي بيت ٻڌبا هئا،
انهن صوفي فقيرن جا اوتارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

ساري ڪو دوست دلبر وٽي هڏڪي وڪوڙي پئي،
لوين ڪو لام تي ڪانگل لامارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

سڪي سنڈو ويو سارو نڪي پاڻي پچاڙي ۾،
پڃن ڪي بند ٻڌل ٻيهر سي گهارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

منهنجا محبوب منڙا مَنَ موهيندڙ راڄ ڪي راڻا،
ڏٺم ماڻهو هزارن ۾ تو پارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

گهڻا شاعر وڏا مفڪر سڏائن ڪوڙ مون پارا،
پٽائي گهوٽ جهڙا چند ستارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

سنگت جيڪا بچي باقي تن لئہ دعا گهرو دوستو،
جو ڪاڏي ۾ ملاوٽ آ سگهارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

"**جمن**" ماکي مکڻ مصري موڻائي ڪير ماڳن تي،
جو ساڙهي ڪير لسي ۽ جهارا ڪونہ ٿا ڏسجن.

--◇--

*

فرعون ۽ قارون کي ضمانت ٿي ملي،
بمبار خودڪش کي شهادت ٿي ملي.
بند لاش ۾ هوري ۾ قاتل رکي هليا ويا،
جهاڳين جي جهوپڙي مان ائين جهالت ٿي ملي.
انسان ويو آ اڳهلي ايمان کي آ خطرو،
عادل منجهان ادا اڄ عدالت ٿي ملي.
زردار پنهنجي زر سان جنت ڪئي ٺهرائي،
اخلاق بنا آدمي کي عزت ٿي ملي.
سجدي ۾ سر جهڪيل آ خيالات ناهي قابو،
پگهار تي ملان کان امامت ٿي ملي.
دهريا وهابي هاڻي شيعا سني اڳي هئا،
تن جي به چوڻ تي چاچا هدايت ٿي ملي.
موذي کي مان ڪهڙو مري چونہ مدينيء،
بيمان کي اتي به جنت ٿي ملي.
رش ۾ نہ وڃجو يارو جو ٿئي نہ بم ڌماڪو،
ڪنهنجي به مندي ڪنهن سان سلامت ٿي ملي.
انصاف جاڻي هڪ آ امير ۽ غريب لئ،
اُن قوم ۾ قسم سان بغاوت ٿي ملي.
هن ڏيهه ۾ ڏسو ٿي سؤ نوي تنظيمون،
بدليو ناهي نظام جو مهارت ٿي ملي.
خرابي نہ ويئي خلق مان ويتر وڃي ٿي وڌندي،
اڄ گهر پنهنجي ۾ گهوڙا فرحت ٿي ملي.

پاڙو ٿو ڪائي پاڙي ڪي پاڳل ٻڌي آ پڳ،
مائڻن منجهان متي ويئي عزازت ٿئي ملي.
ماڻهو ڪي ويڙهائي ماڻهو حيوان ڪي آ حيرت،
شيطان ڪي پلئه ۾ شرارت ٿئي ملي.
راضي خدا جنهن سان سو انسان آهي ڪو ڪو،
اڪثر ڪنهن جي ڪنهن سان طبيعت ٿئي ملي.
عالي جناب ڪيڏو سائين سڏائي سَرجي،
شراب جي اَڏي تي شرافت ٿئي ملي.
مهانگائي ماڻهو ماريا ڇا ٻه ٽا وڪامجن،
امير کان غريب جي پارت ٿئي ملي.
دنيا ۾ درد ايڏو جو لکڻ ناهي ليکو،
ڪو رحم ڪائي ڪنهن تي نيت ٿئي ملي.
حاجي ٻه گهٽا هرهنڌ مسجد ڏانهن نه لاڙو،
زوارن ٻه ذوق چڏيو جو عبادت ٿئي ملي.
جو پاڻ پني ٻئي کان پوءِ ٿو پيٽ پالي،
ان پير منجهان پيارا ڪرامت ٿئي ملي.
ڪو دور هو صبح سان تلاوت ڪري نڪربو هو،
اڄ مذهبي ماڻهو مان ٻه اها عادت ٿئي ملي.
نيت صاف ناهي وڃي چو نه مدينيء،
پهچڻ کان پوءِ تنهن کي زيارت ٿئي ملي.
ڏارين ديرا جمايا اڄ ڏائڻ پڳا ڏيهه ۾،
ڪسبي ڪمائڻ واري مان غيرت ٿئي ملي.
پيسي بنا ڪٿي ٻه انصاف ناهي يارو،
آفيس ۾ اگر جي رشوت ٿئي ملي.

ڊسڪو ڪري ٿو ڊانس استيج تي رڙيون پڌ،
ان راڳ مان اسان کي فضيلت ٿئي ملي.
نڪي لئي رڌم سُرُ ناهي ساز تي به پورو،
ويهي به ڪئي ٻڌجي راحت ٿئي ملي.
سسئي پنهون يا سهڻي يا هير راڻو رانجهن،
اڃڪلهه جي عاشقن کي چو عظمت ٿئي ملي.
پيسي سان پيار سستو نڪي ناز نڪي نخرو،
سڪ ٿئي سبيل اهڙي چاهت ٿئي ملي.
سيڪو ڏسان ٿو سيٽيل بگڙي ويو ماحول آ،
سڀ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو پر اجازت ٿئي ملي.
محفل مشاعري ۾ ٿي کي نه پلجي نه چئجو،
سچ ٻا لکون **جمن** ته دعوت ٿئي ملي.

--◊--

سنڌ راڻي

ثقافت ۾ سهڻي اجرڪ ۾ اوڍيل سنڌ راڻي هجي ته اهڙي هجي،
اجاگر ڪري وڻي مانَ مرشد جو جيڪا مريدياڻي هجي ته اهڙي هجي.

ڪري راج ٿي جيڪا قوم جي دلين تي سگهڙ سياڻي هجي ته اهڙي هجي،
ٿي جا ڏجي بم ٽماڪن کان ڪنڌن ۾ دليراڻي هجي ته اهڙي هجي.

مرڻ ۽ جيئڻ هو قوم ساڻ اوهان جو، مري جيءَ ڏيکارڻ سڏياڻي
هجي ته اهڙي هجي،
ماڻين جي مالڪياڻي گذارڻ غريبن سان سنڌ ۾ اگر ساماڻي هجي ته اهڙي
هجي.

دنيا ٿي رنو شهادت تنهنجيءَ تي جيئن ڪربلا جي ڪهاڻي هجي ته اهڙي هجي،
رنو ٿي **جمن** گهر گهر ۾ تڏو هو ادي الوداع پچاڻي هجي ته اهڙي هجي.

--◇--

*

سونهاري سنڌ جا سهڻا چوڻ دل تان ڀلائين متان،
ڏکيا مارو ڏسي ڏک ۾ ڏکوين کي ڏکائين متان.

پنهنجي هن ديس واسين کي ڳلي لئہ ڳراڻي پاءِ،
ڏسي ميرا نہ ڪپڑا تون تن کان لوائين متان.

دنيا هي چئن ڏينهن جي مرڻو ٿئي اَمر ٿي مر،
چڏي ميدان کي خالي مگر ماڻهو ڪلائين متان.

هي ڏرتي آ ولين جي سچن صوفي فقيرن جي،
سوڙهي سلوار پيڏيءَ تي سچ اصلي سبائين متان.

سونهاري سنڌ جي متي پتر پيندبن تان مان صدقي،
پنهنجي اوڏن ۽ ڪولهين جي عزت کي اڏائين متان.

اڻي جاڳو جاڳائن جيئن ملا روزي لئہ ماڻهن کي،
پگهرجي پوُ ماري دشمن پگهر اڳ ۾ سڪائين متان.

"**جمن**" ب جنگ جوڻي آ پٽي ڳاڙهي قلم سان ڏس،
محابي مصطفيٰ جي تون مارن کان منهن متائين متان.

--○--

❊

اسان جي نيڪ نيت آ اسان ڪنهن جا مدا ناهيون،
اسان سان ڪير رسندو جو اسان ڪنهن کان جدا ناهيون.

اسان هر وقت دل کولي ڪئي آ پيار جي پارت،
اسان محبوب گل موتي محبت ۾ فدا آهيون.

خدا سڀ کي ڏسي پيو ٿو ڳِلا ڪنهنجي ڪيون چالئ،
اسان ڪا خام خواهه ڪنهنجي، خوشامد ڪر ڪندا ناهيون.

اسان ناتو چني ڪنهن کان آزاري دل نه آ ڪنهن جي،
جمن پائپي نه چنبي آ اسان سڀ جا ادا آهيون.

--◇--

مُچون چٽ ڪانچ پيڏيءَ تي ڏاڙهي ڏس ٿوٽ جيڏي ٽس،
اچئي ٿو بم ڪيون ور ۾ نيت ۾ ڪوٽ ڪيڏي ٽس.

نڪي مندر ڏسي مسجد بازار ۾ ٿو بم ٿوڪي،
لڪي ڪيئن ٿو وڙهي سڀ سان آزيئي وٽ اوٽ ڪيڏي ٽس.

اها ڪهڙي شريعت آ اها ڪهڙي مصيبت آ،
ماري ماڻهو رسي جهنم اهائي چوٽ ڪيڏي ٽس.

هي وحشي جانور ڪاڏهون آيو گلشن اسان جي ۾،
جمن ڏس ڪيئن آيو ظالم انهي چوٽ ڪيڏي ٽس.

--○--

❊

محابي مير مرسل جي خدا آباد سنڌڙي ڪر،
اچن مهراڻ ۾ موجون وري شل شاد سنڌڙي ڪر.

نگاهِ ڪرم ٿئي تنهنجو تہ قيدي قيد مان ڇٽندا،
قهارين ڪات هٿ ۾ هن اتان آزاد جندڙي ڪر.

خزانا خوب ٿئي مالڪ ڪمي ڪنهن شيءِ جي ڪانهي ڪا،
مطابق شان پنهنجي ڏي مٺان امداد وڏڙي ڪر.

وهيا جر جام ٿي **جمن** اها سنڌ سوڪ ۾ اڄ ڪلهه،
وسي ٿر کان ونڍي ڪاڇو وري آباد ڪنڌڙي ڪر.



گيت

اخلاق جي ٽي پينگ وئي لٽجي رهيو ايمان آ،
جيڪو بچيو ٽورو ٽڪو صدقي تنهنجي قرآن آ.

ڪلهه قيس ٽيو ڪورٽ اندر مظلوم ويو ڦاسي چڙهي،
سيني چيو هي ظلم آ جيجل اندر مٿ وئي سڙي،
ڪُنڊ مٿ چيو ڪوڙي وڪيل جج ٽي لکيو فرمان آ.

هڪ نينگري اٺ ڪن ورهيه ۾ چار وحشي واٽ تي،
وحشت پريل رُخ جانور ڪڙڪي پيا ڪڙڪاٽ تي،
نياڻي ننڍي تذليل ڏس ايڏو ڪِريو انسان آ.

ڪاتا گهٽا پوليس جا پوءِ به امن ناهي ڪٽي،
رشوت جا در ڪليل سيئي آهي ظلم آ لاحد جٽي،
هن وٽ وڻان جي دور مٿ ذخيرو ڪيل سامان آ.

سنهڙا لٽا چولو ننڍو اڌ تي بدن ظاهر ظهور،
هرڪو ڏسي هِرڪي پوي اک ٽيڏ سان ڏسبو ضرور،
هي فيشني هو ناچٽيون هڪ ئي سندن ارڪان آ.

پٽ ٽو لوڙائي پيءُ ڪي ۾ ماءُ پورهيو پئي ڪري،
شوقين پٽ ويو ميل تي ڪڪڙن متان بازيون رکي،
شل سمجهه ٻڍڙي ڪي اچي دارون نه ڪو درمان آ.

هن دجالي دور مٿ هرڪو پٽيان آ مال جي،
حاجي **جمن** هٽ ڪيڊ هتان ڳرو نه ٽي پئي سال جي،
وحشت پريل هن حرص مٿ بندو ڳهئو بي ايمان آ.

--O--

❊

زندگي پر جفا ڪبي ناهي،
دل وٽي پوءِ دغا ڪبي ناهي.
سر گهرڻ ڪنهن سخي جو آ سولو،
اهڙي ڪنهن کي سدا ڪبي ناهي.
مر پلي مر ائين چوڻ مون لئه،
اهڙي ڪنهن کي دعا ڪبي ناهي.
دل تان ڪوري **جمن** کي ڊاهي ڇڏڻ،
اهڙي ڪنهن کي سزا ڏبي ناهي.

--✦--

❊

ڳالهيون ڳوٺاڻن جون اوطاقون وسن شل،
اچي موج مهراڻ مرادون پچن شل.

وسي مينهن ٿَر تي ڪاچي ڪوهه بَر تي،
جبل جهنگ جهر تي اباڻن جي تَر تي،
منهنجا مير مارو جُڳ جُڳ جيئن شل.

پنهنجي ٿر جا ٿوهر ڪندا لَيون لاٽيون،
سايون سپ هجن شل وليون ويس واڙيون،
سيئي شال سنڌ ساڻ سلامت رهن شل.

پنهنجي سنڌ سونهاريءَ ۾ پٽائي پلارو،
سنڌ ءِ سنڌين جو پٽائي سهارو،
پٽي تنهنجون دعائون اگهنديون "**جمن**" شل.

---◇---

*

بنا ڪنهن ديڙ جي دلبر هلي آ سڪ وڏي وئي آ.
حياتي ۾ ملي وڃ ير هلي آ سڪ وڏي وئي آ.

هري پيو مڃ اندر منهنجي لڳي نہ باهم بستر ڪي،
لڃان ٿو ۽ پچان ٿو گهر هلي آ سڪ وڏي وئي آ.

سخا زر جي ٿئي گهرجي سخا ڪر اڄ اڇڻ جي تون،
جهليان ٿو موت ڪي تيتر هلي آ سڪ وڏي وئي آ.

جدائي ڪر نہ "**جمن**" سان جدائي جان ٿي ڳاري،
ڏنا ٿئي ڏڪ وڏا ويتر هلي آ سڪ وڏي وئي آ.

--O--

*

ڪين چاهيون ٿا تہ ڪو دوکو هجي،
هرڪوئي محبت اندر سوگهو هجي.

خلقِ خدمت خلق سان خلقي خدا،
نفرتون ڪٽ پيار جر جوڳو هجي.

سنڌ آ سهٽي لطيفي لات سان،
سنڌ ۾ سنڌي نہ ڪو موڳو هجي.

جيءُ چوي "**جمن**" پٽي جند گهوريان،
هر سنڌي هت سونهن سان سوکو هجي.

◊

ڇڏ ملاوٽ پيار ۾ پيار ڪو چرچو نہ آ،
پوڳ نہ آ رونشو نہ آ هٽ لکيو پرچو نہ آ.

باهہ جنهن جاءِ ٻري سا سڙي ٽي جاءِ اها،
تڪليف آ موڪي اِها يار اڄ سرچو نہ آ.

دل جي قيمت دل برابر پي بها مون ڪانہ ڪئي،
پيار ڏي ڪاوڙ ڇڏي اِن ۾ تہ ڪو خرچو نہ آ.

پيون سيون ڳنڍجي وڃن ٽيون دل "**جمن**" ڳنڍجڻ ڏکي،
گيت آ سرگم بہ آ بس هتي همرچو نہ آ.

--○--

❊

ڏنيون ٽي ساهه ڪي سختيون جيئڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،
بنا ڪل باهه تي بيهڻ ويهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ڪهڻ چاهين ڪهي وڻ تون نظر ترچي نهارڻ سان،
ڀڳل ڪاتي مڏيءَ سان جي ڪسڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

هارين ٿا مڃ مڪانن تي سياري سيڪ جي خاطر،
اونهاري باهه تي ويهڻ بيهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ملي ديدار غيرن ڪي مون لئه پردو حجابن جو،
جگر ۾ گرم گولي ڪي سهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

جدائي ۾ "**جمن**" جاني گذر ٽي زندگاني ويئي،
سڪائين ٿو سڪايل ڪي سڪڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

◊

وسي مينهن خدا ڪري ڪاڇو ٿر مهراڻ جون موجون ڏسڻ هلون،
هلي چانهه پيون المنظر تي هٽ هٽ ۾ ڏئي ٻئي گهمڻ هلون.

ڏئي ڏينهن ٽيا تون ڪونه آئين، يا دل وئين ڪئي منهنجي دل جا ڏٽي،
اکين آب سنڌوءَ وانگي سڪندو رهيو نئون نينهن جو ناتو ڳنڍيڻ هلون.

اڇ مور مڪڻ من موهيندڙ تولئه ڳوٺ جا روڻن ٿا وڻ ٽڻ،
سڪ تولئه سڃڻ دل تڙپي ٽي، پرين پيار جو سودو وڻڻ هلون.

دلي دعائون گهرون درياهه جي لئه پنهنجي پيار اَمن ويساهه جي لئه،
اڇ حاجي **جمن** ڳايون گيت اَمن سُر سارنگ ۾ ٻئي چوڻ هلون

--○--

*

چڏ پاءُ پنڌ پينوءَ کان سائل هتان اڳي هل،
هي چا ڏيندئيءُ نہ ٽيندئيءُ حاصل هتان اڳي هل.

جهٽ پٽ اڳي جهنگل ڏي بر منهن ڪري هلون ٽام،
جاڳي نہ پَر پکي هڻي آ توڪل هتان اڳي هل.

دنيا ۾ درد ڏيندڙ ماڻهون مڙيا نہ ڪنهن کان،
تون خيال رک خدارام هرپل هتان اڳي هل.

پر جام ڏي **جمن** کي گنج بخشي وٺ خدا کان،
در وٺ وڏي وڏاڻ جو پريل هتان اڳي هل.

---◊---

❊

اسين وقت پنهنجو نيائڻ ٿا چاهيون،
سچائي سڻائي وڏائڻ ٿا چاهيون.

دغا جنهن جي دل ۾ سچي ڪاڻ سڪندو،
اهڙا بت بيڪار ڌاهڻ ٿا چاهيون.

مَدا ڪنهن جا ناهيون خدا جو قسم آ،
اسين سنڌ پنهنجي سنوارڻ ٿا چاهيون.

سڙن ساڙ ۾ ٿا گهٽا اڄ اسان تي،
ساڙونڙن کي ساڙيءِ، جلائڻ ٿا چاهيون.

اسان دل آزاري نه ڪئي نه ڪنداسين،
اسان بن دلين کي ملائڻ ٿا چاهيون.

جنهن جي سوچ جهڙي جيئن ڪوبه سمجهي،
اسين محبتون من ورهائڻ ٿا چاهيون.

جدا ناهي "**جمن**" پٽي يار سڀ جو،
بلند نعرو حق جو لڳائڻ ٿا چاهيون.

--○--

*

ڪنهن جو محتاج دنيا ۾ ڪو غريب نہ هجي،
خدا ڪري تہ خراب ڪنهنجو بہ نصيب نہ هجي.
مون مولائي سان خوش هجي يار **جمن** هر وقت،
دوست دوست هجي ڪو رقيب نہ هجي.

◊

چگن کي چوٽ ڪاپاري چگو ناهي ايا تائين،
آ رهزن باغ جو مالهي بٹيو آهي ايا تائين.

گٹر ۾ ٹو پوڙي گلابن جا گلڙا،
نہ ڪنهن جو موچڙو هن کي لڳو ناهي ايا تائين.

لُٹي ويا لٹيرا پنهنجي انگ ڏنگ سان،
غداري سنڌ سان ناحق رڳو آهي ايا تائين.

جمن مانڊاڻ بٹجي ويو وري آزار بمن جو،
هي ويري دين ڏرتي جو پڳو ناهي ايا تائين.

--O--

*

يلي منهنجا سهڻا يلي ڪر تون ماڻان،
سهي ڪوڙ صدما سڄڻ ٽيا هون سياڻان.

ڦري مال مون کان ڪري هڙپ ويوهين،
ڪديي ڇڏيئہ جانب اسان جا تہ ڏاڻان.

ستو پيوهان سيراندي ڪري مان سروٽو،
ڪنائي ڇڏيا ٽئي منهنجا هنڌ ويهاڻان.

بچيو مون ۾ جانب رهيو باقي ڇاهي،
مڪانن تي پنهنجا هائي ٽئي ڏکاڻان.

اڏڻ پيو ٿو ميڙيان سگريٽ جا مان،
لٽا بہ لڳن تي ٽي ويا پراڻان.

نہ اجرڪ، نہ توپي نہ پٽڪو رهيو آ،
عشق ۾ هليا ويا اهي بہ وڪاڻان.

نہ بيدرد ٻلجي وفا تو ڪئي آ،
هئا ڪونہ تو ۾ وفا جا ڪي داڻان.

متان ڦاسي ٻيو ڪو "**جمن**" جهل انهن کي،
زبان جا هي مٺڙا اصل کان سچاڻان.

◇

❊

سچ چوڻ سولي چڙهڻ، هي دل اپاڻو ڪيئن ڪٺان،
باغ ۾ پاڻي نہ پهتو گل ڪوماڻو ڪيئن ڪٺان.

تون پلي مخدوم بلاول کي ڪٽي گهاڻي ۾ پيڙهه،
مان ڪيئن هڪليان ڏاند هي لعنتاڻو ڪيئن ڪٺان.

جي بچائي عشق مونکي ڏين تہ پوءِ ٻئي ڪٽي ڏي،
محل ۾ مومل بنا ائين مان راڻو ڪيئن ڪٺان.

اي خدا سونا جبل جام ٽين هيري جي ڪاڻ،
لعل چورائي اتان مان ائين داڻو ڪيئن ڪٺان.

ڪر وجهان سڀ ڪوهه ۾ ڏئي ڳرو چاپڙُ مٽان،
سمجهه سان سوچيان پيو تن جو ٽڪاڻو ڪيئن ڪٺان.

ڏي خدا طاقت وڏي سنڌ فلڪ تي مان ڪٺان،
قوم ساري کان سواءِ مان هڪ گهراڻو ڪيئن ڪٺان.

پل هجي پنهنجو هجي پر غير سان ٽو گڏ گهمي،
بستر ڪلهي ڏاريئي سان گڏ اهڙو وڪاڻو ڪيئن ڪٺان.

بخشي چڏ **جمن** سوڏي مخلوق پنهنجي يا خدا،
ڏي تہ ڏي صحت مونکي هي بدن ساڻو ڪيئن ڪٺان.

◇

❊

عقل ڪر ايندي ويندي ماڻهو چتائي ٿا ڏسن،
تنهنجي منهنجي يار ياري ڪي نہ ٿا ماڻهو سهن.

قهر جا قاتل قهاري ڪر ڪنيؤن ڪڙڪي پون ٿا،
خيال ڪر پنهنجو خدارا ماڻهو ٿا ماڻهو ڪهن.

وار ڪولي ۽ سنواري آ نہ پردي جي بنا تون،
واٽ تي ٽئي ناظرو خوف ڪر نہ نظري وجهن.

وجهه ڏسي وارو وڻي پوءِ مل جاني **جمن** چئي،
محب مارڻ لئہ ماڻهو تو مونکي تاڙيو وتن.

◊

آ شرابي شوق سان اڄ جهومندو آ جام تي،
رات چاندوڪي ٽريل آ، محب جي انجام تي،

محفل متل آ موج سان تون مست مستي ۾ هلي آ،
جي سسي ڏڙ ڏار ٽي پئي محب جي من نام تي.

سونهن جي سرڪار وٽ حسن جي دربار ۾،
ڪر ڪشالا پهچ جاڻي محب جي آرام تي.

ڪين رڪبا عشق ۾ عاشق "**جمن**" جاني جتي،
سڀ پتنگ پروانا هوندا سر ڏبو سنڌ سام تي.

◊

❊

مغرور آ معشوق مغرور آ حُسن جي آڏار تي،
صدقو ڪيان ساهم سر ڪي، ڦٽڪي مران سندن در تي،
عشق جو دستور آ، مغرور آ معشوق مغرور آ.

امير ۽ وزير ڪٽي پير شهنشاهم هجي،
عشق جي اري م اگر ڪيڏو بہ داناهم هجي.
ساهم سوڏو سوگهو هوندو، ڏينهن رات موڪو هوندو،
محب هن جو دور آ، مغرور آ معشوق مغرور آ.

خير خدا خير ڪري پيار ئي ياد هجي،
امن دين دلبر ۽ عشق زندهم باد هجي،
محب هجي ماڻو هجي، هيري سندو داڻو هجي،
قيمت ئي شهڪار آ، مغرور آ معشوق مغرور آ.

"**جمن**" پٽي جنهن جي سامهون چند ٿو شرمائي،
وار ڪارا وڏا گهرا ڪڪر وانگي لاهي،
ناز ۽ انداز ڪري، ايندي ويندي رئيس ماري،
گوهري گفتار آ، مغرور آ، معشوق مغرور آ.

◊

❊

زندگي سورن ۾ گذري آ بچي ٿوري ٽڪي،
سال گذريا ساري ساري تون هليو ويوهين يڪي.

ساڻ توسان آ سدائين تو چيو هو ياد ڪر،
چا ب ٽي پوي ڪونہ ڇڇبو تو چيو هو ياد ڪر،
ڏک ۽ سک ۾ سدائين تو ڪئي هولي پڪي.

تو مٽان پهرا گهٽا هئا مان ب هئس مجبور جاني،
بي تاب هئس تولئہ گهٽو ۽ هيا ب هئا ڏک سور جاني،
ڇڇ ٻلا تنهن ڪوٽ کي اڄ آ سڃڻ ڪاڻئون لِکي.

دل جهري دلدار دلبر دل کي دردن آ وڪوڙيو،
من مٽو منڻار مونکي من جي محرم من مروڙيو،
سڪ "**جمن**" ساڳي ٻٽي ڇئي ڪانہ ٽي آ ڪا جهڪي.

---◊---

❊

منجهائين ٿو اڙي ملا اسان ڀيٽي پٽيل ناهيون،
اسان جو آ خدا هڪڙو اسان ٻئي در نٽا دانهيون.

اسان هڪئي صدا ۾ سر ڪٽي سائل کي ڏيندا هون،
اسان جي يار جي مرضي ٻي دولت کي نہ نٽا چاهيون.

اسان جي مدرسي ۾ آ مڙئي انسان جا خادم،
اسان وٽ دين ٽئي خدمت اسان توبهہ ڪندڙ آهيون.

محمدؐ جي ئي صدقي ۾ **جمن** جاني دنيا آهي،
ڪروڙي قرب ٽيا ڪافي اسان ڪلفت نٽا چاهيون.

---◊---

*

رات ڪاري انڌاري ڪٽجي ٿئي،
فون تي بہ سڃڻ دل ريجھائين ٿو،
پنھنجي محفل رچايو مڃايو وتين،
پنھنجي محفل ۾ مون کي گھرائين ٿو.

توکي خوش ٿو ڏسان منھنجو ھانوءَ ٿو ٿئي،
غير سان ٿو گھمي منھنجو ھانوءَ ٿو ڪري،
منھنجا محبوب مونکان خطا ڪھڙي پئي،
جو گھڙي ڪن بہ مون کي گڏائين ٿو.

توتي گل گھوريندي مون گھڙي ڪن ڏنا،
مان تہ سِر گھوريا توتي ھميشہ منا،
تنھنجي ناز و ادائن تان صدقي وڃان،
خاص خدمت پنھنجي ۾ سڏائين ٿو.

تنھنجي لئہ پيرن تي پڙ ٿي وڌم،
خواب گڏجي رھڻ توسان جاني ڏٺم،
مان تہ محبت گھران ٿو نہ زرمال ٿو،
سوال سالن کان سائين اگھائين ٿو.

ڪوئي ڪنھن سان نہ ڪنھن سان ٿھي ٿو وڃي،
بي وفا دل تان آخر لھي ٿو وڃي،
مان ڪيان چا جمن يار وسري ٿو،
اھڙو منتر يٽي ڪو ٻڌائين ٿو.

❊

رکيا جن راز رازن ۾ اهي، راڻان ڪونہ ٿا ڏسجن،
انگل جن سان ڪيا ٿي مون، اهي ماڻان ڪونہ ٿا ڏسجن.

ملي سجدي جهڙي راحت امڙ جي هنجھ ۾ مون کي،
روئڻ جي وقت امڙيءَ جيان اوراڻان ڪونہ ٿا ڏسجن.

وٽي وارن ۾ ننڍڙو هئس ابي سان کيڏندو رهيس،
ابو ڪنهن کي سڏيان جاني اباڻان ڪونہ ٿا ڏسجن.

جمن جيءَ کي پئي ٿي جهوري ير يتيمي ياد ايندي آ،
سنيالينہ مونکي مائٽ سي سياڻان ڪونہ ٿا ڏسجن.

◊

❊

سڃاڻ شان وارو ٿئي پنجتن جو سارو گهراڻو،
دما دم علي علي حيدر آهي راڄ راڻو.

صدقي محمدؐ جي معافي ۾ ملندي،
اُمت هي آقا جي جنت ۾ ويندي.
پڪ آ آ سائين آ.

جنت ۾ ويندا سين پڪ، باهر نه هوندو ڪو هڪ،
جنت آ پنهنجو ٽڪاڻو.

حيدر جي در جي سخا جاري ۽ ساري آ، پيناگر پُر ٿي ويا سڀ دل ڪي بهاري آ،
گنج آ، آ سائين آ.

گهربو پرور ڪان گهربو حيدر جي در ڪان گهربو،
ٻئي هنڌ نه ٽيبو ايانو.

عرش تي عربي ويو هو قرب ڪيڏو ٽيو، موٽيو محبوب بستر گرم ائين هو،
جيئن هُو هُو سائين هو.

تازو وضوءَ جو پاڻي، جڙ ڪنهن هاريو آ هاڻي،
ڳالهه سچي آ جي جاڻو.

ناهيون نڌڻڪا ڪنهنجي ڪاڻ چو ڪيجي،
مشڪل ۾ مدد خاطر مدني ڪي سڏجي،
ايندو آ، آ سائين آ.

جاڻي به سڏيو سائل ايندو آ عربي هرپل،
ڪونه ڇڏيندو ويڳاڻو.

منڪر نڪير ايندا سوال جواب لئه، ڪيندا ڪتاب سارا جا ڏي حساب لاءِ،
هوندا هل هل سائين ها.

رب جي رحمت وڏي مدني جي شفقت وڏي،
معاف ٿيندو سڀ پچاڻو.

حاجي "**جمن**" جو هر دم آهي عقيدو، مديون سڀ مدني صدقي مولا ميٽيندو،
سچ آ، آ، سائين، آ.

سار به ساري لهندو، ڪين وساري ويهندو،
عرض پٽي جو نماڻو، سڄاڻ شان وارو ٿئي.

----◊----

❊

دنيا جنهن آ جوڙي سو والي آ پڌرو،
جنهن کي ناهي ايمان سو خالي آ پڌرو.
چرس جا موالي هزارين ڏٺا ٿم،
سچي عشق محبت جو موالي آ پڌرو.
پيناگر پني ٿو در در گهٽين مر،
هڪ در پنڻ وارو سوالي آ پڌرو.
گهٽا پٽ گهٽن کي وفادار ڪو ڪو،
ادب سان ڳالهائي سو حلالي آ پڌرو.
پچين ٿو **جمن** کان ته مرشد ڪهڙو ٿئي،
منهنجو پير حيدر جلالي آ پڌرو.

--◊--

❊

جُلهه جيجل مٿان غير جو آ، پير پختا ڪجو دوستو،
هر نندي ۽ وڏي کي هوشياري، غير ايندو مٿان اوچتو.

جهوپا جهانگين جا ڍاهڻ نه ڏجو، رئو مٿي تان به لاهڻ نه ڏجو،
آ ذميواري تنهنجي ۽ منهنجي، ڪم ڪبو ۽ ڪجو سيبتو.

کائي نمڪ تڙو جي ملهائي، ان جي ناهي ضرورت اسان کي،
غير ياڻ ٿو سڏائي بغض مر، هو ته ناهي ادل مائتو.

دوست دشمن کي ساڻي سڃاڻو. ڪوئي مخدوم پيڙهي نه گهاڻو،
سنڌ **جمن** پٽي آ سندين جي، ڪنهن جي بابي جو ناهي ڪو ڪاتو.

--✧--

❊

اکيون ٿو اڙائي وري سنڌ ڏي،
اهو ڪانوءُ ڪاٽو ڏاڍو ڏکيو آ.

ڦٽڪا ۽ ڦاسيون سمجهو ڪجهه به ناهن،
غلامي جو گهاٽو ڏاڍو ڏکيو آ.

وساري جي ويٺو پنهنجي سنڌ کي،
قبر ۾ پچاٽو ڏاڍو ڏکيو آ.

جمن شل نه وسري پٽي پولي سنڌي،
اهو لعنتاٽو ڏاڍو ڏکيو آ.

--◇--

❊

اڃان دل آ ساڳي متائي ڪٽي آ.
اڃان درد تولئ بي وفائي ڪٽي آ.

دنيا جي گردش ۾ ويس لهجي مان،
دنيا ۾ ايڏي سچائي ڪٽي آ.

سچو رهيس سڀ سان هن دور ۾ ڀي،
پر ڇڳائي جي عيوض ڇڳائي ڪٽي آ.

ڪنهن جون اوٽايون ڪٻيون ڪونہ هاڻي،
"**جمن**" گڏ اوهان سان جدائي ڪٽي آ.

--◊--

❊

پلا ڇو ڇريو ٿي پٽيان ڪنهن جي پئجي،
ٿو ڪو جي پائئين ڇڏي تنهن کي ڏجي.
اچي ڪين ٿو ڪم دلي دوست اڇڪلهه،
خوشامد ٿي خالي منافق نہ ٿجي.
گهٽا پوڙ ڳاڙهي ٿي ڇٽا ڏٽا مون.
گهڙي ڪن لذت لئہ عزت ڇا لئہ ڇڏجي.
شڪيمت آ گهڻ جي زڪي مانيي به رحمت آ.
[illegible] پيٽ پاڻمنجي ڪي سڀو آ ٿو پلجي.

❊

تڏا مونڌي اچو سهڻا ايڏو مان ڏور ته ناهيان،
پلا پانيو تڏا مونکي مان پوڙهو جهور ته ناهيان.

نه مان ڦٽ نڪي ڦرڙي نه مان رت ڪڙي آهيان،
اوهان ليکي پلا مان مٽي جو سور ته ناهيان.

اڃان ڪم جو هان دنيا ۾ متان ڪو آسرو لاهيو،
لکان پيو گيت مان سنڌ تي ڪو چڪنا چور ته ناهيان.

اڇي ڏاڙهي **جمن** جي آ ته ڇا ٿي پيو اي ياروَ،
مان به انسان هان جاني ڏينگهر جو پور ته ناهيان.

◊

پريل آهي پرپور قرب ساڻ سينو نفرت لاءِ خانو خالي ڪونهي ڪو،
رکئون ڇو دغا دوکو اندر ۾ جڳهه دل ۾ اصلي اوالي ڪونهي ڪو.

چوي سچ سامهون پاٽئون سگهي کي سجهي مرد امڙو جلالي ڪونهي ڪو،
بچائي قيامت جي گرمي ڪان جيڪر محمدؐ بنا وارث والي ڪونهي ڪو.

سنڌي ٻولي سان پنهنجو نيهن ناتو وساريون ڪيئن پيدا سوال ئي ڪونهي ڪو،
لتي ويا لتيرا سُڪي پيو ٿو سنڌو. ايڏهون ڪنهين جو خيال ئي ڪونهي ڪو.

ڪٽي آ سُرور چرس ۽ پنگ ۾ مزو پيار محبت جو پر موالي ڪونهي ڪو.
ٿو مان پيان ڏرو ۽ شراب. چون ٿا **جمن** تنهنجو حال ئي ڪونهي ڪو.

◊

*

جو سڏ ۾ نہ سڏ ڏئي ۽ راهہ ۾ ليئي ٽئو،
اهڙو دوست ڪڏ ۾ پوي ڪپئي ٽئو.

رڳي ڏاڙهي رکڻ سان شرافت ڪانہ ٽيندي آ،
ايندي ڪيئن شرافت، شرافت سکئي ٽئو.

مڃيندو ڪيئن منافق نبيءَ جي شان کي سولو،
سريلو ساز فقيري هو ٻڌئي ٽئو.

سڏائي سنڌ ۾ سنڌي ٻڌي نہ بيت سيد جا،
اهڙو ڪمبخت سنڌ مان لڏي ئي ٽئو.

غدارن سان گڏجي غداري جن ڪئي **جمن**،
پٽي پلجي ٻہ تن سان گاڏو گڏي ئي ٽئو.

◊

*

مئخاني مر آ مستيءِ مئخانو تنهنجو وهواءِ
دلي بوج ٿئي ٿو هلڪوءِ آشيانو تنهنجو وهوا.

تهه دل اندر جون ڳالهيون قاتل هيون هزارين،
اهي سور سڀ سلياتم سينو چڏيم سنوارين،
ساقيءَ سان گل ٿڙن ٿا شاهانو تنهنجو وهوا.

سوين راتيون اٽلي پٽلي سورن چڏيو هو ساڙيءِ
محبت نڪي مذاق آ محبت چڏيو هو ماريءِ
پر جام غم ٿئي هلڪو دربانو تنهنجو وهوا.

مئخانو تنهنجو محبت مئخانو گل چمن آ،
تو وٽ ڪيئي سلامي گذريا ڪيئي **جمن** هئا،
ديوانگي هتي آ ديوانو تنهنجو وهوا.

◊

❊

گذريو وقت سارو اجائي ڪمن ۾،
اڇا وار ٿي ويا سنگت جي صدمن ۾.

وقت ڪان اڳي ئي ٿي پوڙهو ويس مان،
ڏکيا ڏينهن ڏاڍا رهيس ئي ڏکن ۾.

مليا صدما اهڙا جو سر وڃڻ جهڙا،
پر بچايو ٿي مولي هن باري غمن ۾.

شڪر آ رب جو حاجي "**جمن**" پٽي،
وري به ڪڇهريون ڪيون ٿا چگن ۾.

--◇--

ڏاڍان ٿو چڪر ۾ اڇي نه وڃان،
حسينن جي آور ۾ ڪاڇي نه وڃان.

عمر پر لوڙيندس عشق جي چڪر ۾،
وڃي ڪنڌ محفل مان پاڇي نه وڃان.

گهٽا ڏٺم گهايل بيهوش پيا هن،
گهٽا ٿا نچن مان به نچي نه وڃان.

بچائي "**جمن**" جان پاڇي وڃبو هاڻي،
اڇي ڏاڙهيءَ ۾ خوار ٿي ڪري نه وڃان.

◇

❊

پيار هو توسان هيو ڪنهن سان نہ هو،
درد هو مونسان هيو توسان نہ هو.

گنج ٿيو جيڪو بہ ٿيو سڀ خوب ٿيو،
هل هتان در تان ڏڪاري تو چيو.

ديد دنيا تي پئي پر تو مٿان،
پوءِ اکين جو تو ڏانهان مرڪز رهيو.

سنڌ جي مٽيءَ جيان آهين عزيز،
سنڌ سان پنهنجو نہ ڪو ليکو رهيو.

ڪڪ سان صدقي **جمن** سؤ بار هو،
دل ٽوڙي ٽڪرا ڪرڻ توکان پُڇو.

--◊--

❊

هٽ ڪيو حرامين کان ڇڏ چانهه جو چسڪو،
جنهن محفل ۾ مزو نہ هجي وڃي پاسو يار کسڪو.
چگائي چگي آ اهڙو ڪير ڏيندو ڏس ڪو،
ڪي ملن روز محفل ۾ ڪو ملئي مسڪو.
متان ڏسي سهرو سس ڪو، تون جاچ ڪجانءِ **جمن** چوي.

◊◊

*

الائي ڇو ڪنهن جو ڪنهن کي مگر اَرمان ڪو ڪونهي،
جو لخت ياءُ جگر تي ياءُ جو ير ايمان ڪو ڪونهي.

هُتي انگريز کي قدر آ مري جي مڪ اگر پئي ٿي،
هِتي ڏورن جيان ڪسجن چئبو انسان ڪو ڪونهي.

خدا ناراض آ جنهن تي تنهن کي ڪڇ ۾ ڪتا هوندا،
ٿو سمجهي سو مون جهڙو ئي خان ڪو ڪونهي.

ڏسي اعمال بندن جا ڏڏي ڏرتي نه پئي ياروء،
وڙهي ٿو پٽ پنهنجي پيءُ سان ادل ارڪان ڪو ڪونهي.

ملن ٿا لاش روزانو پيل بند ٻار ٻوريءَ ۾،
ڪچن ڇو جج نٿا قاضي انهن جو ڏيان ڪو ڪونهي.

شرافت ۾ **جمن** رهجي شرافت پوءِ به سڏجي آ،
شرافت شان وڏڻن جو مگر اڄ مان ڪو ڪونهي.

--◊--

❊

آهي ڪو سمجهائي منهنجي سڃڻ دلبر ڪي،
هو پري کان پري ٿو سمجهي اسان جي گهر ڪي.

ڦٽڪان ٿو سڄي رات تڪي تارا ڪتيون فلڪ ۾،
هو سخت سمجهي ٿو اسان جي جگر ڪي.

محفل ۾ مزو ناهي بنا يار جي ياروء
قابو مان رکان ڪيئن ڏسيو پنهنجي اندر ڪي.

سنڌ جي نقشي جيان سانديي رکيم تصوير هن جي،
شابس نہ ملي منهنجي اهڙي غور فڪر ڪي.

ٻڙڪي پيو جگر باهہ ٻري هانوءَ جي هنڌ تي،
پيتئي نہ ڏنائين پاڻي ڇڏيائين هاري اوبر ڪي.

احوال ٻڌي عاشقن ڇيو حاجي جمن ڪي،
عشق ۾ شاباس هجي تنهنجي صبر ڪي.

◊

*

ٿو سمجهان حرص وارا ميڙيندڙ مال ويا ڪاڏي،
پروڪا پل پريل اَنّ جا سندن مثال ويا ڪاڏي.

گذاريو جن پلنگن تي ۽ ماڙيون محل هئا جن جا،
ويا ڏيرن هيڻان لٽجي انهن جا سال ويا ڪاڏي.

ڪاڻي سڪندر وڏا تونگر تني جا تخت هئا شاهي،
ويا متجي **جمن** جاني انهن جا خيال ويا ڪاڏي.

--◇--

دنيا ۾ ديد ڦيرايو دنيا ۾ ڪو ويڪاڻو آ،
ڏاڍائي ڏاڍ مڙسي تي ادا ڪو راڄ راڻو آ.

نہ ڪنهن جي ٿو اچي ڪم ۾ مگر زردار زر وارو،
هٿي خالي هليو ويندو پوءِ ڪم جو ٿ ناڻو آ.

نڪي ڪاڏائين نڪي پيتائين نڪي نيڪي ڪمايائين،
اسان جي عقل موجب اهو ڇئبو نہ سياڻو آ.

خدا جي خلق سان ناحق ڪري رونشي تي خيراتون،
دڪو داخل ذرو پرزو نڪي ان جو اگهاڻو آ.

ڏکيائين عيد تي ڪپڙا اڇا اجرا ٿ چاڻي پيو،
بدن بدماش ساڳيو ئي مگر پاپي پراڻو آ.

جمن جذباتي ڪي جاني اجائي چور نہ چريا،
محابي محب مڙڻي جي اسان جو ناز ماڻو آ.

--◇--

❊

رهم تون راضي پلي ڏي سزا موت جي،
يا تہ محفل ۾ محبت جو اعلان ڪر،
ساهم صدقي سراسر اوهان لئہ مٽاءِ
يا تہ محفل ۾ منهنجو مٿي مان ڪر.

جيئن شروعات سڄ جي ايرڻ ۾ آءِ
ائين ڳاڙهاڻ تنهنجي ڳلن جي بہ آءِ
وار ڪولي وشيهل ڏنگائين متان،
ڪجهہ تہ منهنجو بہ سهٽا ڪو ارمان ڪر.

ضد ادنا جو ڪهڙو شهنشاهم سان،
مان تہ حاضر اڳيان تنہ نجي سر ساهم سان،
جي ويهاري تون پر ۾ پلايون ڪري،
يا تہ جاري قتل جو ڪو فرمان ڪر.

مال ملڪيت **جمن** جان سر ساهم آءِ
ها قبوليت ڪري ڇڏ توسان چاهم آءِ
عشق وارن اَڏيءَ سر نيلام گهر،
ائين ويڑهو نہ ڪنهن جو ڪو ويران ڪر.

◇

❊

جدا ڪر جدائي کي نفرت ڪجي ڇڏ،
جتي ناهي عزت تہ منهڙو متي ڇڏ.

سڏائي ٿو مسلم ۽ گستاخي ڪري ٿو،
ڏئي گوگهو تنهن کي تہ ماري گهٽي ڇڏ.

غدارِ سنڌ کي تہ ڇڏڻو ئي ناهي،
نپوڙي نوڙيءَ وانگي تنهن کي وٽي ڇڏ.

محبت جو ويري سو انسان ناهي،
انهيءَ کي تہ جيئري پوري لٽي ڇڏ.

پٽائي جي بيتن کي پڙهي غلط جيڪو،
بنان ڏڙڪ تنهن کي سوٽيءَ سان سٽي ڇڏ.

شرافت جي آڙ ۾ ڪري ڪم يزيدي،
نہ ڇڏ مار موذي ثواب آ ڪتي ڇڏ.

اهوجهن کي لوڙائي ٿو ناٿو بٽائي،
جهن مال ان جو سمورو لٽي ڇڏ.

◇

*

هٿ ڪيو حرامين کان ڇڏ پٽين جو پاڙو،
سنگت رک سريلي سان تاڏي ڪر لاڙو،
سائو نہ ٽيندين سائين منهنجا ڪندئي ساڙوتا ساڙو،
برن کان بس ڪر متان ڳچيءَ پوي پاڙو،
هو وجهه وٽي ويري هٿندئي ٽاهي ٽيڪ ڏاڙو،
ڪم ڪيي ڪم پنهنجو پوءِ هوليندئي پاڙو،
اهڙو ملائيندئي تاڙو، تون جاچ ڪجانءِ **جمن** چوي.

--◊--

هٿ ڪيو حرامين کان ڇڏ پٽين جي تہ پچر،
جن پير پنهنجي کي ڪربلا ۾ ڪوڙيائون خنجر،
هڪ گهر حسين جو هوڏنهان يزيدي لشکر،
تب سوپ ملي سيد کي ڪوساڻ نہ هو ٿمر،
گهٽا منافق ڦرن پيا جيئن ڦِرن ٽولگر،
هي آهي خاص خبر، تون جاچ ڪجانءِ **جمن** چوي.

--◊--

هٿ ڪيو حرامين کان رهہ پاسي تي پيارا،
کي اچا اجرا ٻاهران باقي اندر منجهہ ڪارا،
متان ڏاڙهي ڏسي پلجي پوي اٿئي بکيا بکارا،
جيڪي صلاح ڪري ملهہ وڙهن سي ناهن عزت وارا،
گذر غريبي گن پلو پر چڏين ادي وارا،
منهنجا سهٽا چند ستارا، تون جاچ ڪجانءِ **جمن** چوي.

--◊--

❊

حقيقت ۾ حق کي مڃڻ جي ضرورت آ.
ادب کي اول ۾ سکڻ جي ضرورت آ.
چگائي چگي آ چگن جو چوڻ آ.
پوي جي ڪچي ۾ ڪيڻ جي ضرورت آ.
ادب سان ويهو اديبائي محفل ۾.
بي ادب کي پاءُ اٽڻ جي ضرورت آ.
جمن جي نصيحت جي دل سان لڳي ٿي.
اوهان جي اسان وٽ ويهڻ جي ضرورت آ.

--◊--

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي هر لائين وٽ لهي.
جواري جادوگرن سان ويهه ٽڪن سان ٽهي.
يا ته سيد سڏائج سکٽو پوءِ ماٿهو ويندئي وهي.
پرين پئي ڏَنُ ڏيندئي توڏي ايندا پاڻ ڪهي.
اهو ڏنڊو ٻين کان آهي سولو صاف سهي.
جمن چوي جانيڙا اچي يار جوهي.
ته مکڙ کير مهي، توکي کوڙ ڪارائبو خوشي مان.

--◊--

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي وٽ تنبي ڪاڻي تار.
فنڪار ٿي فلحال تون پوءِ ڏٽو ويندو يار.
جي فحاشي راڳ ڳائي وڌئي ته پوءِ ٻيڙا ٽيندئي پار.
گويا وڃين گهر مرن توکي وڏا پوندا هار.
هر ڪيسٽ ۾ هِٽ هوندين تولئه آتا ٻيا ٻار.
تون ڪکڙ ڪائيندين قرب مان تولئه بهار ئي بهار.
تون منجهين ڇو ٿو يار، توکي **جمن** ڪم جائي ڇيو.

○

❊

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي رک ٻونگي ٽاهي تيار،
رک شهپر وڏا شوق سان توڏي لڙي ايندا يار،
پوءِ تہ منسٽر ملندئي مان سان توکي ڏاڏو ڏيندا پيار،
تون سيٽ ٿي شهپر وٽ رهڻي مال هجئي تيار،
جمن پٽي جهڙا نہ ايندا نہ ٿيندا خوار،
باقي توتي ڪهڙي ميار، تون سڌري پلي سيٽ ٿي.

--◊--

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي وٽ وڏيرن جو پاسو،
چمچاگيري ڪر چارئي پهر جيئن بکيو بگهڙ پياسو،
پهريان ٻڌرائج پنهنجن کي پلي خان هجي خاصو،
پوءِ سار لهہ سنگت جي جَو آيا ڪر آسو،
جمن وٽ ڪجهہ بہ نہ ٿئي نڪي سون تولو ماسو،
ٿي دشمن سنڌ سڃيءَ جو ڏي ڏرتيءَ کي نہ دلاسو،
اوهان پٽي چئي نہ ڦاسو، هي دشمن آهي دين جو.

--◊--

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي رک ڏگهي وڏي ڏاڙهي،
هڪ بندي ٺهرائج بازار مان ٻيو ڪوڙائي ڇڏ ڪياڙي،
پوءِ ملو سڏائج ڪنهن مدرسي جو وٽ چندو يار ڏهاڙي،
يا اسلو ڪپائج آرام سان پوءِ وڏي ٺهراءِ ماڙي،
يا هيرون ڪپاءِ همٿ سان پوءِ ٽاهہ پنهنجي پچاڙي،
سنڌ ۾ پڇا ڪير ڪندئي جو ياءُ گهٽا ٿئي پاڙي،
جمن ڪڍ ڪهاڙي، جو موذي گهٽا من ملڪ ۾.

☆

❊

جي سمجهين ڪم سولو ٿئي ڪر چورن سان چوياري،
يا تہ پاڻاري ٿي پيرين سان رک ناهي ٺيڪ ياري،
مخبري ڪر پوليس جي توکي ڪير چوي ڏوهاري،
پهريان مارائيج مسڪينن کي پلي وسائن واري،
تون چور مان چگو مڙس ٿي ڪو وڏو ڪاروباري،
جمن جند نہ چڏيئي پلي ڪرين مارو ماري،
تو گهٽن دل آزاري، توکي شابس هجي ٻوٽ ۾.

---◊---

❊

جي پانئين جوڳي ٿيان تون چانهہ پي ڪر چٽ،
ڪوپن مان ورنديءَ ڪين ڪي تون پري پيءُ مٽ.
ساهي نہ ڪنجاڻ سهٽا منهنجا پلي مرين پوين اڦٽ،
پنگ، ڏوڏي، آفيم چرس ڪر چلم سان چاهت،
ناس، نسوار، اسپرٽ، گاسليٽ، سائي، تماڪ گوهر نہ ڪجاڻ گهٽ،
ڪوڪنگ سان ڪانڊي پچهندئي جي هيرون سان ڪيئي حرڪت،
آفيم آزمايو هونديءَ نہ تہ چروٽ ڪندئي چٽ،
اوتارن سان عشق هجئي مٿا مڪان ٿئي ملڪيت،
ڏرو شراب شيشا پيءُ پلي پلي رهي نہ شرافت.
پوڙهو پيءُ پٽيان هجني ڏي ٻي واٽ سان ٻٽ،
ماءُ پيءُ منٽون ڪري تون متان موٽين جٽ،
جتي ٻہ جوءِ ملي وڃئي هڻ ڪتو وارو جهٽ،
ٽڪ چنبي جو پڪو ٿيءُ پلي وجهن ئي ڳارو ڳٽ،
اهڙا ڪيئي ڪُرڪٽ، **جمن** ملن ٿا جوءِ ۾.

---◊---

❊

جي پائين جهگو پينگ ٽئي تہ ڪر چوڪ تي چوري،
ابو ٽاڻي تي عيد ڪري تون پنهنجي ڪر پوري،
رول پارٽيءَ سان رهاڻيون ڪر ڪڻ اَنّ سندي ٻوري،
ٿوم منجهان جافران ٽي بصر منجهان موري،
ملڪ تپائي ميدان ڪر چڪ مينهن ڏيڳي پوري،
امڙ سِڪي اولاد لاءِ ٻي تنهنجي لڳل لوري،
تولئ سوچي **جمن** ضروري، تنهنجي سڏڻ تان صدقي وڃان.

--◊--

جي پائنين جهگو پينگ ٽئي ڪڻ ابتا اهڙا پير،
سوٽ ماسات ڦپاٽ ويڙهائي ڪر ڏينگو پنهنجو ڏير.
هڪڙا سينٽرل جيل تي ٻيا ٻيلي چوندين ٻير،
پويان رليون گوڏ رنن کي اوهان مڙس ماڻهو دلير.
عزت وارن اشرافن سان ڪيو ٽاهي ٽيڪ ويڙ،
جمن من جهان مر تنهنجي ٻڌي ٽٽو ڪير.
جن چورن ٻڌا چير، تن جي سڏڻ تان صدقو وڃان.

◈

❊

جي پائئين جهگو پينگ ٽئي تہ ڪر هيرون هٿيڪو،
نئون نسل تباهہ ڪري ٽي پاڻ ۾ ٽانيڪو،
پاڻ پيءَ جاڻ پرپرو پلي هارڻ هاري ڪو،
ابو عزت وارو ڏسي پلڪار ٽئي ڦڪو،
ابي ڪمائي هڙ ڪپاءِ ڪر جوهر کي جهڪو،
جمن چوي جواڻيءَ کي ڏي ستت يار ڏڪو،
اهڙو هُڻ چڪو، تنهنجي سڏڻ تان صدقو وڃان.

◊

جي پائئين جهگو پينگ ٽئي وجهہ ڪهاڙي مٿ ڪن،
سنجهئي ساڻي ساڻ ڪري تون لُٽ پرائيو ڏن.
اهو ڏؤ اکين سندو آهي گهڙي ڪن،
جي پڪڙي وڏئي پوليس تہ ماري ڪندئي من.
پويان رليون وڪٽي رود تي شل توکي چڏائين،
تون دال ڪائيندي داڳ بنا جا ٽي ميڙ مڪين.
جي پڃڻ مٿ ڪامياب ٽئين تہ اٽئي ٻيلي اندر ۾ن،
تہ لئہ سوچي پيو **جمن**، تنهنجي سڏڻ تان صدقو وڃان.

◊

❊

پٽين جو پاڙو ڇڏي ٻيو پاڙو وسائجي،
ويهي گڏ انهن سان نہ ڏاڙهي پٽائجي.

اڳرو ٽي نہ ڪنهن سان جهيڙو وارجي،
پرائي جهيڙي ۾ نہ وڃي مار کائجي.

نچائي نياڻيءَ کي نہ ڪٽيو کائجي،
ڏسي ڳاڙهو ڪپڙو نہ گهر ڦرائجي.

وفا ڪندڙ دوست سان دوستي نياهجي،
نبي جي گستاخ کي ماري مجائجي.

وڃهي دهل ڳچي ۾ نہ گهمري کائجي،
نہ پاڻ پنجي نہ پيءَ کي پنائجي.

ڪمائي همٿ سان سکيو ٽڪر کائجي،
جمن جي نصيحت دل سان لڳائجي،
پنو نہ هجي ڪيسي ۾ تہ هٿ تي لکائجي.

--◇--

❊

پٽين کان پاسو ڪري پاڙو تن جو ڇڏ،
مزو نہ ايندئي محبت جو تون لائق اُتان لڏ.
جوان ٽيءَ يا جوان پاڙي اُتي اوتارو اَڏ،
سهڻا سڻا دوست دلبر ساڻي سپئي گڏ.
اَڏيءَ مانجهيءَ اڌ رات جو ستت ڌِڄ سڏ،
ادب ۽ اخلاق سندو مالي ماڻج مڏ.
شرافت جو سڏ **جمن** جامئي پايو.

--◇--

انڌن اونداهيون انڌا ڪيمَ ڏسن،
چمڪا چاندوڪي جا تن نصيب ناهن.
جمن سوين سج ايرن، تب انڌن اونداهيون.

--◇--

انڌن اونداهيون سڃ سجاڻون ڪين،
منهن مٿو ڏوڙ ۾ صاحب ڪيئن سڏين.
پٽيا پٽيندا نہ پِتَ پوري پوينَ،
جمن جاءِ ملين، ڪيئن حبيباڻي هنجهه ۾.

--◇--

*

تون سڃڻ تون سائين تو جوڙي جوڙ جڳ ۾.
منهنجي هن مذڪور جي توکي خبر اڳ ۾.
تون ئي آهين دل اندر تون ساهه رڳ رڳ ۾.
جي **جمن** پلجي پوي تون رسجانءِ رهبر دڳ ۾.

--◊--

تون سڃڻ تون سائين منهنجي ڪهڙي مجال،
آءٌ غلام اصل کان سوڏي آل عيال.
رڳي غرق آهيان گناهن ۾ نہ هي مڏي مال،
عيب نہ ڪجانءِ اگهاڙا تون لڄ رکي لڄپال.
تنهنجي هن دنيا کي ڪئي گذريون صديون سال،
تہ بہ تر تفاوت نہ ٿيو نہ ڪمي ڪنهن شيءِ ڪال.
ڪر پلايون پٽي تي ڪونهي **جمن** حال،
سڃڻ ڪري سنيال، تون رسجانءِ رهبر راهه ۾.

--◊--

ميرو نہ مرجانءِ هتي ڏوئي هل،
اڳتي اڳلا ڳاڙها ڪندئي ڳل.
مات ويهي مامہ ۾ متان ڪرين پُل،
جمن گهڙي پل، حياتي آ هتي.

--◊--

❊

سپ ڪجھ هلي ٿو عقيدت جي مان ۾
گھٽا گستاخي ڪن ٿا نبيءَ جي شان ۾.
محمدؐ منھن نہ لائيندن ھجن چھرا اڇا اجرا
نہ ھوندا **جمن** جاني حبيبي ايوان ۾.

◊

❊

ٿو وٽئي چو ڳالھائڻ اسان جو،
زبان تہ منھنجي بد ڪلام تہ ناھي.
اوھان تي ورايوسين سلام جاني،
غير تي پنھنجو سلام تہ ناھي.
گوشي نوازش بہ غير سان گھٽي آ،
مٺو سٺو ھو بادام تہ ناھي.
ٿو ويھين چو **جمن** پٽي چئي،
اسان کي پيارا زڪام تہ ناھي.

◊

❊

سڪ کي ساندي سڃڻ ذخيرا اندوزي نہ ڪر،
پرين پيار ۾ تون ڪنجوسي نہ ڪر.
جمن تون بہ سڌريئي پلا چو نہ چا ٿئ!
ڳولي يار امڙو ڪو موذي نہ ڪر.

◊

❊

تون فرعوني ٽولي جو مان علي چوڻ وارو،
تنهنجو امير هيو آ منهنجو امير هيو آ.
تون حرامي پند جو مان حلالي سنڌ جو،
تنهنجو خمير هيو آ منهنجو خمير هيو آ.
تون ووٽر يزيد جو مان ووٽ ڏيان حسين کي،
تنهنجو وزير هيو آ منهنجو وزير هيو آ.
تون دلال ڏارين جو **جمن** خيال مارن جو،
تنهنجو ضمير هيو آ منهنجو ضمير هيو آ.

---◊---

❊

شرارت شيطان کان مٽي به نه ڪر،
متان شيطان پاڻ وٽ مقبول نه ڪرئي.
آڪڙ نه ڪر اجائي چوڻ وٽ **جمن** جو،
متان قبر به توکي وصول نه ڪرئي.
ظلم نه ڪر مظلوم جي مٽان تون ڪڍهين،
متان دوزخ به ڏڃي قبول نه ڪرئي.

--◊--

❊

چئن سال جو لڳو ٽورڙو چٽڪو مگر،
دل ڏيون يا دل کنيون ٿو وڃي ڪهڙي خبر.
جام شوري مہ ۾ تنهنجي پيار جو رهندو اثر،
دلربا دلدار جي من شهر سان چاهت اٽئي.
۾ جامشوري کان وڃين ٿو ۾ سنڌ جي پارت اٽئي.

--◊--

چؤ ستو

چڏي حلال هڪدم محنت حرام تي،
چتا چا لئہ ٿيا هن، مفت واري طعام تي،
عاشق نہ مڙيا عشق کان حاجي **جمن** هتي،
سر ويڙي ڏنا گهٽن، الله جي نام تي.

--◊--

متا جيئن مري ويس ذمي واري ناهي،
قبر مان بہ وڙهجاءِ نہ چڏجانءِ نہ چڏجانءِ،
متان جيئن ڪفن مٿ بڏل هٿ آهن،
ڪٽيل ڪندَ سان بہ لڙجانءِ نہ چڏجانءِ نہ چڏجانءِ،
زبان سر ويڙجي هٿ پير پٽي **جمن**،
فڪرِ لطيف پڙهجانءِ نہ چڏجانءِ نہ چڏجانءِ.

--◊--

روزي ملي ٿي سڀ کي ڪافر ڪٽي هجي،
مٽي مڪان سڀ جو تونگر ڪٽي هجي.
ڪنهن کي ٿو پورجي، سهٽي صندوق مٿ،
آخر گري وڃي ٿو، سنگ مرمر ڪٽي هجي.
ڪيئي حسين نازڪ، دنيا مٿ دفن ٿيا هن،
بلقيس، سليمان، سڪندر ڪٽي هجي.
ڪنهن جي نہ هلي ڪنهن سان ڪا توڙ شهنشاهي،
دنيا مٿ پٽي **جمن** کو رهبر ڪٽي هجي.

--◊--

❊

من طرح، يا هُن طرح، ڪنهن طرح پرچي پوي،
ميڙ سان يا منٺ سان، روئي پوان سرچي پوي.

مون خبر اڳ ڪانہ هئي، تڙپ ۾ تڪليف جي،
نينهن ۾ ناسور دل جو، ڪو زخم پرجي پوي.

ور وسيهر وار ور ور، چند جان چهرو تنهنجو،
هڪ نظر مون تي رکي، من مٺو مرڪي پوي....

ياد ناهي ياد تنهنجي، ياد ڪا وسري وڃي،
جا گهڙي گهاريل **جمن** سان، سا گهڙي نڪري پوي.

◊

در کولي ڇڏ دلربا ديدار لئہ ،
پيار جي شروعات آ اظهار لئہ.
دل ٿي تڙپي ديد در ۾ آ هلي،
توکي ڳٺتي آ رڳي سينگار لئہ....
اک اڙي وئي ڪا خبر ڪا ڪانہ پئي،
نند ڦٽي اک ٿي سِڪي خمار لئہ....
ڦوهہ جواني آ تنهنجي، منهنجي بہ آ،
دل ستائيندي هوندي ديدار لئہ....
جي ملي جاني **جمن** مان چاڪ ٿيان،
ديد تنهنجي آ دوا بيمار لئہ....

---◊---

❊

چڪر مال جو آ، رڳي پئسي جي آ بازي،
عدالت پيسي بنا جي ڪونہ ڪندو قاضي.
منٿون نہ ڪر مسڪين مٽڙا نہ هلندي آزي نيازي،
ڪلي بازار رشوت جي تڪڙي ۽ تازي.
حاجي جمن هٿي خالي ڪيئن صاحب ٿئي راضي،
پئسي بنا واعظي، اڄ مولانا بہ متجي ويا.

◊

چڪر مال جو آ ٿا گنج وڏو ڪائين،
پاندا پريل پائرن جا اڇا ٻيو بہ لڪائين.
سياست اڄ سولي آ ٿا ماٺهو ويڙهائين،
ڪنهن کي ڏٽا ڏهہ ڏينهن ۾ پوءِ واٽون مٽائين.
نوڪرن جا بہ نخرا گهٽا ير مند جي ٻڌائين،
حاجي جمن هٿ ڪڍيا ٿا رليا رلائين.
ڏاڍو ٿا پائئين، اڄ چمچن کي چارئي پهر.

◊

ضروري سمجهي ضمير وڪڻي ڪرسي،
ڪُتي جيان لوسين ٿا.
اڳي شراب پيئندا هٿا شوق سان جمن هاڻي رت،
غريب جو چوسين ٿا.

◊

*

ڪچهري ۾ ويهي ڪهڙي ڳالهه ڪوليون،
پنهنجن کي هٽن پيا سڏيون ٻيٽ گوليون.

تنهنجي نانءَ تي جو وٽي ووٽ آيا،
انهن جا تہ اڄ ڪلهه بغلئي ڦري ويا.

شهادت تنهنجي کان پوءِ ناحق وڃا ٽيا،
مظلوم عورتن تي ڪتا بچيا ويا.

اٽي ءِ لٽي جو نعرو گم ڪمال آ،
وسڪارو بمن جو وري ڏمر ڏمال آ.

ٽوپي لاهي سر پنهنجي تان غير جي سرتي رکئ،
جڏ نانگ ڪاري کل لاٽي آ. زهر جو ٽيو نئون اچئ.

تنهنجا قاتل تا گهمن ٿهڪ ڏئي ٿهڪن مٿان،
ڪيس داخل ڪونہ ٽيو اڄ تائين ڪنهنجي مٿان.

سڌ تولئ سهڪي نڪتي سڌ سراپا سوڳ ۾،
باقي پنڌي ءِ لاهوري اڄ بہ آهن يوڳ ۾.

جو بہ درد آ دل اندر ٻاڦ ٻاهر چا ڪيان،
سور تنهنجو سڌ راڻي چا لکي مان چا لکان.

ميرن، پيرن ءِ وڏيرن جي وڏي مهرباني آ،
شعيب سڀل ساڻ گڏ ڪاٽي پگو درياني آ.

هي فلم ڪهڙي ڏهن اڳ ۾ تا هيرو مرن،
قائد قلعو آ غندن جو راڄ تا هاڻي ڦرن.

◇

❊

بيدادگي بيواجبي جي ختم ڪهاڻي ڪپي،
يا ڪسي مال موٽائي مسڪين ۾ لاکو ڦلائي ڪپي.

مان نہ جاڻان ڪرڪيٽ ۽ فٽبال مان يارو،
مونکي چيلي چنر جي داڻي ڪپي.

ڳوڙهو نہ سُڪندا رڪبا نہ سڏڪا،
اسان کي سنڌ ۾ ساڳي سنڌ راڻي ڪپي.

سنڌ سپاجهي سونهن ۾ حاجي **جمن** هر وقت،
اسان کي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي پراڻي ڪپي.

◊

غزل

گذري ويئي زندگي ساري انتظارن جي وچ ۾،
نہ مليو جنهن کي ڳوليم بهارن جي وچ ۾.

اچانڪ ڪنهن جي محفل ۾ وڃڻ ٿيو اوچتو ياروء
لڳائي دل ويٺو هو يار ڪو ڏارين جي وچ ۾.

پنهنجي هم عمر وارن ۾ ريجهائي کين ڪي دلڙيء
وڃي ويهبو هاڻي تہ نندين ٻارن جي وچ ۾.

نہ مان سياست جو مهروء نہ مان رياست جو وڏيروء
ڪچهري نہ ڪندو هان غدارن جي وچ ۾.

وڃي ڳولبو يار اهڙي کي هجي ساڻي هميشہ جوء
ملندو محشر ۾ محمدؐ بي سهارن جي وچ ۾.

اهوئي آسرو "**جمن**" آ مقصدِ زندگي هاڻيء
گلِ گلزار ٿيندا سين ستارن جي وچ ۾.

◇

❊

ڪوئي ڪنهن جي دشمني ۾ ڪلمات ٿو لکي،
ڪو سخي مرد ڪنهن لئہ خيرات ٿو لکي.

دنيا ۾ حشر ٿيو هو پاڻي ۾ ڪُتي ويو هو،
ڪوئي ڪربلا جي آخري رات ٿو لکي.

ڪو ڪنهن جي مصيبت هٿائڻ ۾ پورو،
ڪوئي ڪنهن جي ڪنڌ تي ڪات ٿو لکي.

ڪو شيطان غريبن جا گهر ٿو ڏاهي،
خدا نيڪ بندن محلات لئہ ٿو لکي.

گهٽن زور آ تہ سنڌ کي سوگهو ڪجي،
ڪبي سنڌ آزاد سيد سادات ٿو لکي.

نيت بد ۽ نمڪ حرام سنڌ جو،
اهو پاڻ پنهنجي لاءِ اڌ رات ٿو لکي.

اَڄي تي آبرو ختم نہ ڪيو اي يارو،
ترسو هو نمرود تي نظمات ٿو لکي.

گهٽن کي ٿو چيي پٽائي اکين ۾،
تہ پٽي ڇو پٽائي جي ذات ٿو لکي.

شمر پاڻ پنهنجي لئہ لکيو آ ڪتاب،
چيو هر قلم تہ ظلمات ٿو لکي.

جمن کي جهليو هو جذباتي چريو آ،
متان هو فرعون جي اوقات ٿو لکي.

--◊--

*

ادب سان عرض آ منهنجو هوا ۾ وار کولي نہ ڇڏ،
صبح مان شام ٿي ويندي صبح کي تون رولي نہ ڇڏ.

پردو نہ ڪر پري چند گم ٿي نہ وڃي،
ستارن جو چا ٿيندو سمند چولي نہ ڇڏ.

جي مرڪين ٿو تہ موتيءَ جا گل ٿا ڦڙن،
بي بها مفت ۾ هول هولي نہ ڇڏ.

مان تہ صدقي وڃان تنهنجي پيرن جي پٽين تان،
مون کي پنهنجو تون ڪر مگر غير جي اولي نہ ڇڏ.

ڏر ڏلو آ سونهن تنهنجي جو سڃي سنسار ۾،
تنهنجي محبت ۾ **جمن** قاتل پٽي پولي نہ ڇڏ.

--◇--

الائي ڇو انسان، انسان جو نقصان ٿو چاهي،
ڏس ڪتو آ ڪار ۾ ۽ ڪڙ بادام ٿو کائي.

ستو آ پيٽ بکيو مسڪين تنهنجي پاڙي ۾،
مڱي آ مال جي توکي خبر بي خبر کي خبر ئي ناهي.

رُلي ويئي ماءُ ڇڻ جي ڪا ڏاڏي پوٽي آ،
ڪئي شادي ڏسي سهئي ان جو رنگ رنگي آهي.

عوامي ووٽ تي آئين عياشي ڇڏ ايوانن ۾،
اهو پيسو عوامي آ ڪو تنهنجي پيءَ جو ناهي.

شرم جهڙي ڳالهہ آ جذباتي "**جمن**"،
شرم بي شرم کي شرم ئي ناهي.

--◇--

*

حقيقت ۾ حق ڪنهن کي ملي ئي ٿو،
سامهون سچ سگهي کي ڪو چوئي ٿو.

اهڙي قوم ڪڏهن سڌارو نه ونڊندي،
توسان منهنجي شرط آ ڪو شرط رکئي ٿو.

ڪري ڪنڊ هيٺ هلڻ ڪهڙي شرافت آ،
جو ڪسيل حق حقي هو ونئي ٿو.

پني حق ونڻ ته پيناگر جو ڪم آ،
چني حق ونڻ کو سکئي ٿو.

جمن جيئن به جهڙو مسڪين آ پٽي پر،
ڪميني کي پيرين پويئي ٿو.

--◊--

قسم کٽي ڪوڙ تي ڪندي موج ڏٺم ماهر،
اشراف پيو آ جيل ۾ ۽ چور ڏٺم باهر.

عزت واري جي عزت ناهي ڪوٽ اندر قابو،
عدالت ۾ هلي رشوت باقي ڪير ڪندو واهر.

حاجن به ڪيا هاجان پلي حاجي **جمن** ڏس،
پٽجي پٽي ڏاڙهي ۽ پٽڪو لهي هر مر.

--◊--

*

هر دوڪي جي ديوار ٿهيل ۽ ڊٽل آ،
اسان جي دل ۾ محبت جو مچ متل آ.

اندر ڪارا ته ڪنهن جا صفا ڪِٽِ ڏسان ٿو،
لڳي ٿو ته هرڪو حرص ۾ رُڌل آ.

رڳي اشراف تا ڏسجن استيج تي **جمن** پٽي،
باقي ڪم ادن جو ڏسان ٿو لٽل آ.

--◊--

ڪير به ڪنهن سان توڙ هلي نٿو سگهي،
سچو دوست سولو ملي نٿو سگهي.

پلي سر تريءَ تي ڪئي اڄ هليو آ،
بي درد جي دل جو در کلي نٿو سگهي.

گهٽن سمجهيو سوچي ته انصاف ٿيندو،
اهي جيل ۾ هن چارو چلي نٿو سگهي.

چوندو سچي آ **جمن** ڳالهه تنهنجي،
بنا مقصد جي ڪو ڪنهن سان ڪِلي نٿو سگهي.

--◊--

بزمِ روح رهاڻ وارن کي پليڪار

پلي آيا پلا پرين بزم روح رهاڻ ۾
جتي فهم فضيلت علم عقل اضافو آ ڄاڻ ۾.

قربدار قرب ڪري اچي ملن پاڻ ۾
دعا گهرو دل سان تہ پاڻي اچي مهراڻ ۾.

هشيار رهو هر وقت جو ساهمي آهي ڪاڻ ۾
هن وقت هنن جي اک ڪوئلي ڪاڻ ۾.
اُنهي ڪل امجاڻ ۾ اوهان جاچ ڪجو **جمن** چوي.

--◇--

پلي آئين پلا پرين هن بزم منجهه پيارا
هفتي جا هڪ ڏينهن ۾ تا لهن من مونجهارا.

ادلا گدلا اچيو وڃن محبت ۾ مونپارا
مان هڪ اياٽو اوهان سيئي عقل وارا.

سنڌ جي سڄڻ جو ۽ خادم خاص دوبارا
نوان تازا نينهن ۾ ٿين نرمل نيارا.

هڙئي ڏاهو هڪٻئي جا سهي سنگت وارا
حميد سنڌي صاحب تنهنجا قرب ڪوهيارا.
اٿو سنڌ تي لامارا توهان جاچ ڪجو **جمن** چوي.

--◇--

❊

پرائي چوڻ تي اعتبار ڪرڻو ئي ناهي،
خطرناڪ سهڻي سان پيار ڪرڻو ئي ناهي.

چو ستائجي ڪنهن کي محفل اڳيان ويهي،
صدارت تي وڙهي هڪيئي کي ڏار ڪرڻو ئي ناهي.

ايوارڊ حق جنهن جو آ ملي ٻئي کي اگر پيو ٿو،
قتل آهي ايوارڊ جو قتلِ وار ڪرڻو ئي ناهي.

پيناگر ٿي نہ پنجي، پنبو تہ خالِق اڪبر کان،
قوم جي قاتل اڳيان جهڪي وهنوار ڪرڻو ئي ناهي.

رکئون چو بار ڳٽتيءَ جو اجائي خامَخا **جمن**،
يچي پئي بارکئون ڳاڻو اهڙو بار کڻڻو ئي ناهي.

◊

*

قيامت ۾ ڪچهري ٿيندي جتي سگهڙ سالڪ ايندا.
صوفين جي صدارت ڪندو پاڻ خود خدا.
خاص مهمان خدا وٽ هوندو محمد مصطفيٰ.
پورو گهراٽو پنجتن جو ناهي جانب کان جدا.
ايوارڊ ملندا انهن کي جي بيت ياد ڪندا.
سرٽيفڪيٽ سيني لئه جي درباري هوندا.
مون پارا محبوب کي پيرين پيا پوندا.
مان به سگهڙ سناگر سائين جو مون تي مهر ڪندا.

پاجهاري رب پاڪ کي شل وٽي منهنجي ادا.
جمن ناهي جدا. شل سائين سڀائي ڪري.

--◊--

آهيان مان تاج تخت سان تابع ٻئي جو.
نه ٻڌڻ جهڙو نه ڏسڻ جهڙو.

آپتڪو ٻڌل پاراٽو هن جو مونکي.
نه لهڻ جهڙو نه ٻڌڻ جهڙو.

حڪم ٻئي جو آ مون تي. حڪم منهنجو اوهان تي آ.
نه هلڻ جهڙو نه پلڻ جهڙو.

بڀائي ٻُت ويو مونکي نٽو چوريا چپن کي مان.
نه مرڻ جهڙو نه جيئڻ جهڙو.

بيٺو هان هڪ جاءِ تي **جمن** هڪ بند جيڀان پٽي.
نه ڪرڻ جهڙو نه بيهڻ جهڙو.

◊

❊

سيڪو رلي هليو ويو گندي هن گوڙ ۾.
مزو نہ هو ميلي ۾ جو پيسو نہ هو جوڙ ۾.

ٽا ٻڌجن گهٽا ٻوست ۾ گهٽا مزو وڻن پيا سوڙهہ ۾.
مون ماني نہ کاڌي هوڏل تي جو مک ڏٺم ٻوڙ ۾.

گهٽا کدڻن سان ڪڳيون هڻن پيا بيٺا هٺا توڙ ۾.
ڪنهن کي پکڙي ويئي پوليس ڪنهن کي ڏنبو لڳو ٽوڙهہ ۾.

رڳي سڪو هيو سوڏي جو ۽ سيڪو هو ڊوڙ ۾.
ڪنهن مٺائي سان مُٺون ڀريون ڪنهن هنيو پکوڙو هوڙ ۾.

کي سڏا ويا سامهون کي منهن ۾ ڪريا موڙ ۾.
کي رت ڳاڙها رسن ڪيا ڇڻ پير ڦاٽن پنجوڙ ۾.

جمن جان بچائي نڪتو جو ٻہ ملان هٺا جوڙ ۾.

◊

❊

جيئن سگريٽ زندگيءَ کي ملائي چڏيو آ،
ائين يار دل کي جلائي چڏيو آ.

ڪيڏي دل مان دلبر ٻاهر چڏيو آ،
جيئن سگريٽ جو اڌڙ مون اڇلائي چڏيو آ.

اڃا ٻه آسرو **جمن** کي آ جانيءَ،
تہ وقتي طور دلبر ٻلائي چڏيو آ.

◇

❊

غضب ڪن غريبن سان ءِ امانت ۾ خيانت آ،
انهي تي ٻہ لعنت آ.
اندر ڪارو ڪٽ آ ڏڪاءُ شرافت آ،
انهي تي ٻہ لعنت آ.
صدين کان رهي سنڌ ۾ نہ سنڌ ساڻ سهمت آ،
انهي تي ٻہ لعنت آ.
جو هٽ سان لکي ڏين ٿا سنڌ جا وسيلا **جمن**،
اها جن جي ٻہ عادت آ. انهي تي ٻہ لعنت آ.

◇

❊

چو مجون توکي چالڻ تون اسان جو نمبر ته ناهين.
تون ٻوليءَ جو دشمن ۽ ثقافت جو دشمن اصل کان.
تون ٻڌائي بخاري اياز دادن پيرل قنبر ته ناهين.
جمن به اصل کان سنڌي ٻار سنڌ جو.
اڙي هل نياڳا اسان جو تون رهبر ته ناهين.

◇

اسان جي بادشاهي کي عشق مان خطرو آ.
نه وزيرن کان نه مشيرن کان سڪ مان خطرو آ.

سچ ويو رابطو پنهنجو ڪٽي جاني **جمن** آهي.
اسان کي سچ جي وري به لڪ مان خطرو آ.

◇

رقيبن کي رهڙي ڪري گم ايندا سين.
محبوب توسان ميلا ڪندا سين.

رستي ۾ رڪاوٽ ڪئي ڪنهن به ڪاڻي.
ته ڏوڻي ڏڪاري ٽيلا ڏيندا سين.

اچنو آ تو وٽ تون جاڻي هجين پر.
ستارن ۾ تنهنجي ڳولا ڪندا سين.

سنڌ وانگي آهين **جمن** کي عزيز.
سنڌ لئه ته حيلا وسيلا ڪندا سين.

◇

❊

اوهان جي جدوجهد امن جو پيغام آ،
فشر فوڪ وارئو اوهان کي سلام آ.

متان پاڻ کي ير سمجهو اڪيلا،
اسان سڀ اوهان جا اوهان سڀ اسان جا،
اوهان ساڻ گڏ صبح منجهند شام آ،

ڏسي اڄ درياءَ کي اندرئي سڙي ويو،
آ موسم وهڻ جي صفا اڄ سُڪي ويو،
نہ ملاحن جون ٻيڙيون نہ وجهر ڪڙهي دام آ.

اوهان سان **جمن** جو جڙيو نينهن ناتو،
برابر پٽي چئي حق جو آ نياپو،
سڃڻ سنڌ جا سپوتو، اوهان لئہ ڪلام آ.

❊

وسي مينهن خدا ڪري ڪاڇو ٿر مهراڻ جون موجون ڏسڻ هلون،
هلي چانهہ پيون المنظر تي هٽ هٽ ۾ ڏئي ٻئي گهمڻ هلون.

ڏئي ڏينهن ٽيا تون ڪونہ آئين، يا دل ويئين ڪئي منهنجي دل جا ڏٽي.
اکين آب سندو وانگي سُڪندو رهيو، نئون نينهن جو ناتو ڳنڍڻ هلون.

اڄ مور مکڻ من موهيندڙ تولئہ ڳوٺ جا روڻن ٽا وڻ ٽڻ،
سڪ تولئہ سڃڻ دل تڙپي ٽي، پرين پيار جو سودو وڻڻ هلون.

دلي دعائون گهرون دريا جي لاءِ پنهنجي پيار امن ويساهہ جي لئہ،
اڄ حاجي جمن ڳايون گيت امن سُر سارنگ ۾ ٻئي چوڻ هلون.

--◊--

*

ظلم کي ڏِڪڻ لئہ ڪو قومي شينهن ٿو ڪپي.
ڏرتي سان محبت جو نئون نينهہ ٿو ڪپي،
ڪلئي جي ڪٽي ٿين **جمن** سنڌ واسي،
تہ سنڌ کي آزادي لاءِ هڪ ڏينهن ٿو ڪپي.

◊

اوندهہ کي ڏِڪڻ لئہ ڪا پرپات ٿي ڪپي،
سڪ وندن کي سڪ گهٽي ملاقات ٿي ڪپي،
ڪلئي جي ڪِٽي ٿين **جمن** سنڌ واسي،
تہ سنڌ کي آزادي لئہ هڪ رات ٿي ڪپي.

◊

آجيان جا بيت

پلي آيا پلا پرين جن محفل مچائي،
سڄڻ منهنجي سنڌ جا ڪن سنڌ سان سچائي،
الله توهار ٻيڙا پار جاڳيا پاڳيا **جمن** جائي،
ٽيندي سپ سڀائي، جي محبت آهي متيءَ سان.

◊

پلي آيا پلا پرين وڏا قرب ڪري،
مون جهڙي مسڪين وٽ آيا پير پري،
ساريم جن سڄڻ کي تن سوا ڪانه سري،
جمن ناهي پري، رڳي دل وڏي دلدار ڪيو.

◊

پلي آيا پلا پرين سِکِي جن لئه ساهم،
مدت کان ماندو آءٌ، اوهان کي آندو آهي الله،
جمن هِتِ جانبن جي روز تڪي پيو راهم،
سِکَ وندن جي صلاح، توهان ترسي پؤ راتڙي.

◊

پليڪار پلن کي ڏيڻ آهي ثواب،
اڳڻ عجيب آيا مانڪهو لاجواب،
گفتا ٻڌبا گوهرن جا حاصل ٽيندو لاپ،
جمن سپ جناب، عقلمند اڳڻ آيا.

◊

پاونجاهه اکري

الف الله ڪري ٿي سڻائين سين
(**الف**) بخشيندڙ بخشيندو مون اميدو آهن
مالڪ ڏينهن قيام جي مون تي ٻاجهه ڪن
ڪري معاف مون کي مون مدايو آهن
جمن عضوا تا ڏکن، ٻڌي ڏينهن قيام جو.

(**ب**) برابر بهتر آ جڳ جو پالٽهار
اڻگڻيا عيب هڻا تو ڏيکيا ڏيکٽهار
مون مسڪين کي معاف ڪري تو بخشيا بخشڻ هار
تون قادر قائم قديم آهين ڪندي ٻيڑا پار
صدقي نبيءَ سردار لئه، مڙني کي معاف ڪجانءِ.

(**پ**) ٻڪ جهليم دعا لاءِ تم ڪر سنڌ جي سولي
ثقافت سهڻي سنڌ جي ٻي ٻاجهاري ٻولي
ڪر دور اسان جي در تان هي ڏکن سندي ڏولي
سدا هجي سائي **جمن** جيجل جي جهولي
توڙي اوڏ ٻيل ڪولهي، سڀ سکيا هجن سنڌ مٿ.

(**پ**) ٻلايون ڪر ٻاڳ ڪُلي ڏسان سنڌ کي خودمختيار
قبيلائي جهيڑا وڏي ويا رڳي آهي مارو مار
ڪاروڪاري جي رسم مٿ ڪهن نياڻيون ٻار
سڀ وسيلا سنڌ جا جمن تب ڏاڙي ڏڪار
ٿي مولا مددگار شال سکيا هجون سنڌ مٿ.

(ت) تارازي تور ۾ ٽا ڪوٽا ڪوٽي ڪن
مالڪ ان مروانن کي سائين ستت سمجهائين
حلال چڏي حرام ڪمائي تي مُنجهي ٽا مرن،
جمن هن جهان ۾ جن ڪاڏو مال گهٽن
اُهي اِجهو ٽا مرن. پويان ڪير به ڪنهنجو ڪونهي ڪو.

(ٿ) ٿورا مالڪ تنهنجا آهي ٿر ۾ واري ٿوري
تنهن کان وڌ مون سان ڪئي محب موچاري
تون مالڪ مون کي معاف ڪجانءِ آهيان ڏاڍو ڏوهاري
قبر حشر قيام ۾ ڪئي **جمن**، توبهه زاري
تون بار نه رکجان باري، صفا سهپ ڪانهي ڪا.

(ڌ) ڏکاڻو ڪونهي ڪو هي جڏهين چڏبو جهان
مٽي ملندي مٽي سان پلي هجي خانو خان
هتي ۽ هن دنيا ۾ آهيون مسافر مهمان
جيءَ سان جاني **جمن** چوي گهٽو پڙهه سبحان
من اڳتي ملئي مان، صدقي سائين سڄڻ جي.

(ڏ) ڏکر ڏهڪي جڏهين، بوپر ٽي ڀڳندا
مرڻ وقت بدن مان ائين واجت پيا وڄندا
جن جان رلائي جان سان سي به پري پيا ڀڄندا
مڙهه مقام مٽي ۾ لٽيندڙ لٽيندا
موٽي ڪونه ايندا جيڪي چلهه تي سو دل تي.

(ڍ) ثواب سدائين ڏئين اَڻگڻيا انبار
مقدس نالو تنهنجو آ تون ڏيهن جو ڏاتار
سڀ تعريفون تنهنجي لئه جا شعر ڪيان مان شمار
آڏ ادنا تون اعليٰ تو وٽ سڀ اختيار
مي **جمن** جي گفتار تون مالڪ اگهائجانءِ مانَ ڏيئي.

(پ) پچاڙي پارت ٽئي ڏسان نہ ڏکيو ڏينهن
مالڪ مون تي مهر جو، سدائين وساءِ مينهن
تون تنهنجي حبيب سان ناتو اٽم نينهن
درود سلام نبيءَ تي آ شوق **جمن** جو شينهن
منهنجي اها ڪيهه، تہ بخشي ڏينهن قيام جي.

(ج) جدائي نہ ڪجاءِ منهنجي پرين اٽئي پارت
مٿو نالو الله ڀنجو چمي ڪيان زيارت
مان ٻانهڙو ٻاڏايان پيو، ڏي درجو شهادت
جمن چوي جڳ ۾ نہ گهٽي ڪيم عبادت
هي هڪ منهنجي عادت، آءٌ توبهہ تائب تو اڳيان.

(چ) چمندي چام آ محب مٿو منئار
جنّ ملائڪ حور پريون تنهن جي تابعدار
سوا لک نبين جو سائين آهي سردار
جمن جهڙا غلام ڪيئي گولا گنهگار
ٻيڙا ٽيندا پار، صدقي نبيءَ سردار جي.

(**جھ**) جهانگي جهوپڙن ۾ آهن الله تنهنجي آسري
رزق پڄائين سڀ ڪي تون، ڪو جاڻي نہ هجي
جمن هن جهان ڪي ٿو مالڪ پاڻ پڄي
صدقي نبي پاڪ جي ٿو سڀ جي سار لهي
جي مالڪ هٿ ڪيي، تہ جيئرا نہ رهون جهان ۾.

(چ) چياري ڪلهي تي الله توهار
هارين هر ڪنيان تنهنجي سڀ آڌار
الله تنهنجي آسري چٽين ٻج ٻيهار
تون مالڪ خالق سڀ جو تو جوڙيا سڀ جنسار
چا شعر ڪيان شمار، تو ٻڌيءَ سان ٻلايون ڪيون.

(ج) چوڻ منهنجو هي ٻاتا ٻول اڳهاڻ
جيڪي اکر توکي وڻن اهي مون کان لکاءِ
هي ذات ڏنل تنهنجي تعريفون تولاءِ
جمن پنهنجي ربّ کي ائين خوب ٻاڌاءِ
منڻن منجهه مجاءِ، رب ٻاجهيندڙ گهٽو آ.

(ج) چالڪ چو چڏيو هي رستو رحماني
مالڪ پنهنجي ٻاجهه سان ڪندو احساني
رڳي سڏي راهه سڏري هلو چڏي شرڪ شيطاني
مهر ڪندڙ مسڪينن تي رب **جمن** يار جاني
ڏيندي مهرباني، ڪندو قرب ڪروڙ ڪوجهن تي.

(ح) حقيقت هن حال جي سائين توکي سجهي
ته دنيا وارن درد ڏنا گلا ڪنهن جي ڪجي
مالڪ مون مسڪين جي پارت توکي هجي
تنهنجي در سواءِ ٻئي دانهن ڪنهن کي ڏجي
جمن پاڻ پلجي، ڪل شيطاني شوق کان.

(خ) خرابيون مون ۾ خاميون آهن ڪوڙ
قبر ڏينهن قيام جي سي نه ڪجاءِ جوڙ
بس فضل جو ڪير ڪري، حساب نه ڪجاءِ توڙ
تون تنهنجي حبيب جا قرب آهن ڪروڙ
تون مالڪ منهن نه موڙ، باقي ٻين کي **جمن** جواب ڏيندو.

(د) دلبر در اوهان جو چڏيان ته ٽيان ڪافر
اهو ڪم شيطان جو جنهن تي ڏاتر ڪيو ڏمر
جمن ڳٻتي ڪهڙي ڪري جنهن جو مالڪ معتبر
ٻئي جي ڪاڻ ڪيئن ڪڍجي پنهنجو هڪ آهي ڏاتر
باقي صدقي نبي سرور، ٻاجهارو پيو ٻاجهه ڪندو.

(ڏ) ڏيان ڪيم دنيا تي تہ منهنجو عقل ٽيو حيران
فرش کان عرش ڏٺم تہ بنا پائي آسمان
شمس ڪتب ڪتيون ٻيو ڪوڙ سارو سامان
هي هيڏي زمين زرخيز **جمن** ڏس ڪيڏو آ چوغان
آ مالڪ مهربان، هو بادشاهن جو بادشاهہ آ.

(ڏ) ڏيندڙ هڪ آ باقي سڀ آهيون گهرندڙ
نہ گهرڻ تي ناراض ٿئي پوءِ بہ اٽگهريو ڏيندڙ
جمن ان در جو آهي پينو پينڌڙ
رڳي ارادو رکو ايمان سان آ ڏاتر گهٽو ڏسندڙ
آ سڀ جو ٻڌندڙ رڳي ٻانهو ٻاڌائي ڏسي.

(ڊ) ٻوڙ گهٽن کي آ حرص هيڪاندو
پٽيان سيڪو آ مال جي ماڻهو گهٽو ماندو
جمن من جڳ ۾ جو محبت ماڻيندو
تہ الله انعام ان کي ڏاتر پاڻ ڏيندو
رب رحم ڪندو، باقي ماڻهن ملڪ تپائي ڇڏيو.

(ڊ) ڏکي ڏولڻ منهنجون ڪامل ڪچايون
آءٌ عبد تون اعليٰ اسين ٻانهان ٻاڌايون
رب رحيم ڪريم آهين تڏهين توکي ستايون
تون ڄاڻي راز دلين جا اسان کهڙو پاڻ لکايون
بخشي سڀ مدايون، مالڪ مڙئي معاف ڪجانءِ.

(ڏ) ذرو ٽورڙو بہ جي ڏاتر ڏيئي دان
تہ ڪٽي منجهان ڪيچ ٽين ٻڌجي وڃي خان
الله اهڙو ڏيندڙ آ هو مالڪ مهربان
جمن من جڳ ۾ بس پڪو هجي ايمان
رازق رب رحمان، ڪنهن کي ڇڏيندو ڪين ڪي.

(ر) رحمت پريو آيو آقا عربي جام
سپ صدقي ان جي سپ کي مليو جام
گهٹا **جمن** جهڙا آهن سائين تنهنجي سام
تون محبوب خدا جو آهين سڄڻ سرعام
الله نبي جو نام، قسم سان ڪافي آهي.

(ڑ) ڑاوڑا سنڌ کي ٹا چارئي طرف اچن
ڪي پشتو ڪي فارسيون هو هولي ڏاري ڪن
پنهنجي سهڻي سنڌ ڏي ٹا چاليهه چور اچن
آءٌ سبق لکان سنڌي جو هو مون کي ڪين سهن
تو وٽ دانهين، آ **جمن**، تون الله سنڌ آباد ڪر.

(ز) زماني ۾ مون سان هادي نہ ڪيو حساب
جڏهن گهريم گنج مليو سو بہ سڻو لاجواب
رب وڏو راحمين آ منهنجي محنت ڪندو ساب
تہ خدا ڪري خدا جي، ٹئي محب سان ميلاب
هي حياتي خواب، آهي جمن هن جگ ۾.

(س) سبحان الله هر شخص آهي سهڻو
ارڙهن هزار مخلوق ۾ آ آدم من مهڻو
سوا لک نبين ۾ مُحَمَّدٌ لعل ڪڻو
صدقي تنهن سردار تان **جمن** جاني گهڻو
سڄڻ هڪ ڄڻو، آ سرس سيني کان سونهن ۾.

(ش) شڪر سوَ دفعا مان سيئي سال ڪيان
مالڪ جا لک ٹورا مجيندي، وسال ڪيان
مرڻ وقت ڪلمي سان، پنهنجي ڳالهه ڪيان
توبهه زاري عمر ساري **جمن** حال ڪيان
ٹو دل ۾ خيال ڪيان، مونکي بخشي مالڪ ٻاجهه ڪندو.

(ص) صبر ڪيم سائين هر مشڪل ڪيو احسان
مالڪ پنهنجي مخلوق تي آ ڏاڍو مهربان
جن رستو چڏيو رحماني اهي آهن پريشان
اڻ ڪٽ خزانو الله جو آ، صدين کان سامان
بندو نہ هجي بيمان، ڏني ڏينڌڙ ڪونہ ڪُتو آ.

(ض) ضعيفن جي بہ ٿو ڪرين سڃڻ سڀاڻين
ڪمزورن سان قرب ڪري پيو پلو پلاڻين
بخش ڪري بخشيندڙ منهنجون ڪامل ڪسائين
گهٽيون آهن گهڻن کان **جمن** جون جڏاڻين
پاڻ چا پڏاڻين، اسان ڪجهہ بہ ناهيون قسم سان.

(ط) طرف چارئي منهنجي مالڪ جي مخلوق
دنيا رب جي هٽ ائين جيئن ننڍڙو ڪوبہ صندوق
خدا جي مخلوق سان سڻو ڪجي سلوڪ
رب جنهن سان راضي **جمن**، تنهن کي ناهي جوڙي خوب ٽيندي قبر جي ڪوڪ، تنهن لئہ سايو ڪجي سويل پرو.

(ظ) ظلم زاري ٻڌي ڏوهہ منهنجا ٿا ڏڪن
ماڻهو ڪهي پيو ماڻهوءَ کي جيئن ٻڪرا پيا ڪسجن
سيڪجهہ چڏي مرڻو آ، شل هادي هدايت وٺن
هي دعاگو آهي **جمن**، تہ اچي سوچ ادن کي.

(ع) عبادت الله جي جيڪو هڪئي آ معبود
نماز پڙهڻ نوڙت سان، آهي اسلامي آمود
ادا حرص حرام آ، اهو ماڻهو آهي محدود
هر گهڙي هر وقت، خالق آ موجود
نہ رهندو پنهنجو وجود، باقي الله دائم قائم آ.

(غ) غلامي غير جي ڪڏهين ڪانه ڪبي
پنهنجي سنڊ امڙ جي سائين سلامي ڏبي
سيڪو پنهنجي گهران ٿو ڪائي ڪاڻ ڪانه ڪڍبي
سر صدقي سنڊ تي هولي ڪين نه ڇڏبي
سنڊ آزاد اَڏبي، الله **جمن** اهو ڏينهن ڪندو.

(ف) فڪر في الحال جمن رب بخشي منهنجا گناهه
سڄي مخلوق صدقي مون ڪي الله ڏي پناهه
رب رحيم ڪريم آ ويجهو ساهه پساهه
دلي راز رب ڄاڻي آهي دلين جو درياهه
جڏهين رب ڪڍين ساهه، ڏک نه ڏجاءِ ڏينهن قيام جي.

(ڦ) ڦڙڪندا جڏهين عزرائيل ايندو
هي دنيا مٽي جمن هرڪو ائين چوندو
قبر ڪاري ڏاڍي انڌاري ڪو اڪيلو ويندو
رب رحيم ڪريم اسان سان اڄ ڀاجهه ڪندو
پٽي هيئن چوندو، معافي ڏي محبوب تون.

(ق) قربن قرب ڪيا موتي ڪروڙين احسان
سيڪجهه مليو سولائي سان رب آهي رحمان
هن جڳ ۾ **جمن** چوي آهيون سڀ مهمان
اڳتي پارت الله ﷻ کي آ. جت ٻيون آ انسان
ڪير ڪيڏو هجي خان. شل مٽي مقدر نصيب ٿئي.

(ڪ) ڪمائي ڪانه ڪيم نڪي خاصي عبادت
انصاف ڪندي نه اڃجي ويندس. ڪجاءِ رب موتي رحمت

دنيا جهان هلائڻ وارا، آهي الله تنهنجي عظمت
چند ستارا زمين آسمان، صدين کان سڄ سلامت
سهڻي نبيءَ جي جماعت، ڪرين آباد جڳ **جمن** چوي.

(ک) ڪتو ناهي ڪڏهين خالق جو خزانو
رڳي گهرندو رهي وٽندو اچي، ٻاڏائيندو رهي ٻانهو
قائم آهي قائم رهندو، هتي خدا جو ڪارخانو
رزق روزي جتي به ڪري، آهي سبب بهانو
سهڻي حسين جو نانو، سهڻو آ سين کان.

(گ) گڏ غازي هئا آيا ڪربلا ۾ ڪاهي
سيکجهه خدا کان ڇڏيائون سانگو سر جو لاهي
اهڙي قرباني ڪير ڪندو ڪو ٻچا ڪهائي
رب رحيم ڪريم جمن، جو ڪري جو چاهي
هرڪو حسين ناهي، حسين ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آ.

(ڳ) ڳري ڳند آ منهنجي گناهن جي ته پري
مولا مدايون معاف ڪندو ٿيندي موج وري
سيکجهه مليم در خدا جي، ورتم گنج گهري
صدقي نبيءَ پاڪ جي ويندس تار تري
ٿئي دل چري، مالڪ وڏو مهربان آ.

(گهه) گهرائين گهوٽ مون کي تون وري مديني پاڪ
دلبر دل گهري ٿي جيڪي مديني هيراڪ
سبز گنبذ سبز سالي خوشحالي، آهي پرين جي پوشاڪ
جمن مونکي جڳ ۾ اهڙو ڪونه سجهي لولاڪ
سڄڻ پنهنجي اوطاق، نالائقن کي به نوازيو ڇڏي.

(گ) گنگرا ذات جا به الله تنهنجي آسري
سڀ مخلوق مالڪ، تو سواءِ ڪاڻ سري
هڪ ذات ڳري سائين تنهنجي ٻيون ذاتيون زير ذري
جي حڪم ڪرين جبل کي ٿ سمند منجهه تري
ٿئو ڪک چري، **جمن** مالڪ جي مرضيءَ سواءِ.

(ل) لا اِلٰه الله آهي سواءِ تنهنجي ڪير
مُحَمَّد رسول الله پاڻو پاڪ نبيءَ جڏهن پير
سڀ در ڪليا رحمت سندا خوشيون مليون خير
رب چاهي جڏهن جيئن به ڪري ٿئي **جمن** لڳي دير
ٿي اوندهه مان سوير، جڏهين جانب آيو جڳ ۾.

(م) مُحَمَّد مٿو آيو، ٿي پکين ۾ هولي
جبل پٿر پهاڻن به جهلي سائين لئه جهولي
ڳڳا ڪوٽ ڪفار جا هئي ظلم جي ٿولي
جهنگ جانورن خوشيءَ مان ڪئي سمند ٿي چولي
سائين ڪئي سولي، اچي مڙئي مخلوق جي.

(ن) نوازش رب پاڪ ڪئي سڀن جي سڀائي
عربي آيو عيد ٿي، اَمڙ سيج سجائي
[illegible] مائن پٽ جڻيا رب خوشي ملهائي
درود [illegible] جي **جمن**، خدا مٿائي ورهائي
رب ڳالهه سمجهائي، ته محبوب موڪليو مون پنهنجو.

(ڙ) ڙائون ڙن پٽ ۾ جڏهن سفر ٿيم سائين
ته سار لهجاءِ سيد منهنجي هيڻي حال تائين
مجبورن جي محبوب مٿا اچي دانهن ٻڌائين

جمن جي جانب قبر ۾ سڄڻ سار لهجائين
رهبر اتي رسائين، جتي ڪير به ناهي ڪنهن سان.

(و) وٽي ڏاڍي رب هي دنيا تنهنجي عجيب
ڪنهن کي خزانو کوڙ ڏنئي ڪو صفا آهي غريب
شل نه ڏڪاري در تان ڪو ته صفا تنهنجي قريب
جمن خوش گهٽو آ جو سڻا پاڻ نصيب
صدقي محب مجيب، تو قرب ڪوجهن سان ڪافي ڪيا.

(هـ) هدايت حق جو هادي ڪرين ٿو هر وقت
انسان کي شل عقل اچي دل جو ٽئي نه سخت
راهه رهبر جي نه چڏي ته بالا هجيس بخت
الله ڪنهن کي پٽر پيهائي ڪنهين شاهي مليو تخت
جمن جي ساعت، شروع کان ئي رب سڻي ڪئي.

(ء) ئي پڻ عاشقن وڃي سڄڻ سجاتو
محبت جي ميدان ۾ جن ائين پير پاتو
سانگو نه ڪيائون سر جو رکي نينهن سندو ناتو
جمن کي به جانبن اهڙو رنگ لاتو
هي قرب جو ڪاتو، الله ڏنو عاشقن کي.

(ي) ياد ناهي ڪڏهين رب بکئي پيٽ سمهاري
خالق سدائين خوب ڏنو هوند جڏا جيئاري
الله اهڙو ڏيندڙ آ جيڪو ڏئي نه پچاري
رڳي ٻانهو پنهنجي رب ڏانهان ڪئي نيڻ نهاري
هو رب نٿو وساري، جمن بندو شل بيمان نه ٽئي.

---◊---

ڏور بيت

(پتن جي تاس تي)

رنگ سمورو راڻي وٽ هو جو ڏيئي ڪول ويو،
ٻه پتا هٿا پيس ۾ سو ٻه ڏولڻ ڏڪي ويو،
ٻڪ ٽڪ چا پرچونڪي چٽ ڪري ويو،
پنجي چڪي نه ستي بي ست ڪري ويو،
اڻي نولي چا دهلي ڏهلائي ويو،
راڻي چيو گولي کي بادشاهه يڪي ويو،
جمن چوي ان جوءِ ۾ راڻو راند کٽي ويو.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. رنگ= معجزو
2. راڻو= نبي پاڪ
3. ڏئي ڪول ويو= جنگ کٽي ويو
4. ٻه پتا= ٻه اکيون
5. پنجي چڪي= پنج ڇهه ڇڻا ڪافر
6. ستي بي ست= ست ڇڻا بي ست ڪري ويو
7. دهلي= علائقو
8. راڻي= هڪ عورت
9. گولو= هڪ شخص
10. بادشاهه= نبي پاڪ

بيت جي مراد: مڪي پاڪ ۾ ڪافرن جو گهيرو ٿيو تڏهن الله پاڪ کان نبي سائين ڏي حڪم آيو ته اوهان متيءَ جي مٺ پري ڪافرن کي اُڇلائي هٿو ته ڪافر انڌا ٿيندا ۽ پوءِ واقعي ڪافر انڌا ٻه ٿيا ۽ بي ست ٻه ٿيا پاڻ سگورا ڪافرن جا مورچا ۽ چونڪيون سڀ چٽ ڪري گهيري کان نڪري آيا هن واقعي جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ٻه آهي.

ڏور بيت

ڪڙي منجھ ڪڙو ڏيئي قابو ڪيائين ڪوٽ ۾
عجيب انھي مھل موٽائينس ٽي موٽ ۾
حاڪم چيو ھٽ ڪڍ ھن کي ڏڪ لڳايم چوٽ ۾
ھي واپاري جنھن وکر جو سو وکر آھي کوٽ ۾
جمن چوي جاچي ڏٺم اھڙا ڪيئي آھن ٽوٽ ۾

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. ڪڙي= منجھ ڪڙو دل کي تالو
2. ڪوٽ= سينو چؤديوار ۾
3. عجيب= نبي پاڪ
4. حاڪم= اللهﷻ سائين
5. ڏڪ= ھاڻي ڪلمو ڪونہ پڙھندو
6. واپاري وکر جو= ڏوھ ڪرڻ ظلم ڪرڻ وارا ٻيا ۽
7. ڪوٽ = اھڙا گھٽا خساري ۾ آھن

بيت جي مراد: نبي ڪريمﷺ آخري ڪوشش ڪئي تہ ابوجھل ڪلمو پڙھي چو جو ھو مرڻ وارو ھو، پاڻ سڳورن چيس تہ تون رڳي ڪن منھنجي ۾ ڪلمو شريف پڙھ تہ مان قيامت ڏينھن توکي الله سائين کان معاف ڪرايان پر ابوجھل انڪار ڪيو، مٿان ارشادِ باري تعاليٰ آيو ھن جي دل کي مون ڪلف ڪڙا ھٽي قابو ڪيو آھي ابوجھل ايمان ڪونہ آڻيندو، پوءِ سھڻو حبيب محبوبي خدا واپس آيا.

◇

ڏور بيت

اچانڪ اوچتي نوريءَ ڪيو نظارو،
نڪي چند هو چانڊاڻ ۾ نڪي اپري آيو تارو،
پاڻ ڏئي پيڙو تہ دال ماني مان سيرو،
مون بہ دير نہ ڪئي هڪ دم ڦري ڪيم ڦيرو،
جمن جان جگر جيرو، سڀ صدقي ڪيم سڄڻ جي.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. نوري = پاڻ سڳورا ؐ
2. نظارو = ديدار پاڻ ڪريمن ؐ جو
3. نڪي چند هو چانڊاڻ ۾ = اڇڻ جو پروگرام نہ هو
4. دال مان سيرو = پاڻ ڪلڻ
5. دير نہ ڪيم هڪ دم ڦري ڪيم ڦيرو = اُن عورت جو نبيءَ ؐ پاڪ ڏانهن اڇڻ

بيت جي مراد: پاڻ سڳورن ؐ جي واٽ تي هڪ پوڙهي عورت پهاري جو ڪچرو اُڇلائيندي هئي هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا ؐ ان گهٽي کان آيا تہ اها پوڙهي ڪچرو نہ اُڇلايو پاڻ ڪريم ؐ اصحابن کان پڇيو تہ اڄ هي پوڙهي ڪانهي اصحابن چيو تہ سائين ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ بيمار آهي پاڻ سڳورن ؐ چيو تہ هلو پڇونس جڏهن سندن گهر آيا تہ اها پوڙهي عورت ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين منهنجو پاڻ ڪُلي ويو ۽ ايمان بہ آندائين. شڪرالحمدالله.

◊

ڏور بيت

نڪي منهنجو ڏاڏو نڪي ابو ۽ ائين ڪندو،
سج اڳيان سائين ڏيو چا ٻرندو،
رکت نہ ڪندس رئيس سان سودو صاف ڪبو،
مان تہ راهي هئس رڻ جو مون سان محب مليو،
جمن ڳجهہ لکيو، پر ڏور ڏکيو ناهي.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. سج= امام حسينؓ
2. رئيس= امام حسينؓ
3. رڻ= قبر ڏانهن
4. محب= امام حسينؓ

بيت جي مراد: امام حسينؓ سان جيڪو چوڪرو راند کيڏندو هو هڪ دفعي راند جي آڳ چوڪري رهائي چيائين سائين سياڻي راند پوري ڪنداسين ۽ ٻئي ڏينهن تي چوڪرو وفات ڪري ويو. امام حسينؓ راند لاءِ آيا تہ چوڪري کي دفنائڻ کٽي پيا وڃن. امام حسينؓ چيو تہ هن چوڪري تي منهنجي راند رکت ۾ رهيل آهي. اڳ اها ڏئي پوءِ پلي وڃي، حضرت امام حسينؓ خدا کان دعا گهري تہ چوڪرو زندهہ ٿيو ۽ رهيل راند پوري ٿي.

◇

ڏور بيت

مانجهي ڏسو محلات ۾ اڳ ۾ وڃي پيو عبد،
چو ته اعليٰ سان عشق ۾ پڪو هئس پيوند،
نہ ته ڇا مجال عبد جي آ، جتي اعليٰ جي آمد،
جمن هن جڳ ۾ ڇيو جانب جنهن کي جند،
ڏسو پرين آ پابند، عبد سان عشق ۾.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. مانجهي= بلاولؓ
2. عبد= بلاولؓ
3. اعليٰ= پاڻ سڳورا ﷺ
4. محلات= جنت
5. جانب= پاڻ سڳورا ﷺ

بيت جي مراد: حضرت بلاولؓ کي پاڻ ڪريمن ڇيو ته اوهان سيني کان اڳ ۾ جنت ۾ ويندؤ، حضرت بلاولؓ ڇيو ته آقا مان اوهان کان اڳ ۾ ڪيئن ويندس پاڻ سڳورنﷺ ڇيو ته اوهان منهنجي سواري جي واڳ هٿ ۾ ڪري هلندؤ.

◇

ڏور بيت

آيل عجيب سان پڪا ۽ پختا،
منهن نہ موڙيائون محبوب کان اهڙي ڪاڻ خطا،
جانب جدائي لاءِ چيو رهڻ کان روڪيا،
سِر چٽ گهر نيلام هي پريت جا پڪا،
جمن تن تڏو ڪا، ثابت ٻڌائون سندرا.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. عجيب= امام حسينؓ
2. آيل= امام سان شهيدِ ڪربلا
3. جانب= امام حسينؓ
4. تن تڏوڪا= امام حسينؓ سان آيل گڏ ساڻي

بيت جي مراد: ميدانِ ڪربلا ۾ آخري رات امام حسينؓ پنهنجي ساڻين کي چيو تہ سپاڻي جنگ ٿيندي ۽ اسان شهيد ٿيندا سين اوهان منجهان ڪوبہ وڃڻ چاهي تہ پلي وڃي پر ڪنهن بہ ها نہ ڪئي پوءِ امام حسينؓ ڏيو بہ وِسايو تہ متان ڪو شرمائي پر پوءِ سپ ويٺا هئا ڪوبہ ڪونہ ويو هي جوان مديني کان ئي ثابت سندرا ٻڌي آيا هئا.

◇

ڏور بيت

نڪي چوري ڪيم چاهم سان نڪي هو ارادو،
پيسا پورا ٿيا پنهنجا تڏهن هُلُ ٿيو هيڪاندو،
سائين ڪهڙي خبر ڪريم منهنجو ڪاتو ڪولينڊو،
ڏهم دنيا ستر آخرت **جمن** حساب ٿيندو،
مڙئي معاف ڪندو، صدقي سائين سڄڻ جي.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. نڪي چوري ڪيم چاهم سان= آڇ ڄاڻي واڻي نہ رهايم
2. پيسا= زندگي
3. هل= روئڻ
4. ڪاتو= وري جيئرو ڪرڻ

بيت جي مراد: امام حسينؓ سان جيڪو چوڪرو راند ڪيڏندو هو هڪ دفعي راند جي آڇ چوڪري رهائي چيائين سائين سياڻي راند پوري ڪنداسين ۽ ٻئي ڏينهن تي چوڪرو وفات ڪري ويو. امام حسينؓ راند لاءِ آيا تہ چوڪري کي دفنائڻ کٽي پيا وڃن. امام حسينؓ چيو تہ هن چوڪري تي منهنجي راند رکت ۾ رهيل آهي. اڇ ۾ اها ڏئي پوءِ پلي وڃي، حضرت امام حسينؓ خدا کان دعا گهري تہ چوڪرو زندهم ٿيو ۽ رهيل راند پوري ٿي.

◇

ڏور بيت

سائين ست جي ڪيئن سامهون وڃان هن هڪ ماريو آ هتي،
هي هيترا پلڻ حاجت ناهي جانب منهنجي جتي،
بس مهر ڪيو محبوب مون تي مان ڪاڏي وڃان ڪٽي،
پوءِ پاڻ پري پيو پاڻ ڏيس اتي جو اتي،
جمن چوي ان جاءِ ڏنائينس ثابت سپ ستي،
اهڙو محب مٽي، ڪو سجهي نڙو سنسار ۾.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. ست = روزي جي عيوض ماڻهو ڪارائڻ
2. هن هڪ ماريو= هڪ قضا ڪيل روزو
3. پوءِ پاڻ پري= ڪتل جون ڳڙيون ڏيڻ
4. ثابت سپ ستي= ڪتل جون ڳڙيون

بيت جي مراد: پاڻ سڳورنؐ جي دور مبارڪ ۾ هڪ شخص کان روزو پڄي پيو اهو شخص پاڻ ڪريمن وٽ آيو حقيقت ڪيائين، سائين جن چيو 60 روزا رکو ان شخص سائين هڪ روضو رکيم پڄي وڏم، پاڻ سڳورنؐ فرمايو ته روزي پڄڻ جي ڪري 60 ماڻهن کي کاڏو کارايو ان شخص عرض ڪيو ته سائين مان صفا مسڪين آهيان ۽ ست ماڻهن کي کاڏو ڪونہ کارائي سگهندس، پاڻ سڳورنؐ ڪتل جي ڪنڊ ڏنائونس ته وڃي غريبن کي ڏي ان شخص چيو ته سائين مون کان وڌيڪ غريبن پاڙي ۾ ڪوبہ ڪونهي پاڻ سڳورنؐ فرمايو ته پلا تون پاڻ ۽ ٻچن کي کارائجانءِ اهو شخص خوشي مان کجور گهر ڪٽي آيو.

ڏور بيت

دغا رکي دل ۾ ٿو چوي بي خبر،
ته حساب ڪري ڏيو هڪدم هجي برابر،
ته هڪڙا ڪيڏن هيئن ٻيا هئن ڪيڏن هر هر،
ته عجيب هڪ ڏڪ ۾ ٻڌايائينس پر اکر،
پ جني ٻاهر سي ثابت ڏين سراسر،
جني اندر اوڏي رکيا سي بند ڏين بهتر،
پوءِ جاچي پيو **جمن** چوي اولهه ۽ اوپر،
پلي ڳولي بر ٿر پر ڳالهه عجيب جي اونهي آ.

تمثيل طور ڏور بيت ۾ لڪل لفظ

1. هڪڙا ڪيڏن هئين= ڪهڙا ٻچا ڏين
2. ٻيا هئين ڪيڏن هر هر= ٻيا وري آنا ڏين
3. عجيب= حضرت علي رضي الله عنه
4. پ جني ٻاهر= جن کي پ ڪن ٻاهر اهي ٻچا ڏين
5. جن اندر اوڏي رکيا= جن کي ڪن اندر آهن اهي آنا ڏين.

بيت جي مراد: حضرت علي رضي الله عنه نماز پڙهڻ لاءِ مسجد وڃي رهيا هئا ته هڪ شخص اڳ وڌي سوال ڪيو ڪهڙا جاندار ٻچا ڏين ٿا ۽ ڪهڙا آنا ڏيندا آهن ان سمجهيو ته حضرت علي رضي الله عنه تڪڙ ۾ جواب ڪونہ ڏيندا نماز تي ليٽ ٽيندس پر حضرت علي رضي الله عنه هڪئي ڏڪ ۾ چيو جن جا ڪن ٻاهر آهن اهي ٻچا ڏيندا آهن ۽ جن جا ڪن اندر آهن اهي آنا ڏيندا آهن.

◊

گُرو ۽ چيلو

لوڪ ادب جي اهم صنف آهي گرو چيلو هي به هڪ ڳجهه آهي جنهن ۾ ٽي سوال آهن اهي هڪئي ڏڪ ۾ پڇندا آهن.

گرو چيلو ڳجهارت کان ٿوروئي مختلف آهي سگهڙائپ جو فن تمام پراڻو آهي پر جڏهن کان به گرو ۽ چيلو شروع ٿيو تہ ان ۾ ٽي بند يا ٽي سوال چئجن ٿا هن وقت تائين سگهڙن ٽن بندن تي گرو چيلو ٺاهيندا اچن ٿا مون ان گرو چيلي کي ستن سوالن يا بندن تائين کڻي آيو آهيان جيڪا گرو چيلي ۾ هڪ نواڻ آهي ۽ جنهن جو نالو هن ريت آهي: ٽي ڪٿو، چار ڪٿو، پنج ڪٿو ڇهه، ڪٿو، ست ڪٿو وغيره. پي ڳالهه تہ ڳجهارت ۾ به مون پنهنجو نالو هڪ مقصد سان پيش ڪيو آهي ان کانسواءِ سگهڙن شاعرن ٽيهه اکري عربي اکرن مان لکي آهي پر مون ٻاونجاهه اکري لکي آهي سنڌي اکرن ۾ اميد تہ ڳجهارت ۽ گرو چيلو ست ڪٿو ۽ ٻاونجاهه اکري سگهڙ دوستن ۽ شاعرن اديبن کي وٽندي ايندڙ ڪتابن ۾ ويهه ڪٿو گرو چيلو لکبو. انشاءالله.

محبت قائم تہ جدائي آهي ئي ڪانہ.

(گُرو جيلو تہ ڳٽو، استاد شاگرد جو سوال جواب)

چاچو چانهہ پئي ٿو
بابو چلم چڪي ٿو
ڏاڏو هٿ سيڪي ٿو.
(ڇئو تون جمن پڇين ڏي سوال).

جواب: استاد ٺريل هوندي.

وضاحت: چانهہ ۾ ٺريل آهي چاچو ٿو پئي،
چلم ۾ ٺريل آهي جو دڪئي ٿي،
باهہ ۾ ٺريل آهي هٿ ڪيئن سيڪجن.

---•---

(گُرو جيلو تہ ڳٽو)

ڏاڏو اڃا ڏڪي ٿو
رسو ور تي ڇڇي ٿو
دشمن کان جمن ڊڄي ٿو.
ڇئو تون جمن پڇين ڏي سوال

جواب: استاد ڪمزور ناهي

وضاحت: ڏاڏو پوڙهو ۽ اڃا ڪمزور ناهي جو ڏڪي
رسو ۽ ڪمزور ناهي جو وڪڙ سان ڇڇي پوي
جمن ۽ ڪمزور ناهي جو دشمن کان ڊڄي.

---•---

(گُرو جيلو جو ڳٽو)

مٽ پاڻي جهلي ٿو،
گاڏو دڳ تي هلي ٿو،
لاٽون ڇو ڦري ٿو،
ٻيڙو ملاح هلائي ٿو.
(ڇئو تو جمن پڇين ڏي سوال)

جواب: استاد پڳل آهي.

وضاحت: مٺ ۾ پڳل آهي پاڻي ڪيئن جهلي
گاڏو ۾ پڳل آهي روڊ تي ڪيئن هلي
لاٽون ۾ پڳل آهي ڪيئن ڦري
ٻيڙو ۾ پڳل آهي ملاح ڪيئن هلائي.

(گُرو جيلو پنج ڇٽو)

ٽوڙي بند کي ڇو ٽوڙيو ويو هو،
قوم کي ڇو ٻوڙيو ويو هو،
مخدوم کي گهاڻي ڇو پيڙهيو ويو هو،
مرتضيٰ کي ڇو ماريو ويو هو،
ڀٽي کي ڦاسي چاڙهيو ويو هو.
(ڇئو جمن ڇين ڏي سوال)

جواب: استاد سازش هئي

وضاحت: قوم کي ۾ سازش سان ٻوڙيو ويو
مخدوم بلاول کي ۾ سازش سان گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو
مرتضيٰ کي ۾ سازش سان شهيد ڪيو ويو
ذوالفقار ڀٽي کي ۾ سازش سان ڦاسي تي چاڙهيو ويو

(گرو جيلو ڇهه ڇٽو)

لشڪر جنگ ڪٽي ٽٽو،
مائٽ پَٽ ڪائي ٽٽو،
پاڙو پاڙي سان ٽهي ٽٽو،
ڀاءُ ڀاءُ سان ڪِلي ٽٽو،

بُندُ ڳرو ڪجي ٿو،
ظالم حاڪم پڇي ٿو،
چئو تون جمن پچين ڏي سوال.

جواب: استاد ٻڌي ناهي.

وضاحت: لشڪر ۾ ٻ ٻڌي ناهي جو جنگ ڪٽي
برادريءَ ۾ ٻ ٻڌي ناهي ڪيئن شادي غمي ڪائيندا
پاڙي وارن جي ٻ ٻڌي ناهي ڪيئن پاڻ ۾ ٺهندا
بُنڊ ڳري کي ٻ ٻڌي ڪري سڀ ڪنڌا ٿ ڪجي ويندو
ڀاءُ ڀاءُ سان ٻ ٻڌي ناهي ٿ ڪيئن ڪِلي ڳالهائيندا
ظالم حاڪم کي ٻ ٻڌي ڪري پڇائبو نهٿ ڪيئن جان ڇڏيندو.

(ڳرو چيلو ست ڳٽو)

جج درخواست وٺي ٿو،
پائليٽ جهاز هلائي ٿو،
مهمان کير پئي ٿو،
پاڳيو فيصلو مڃي ٿو،
ڳراهڪ ڪپڙو وٺي ٿو،
هاري بج ڇٽي ٿو،
راهي راهه تي هلي ٿو،
(چئو تو جمن پچين ڏي سوال)

جواب: استاد سهي ناهي

وضاحت: درخواست ۾ سهي هجي ته جج وصول ڪري
جهاز ۾ سهي هجي ته پائليٽ هلائي
ڪير ۾ سهي هجي ته مهمان پئي
فيصلو ۾ سهي هجي ته پاڳيو مڃي
ڪپڙو ۾ سهي هجي ته گراهڪ وٺي
زمين ۾ سهي ريڄ ۾ هجي ته هاري ٻج ڇٽي
رستو ۾ سهي هجي ته ماڻهو پنڌ ڪري.

_***_

هنر جو بيت شعرن جي نالن سان

سهڻي جي سس جو ڳالهائڻ پنهنجي پٽ سان

جوهي وڃي پئي پان ميهڙ ڏي
ڪو دادو نہ ٿيندیءُ
سنجورو جاتي ڪر جمن چوي.

(لفظن جي جير) **مراد**

(1) جوهي وڃي پئي پان ميهڙ ڏي= ائين نہ چئي = جوءِ هي وڃي پئي پاڻ ميهر ڏي.

(2) ڪو دادو نہ ٿيندیءُ= ائين نہ= چئي ته= ڪو داد فرياد نہ ٿيندیءُ

(3) سنجورو جاتي ڪر جمن چوي= ائين نہ= چئي ته= سنجهيرو جهاتي پائي ڏس جمن چوي.

◇

هنر جو بيت وٽن جي قسم ۾

ڀير نہ ڪندیس ادا عمر
جي ٿو هيرڻ ڪيو تہ
آءُ آسرينهن ڪندیس ڪيت لاءِ
الله ڀير ڪندو مارن ڏي.

(لفظن جي جير) **مراد**

ڀير نہ ڪندیس ادا عمر= ائين نہ، چوي پئي، ڀ ۾ ور نہ ڪندیس ادا عمر. جي هيرڻ ڪيو تہ= ائين نہ چئي پئي، جي تو هي رڻ مون سان، تہ آءُ آسرينهن ڪندیس ڪيت لاءِ= چئي پئي، تہ آءُ سر ۾ ڏيندس ڪيت لاءِ الله ڀير ڪندو مارن ڏي= چئي پئي تہ، الله ڀيڙ مونڪائيندم مارن ڏي.

◇

هنر جو بيت سرگم تي

سُرُ عمر مارئي، مارئي جو عمر سان ڳالهائڻ

ساري گم پاڌاني سا
ساني سا، ساني سا
تم تم تـ نانا، نانا، ري
تانا، نانا، نانا، ري
جيءَ جيءَ نا، جانا جمن
جوڙيو ري.

(لفظن جي چير) **مراد**

ساري گم پاڌاني سا= ائين نہ چئي پئي سارا غم پيوند ڪرين مون سان عمر ادا ڙي، ساني سان، ساني سا= ائين نہ چئي پئي، پلي ساهہ نئي پاڻ سان ساهہ نئي پاڻ سان تم تم، تـ نانا، ناناري= چئي پئي تون تـ تون منهنجي نهہ نهہ آهي اداڙي تانا، تانا، نا،نا، ري= تانا مهٽا ملندم ادا عمر جي توسان شادي ڪيان جيءَ جيءَ نا، جانا جمن جوڙي ري= مون جيءَ سان جيءَ جوڙيو جمن مارن سان ادا عمر ڙي.

◊

گجھارت

ڏيٽي: ذات ڇڏ وڃي نالي جي ڪر هاڻي

پڇٽي: ذات= تارڙ، نالو= رفيق

سڃي: (سسئي کي سرتيون چون پيون تہ ادي هتي دانهن رڙ ڇڏ وڃ)
تان رڙ ڇڏ سسئي ڳول هاڻي رفيق کي

---▪---

ڏيٽي: اڇي جنگ جي ڪر، هي کاڇ جي ٿئي.

پڇٽي: جنگ جي مڙسي= کاڇ جي= طاهري

سڃي: سهڻي جي سس جو ڳالهائڻ پنهنجي پٽ سان
اڇي مڙسي ڪر جوءِ هري ٿئي. ميهر ڏي.

---▪---

ڏيٽي: راند جي سسئي لوهہ جي چا ڪندي

پڇٽي: راند جي= شاباس، لوهہ جي= ڪِلي

سڃي: شابس اڇي سسئي پر هيڪلي چا ڪندي

---▪---

ڏيٽي: وڃي فقير جي ڪر، نرنانءُ فقير جو ٿئي

پڇٽي: فقير جي= موج، نرنانءُ= قلندر، فقير جي= ڪلنگي

سڃي: وڃي موج ڪر قلندر ڪلنگي وارو ٿئي.

---▪---

ڏيٽي: هتي بہ چا زمين جو آهي،
جَرَ جو چا هوندو سندن متي جي **جمن** چوي
نالو ڪو نرمل هوندو.

پٺي: زمين جو= مقام، جر جو= اوپارو يا لهوارو اپرڻ اپرڻ مٽي جي= جاءِ، نالو= محمود.

سڃي: هتي ب چا ت مقام آهي اُپ تي چا هوندو سندن جاءِ **جمن** چوي مقامِ محمود هوندو.

(سينگار ڳجهارت)

ڏيٽي: چا ت ماڻهوءَ جو نرنانءُ جو، هو ت نالو ڪونالو آ، وري چا ت نالا نرمل جا.

پٺي: ماڻهوءَ جو= حُسن، نرنانءُ= حبيب، نالو= شهزادو، نالو= شهزور، نالو= غلام، نالو= گوهر.

سڃي: چا ت حُسن حبيب جو، هو ت شهزادو شهزور آ وري چا ت غلام گوهر جا.

(صفاتي سينگار ڳجهارت)

ڏيٽي: هئي گل جي نرنانءُ جي، جنهن ب ڪپڙي جي ڏڻي **جمن** سي نالا ٿيا.

پٺي: گل جي= مهڪ، نرنانءُ= محبوب، ڪپڙي جي= جهل يا جهولي جهلڪ، جمن= نہ پر، سي من، نالو= مدهوش.

سڃي: هئي مهڪ محبوب جي، جنهن ب جهلڪ ڏڻي سي من مدهوش ٿيا.

(ڳجهارت)

ڏيٽي: عضوي نرنانءُ وئين، هاڻي ڪاڪ جي لڳي ٿئي

پٺي: عضوي جا= هٿ، نرنانءُ= هوت خان، ڪاڪ جي= سِر

سڃي: هٿان هوت ويا ٿئي، هاڻي سِر جي لڳي ٿئي سسئي.

---▪---

ڈيٽي: نہ وکر نہ جر جو تن مند نرنانءُ جو، جو **جمن** ڪپڑا جن جو ادیون تنهن سان جبل جي ڪونہ ڪري.

پيٽي: وکر= عملداس، جر جو= اچيرو، مند جو= سرءُ، نرنانءُ= الله، جمن= نہ پر، من، ڪپڑي جو= صافو، جبل جي= ڏکيائي

سڃي: نہ عمل نہ اچيرو تن بہ آسرو الله جو.
جو من صفا جن جو ادیون تنهن سان ڏکيائي ڪونہ ڪري.

---▪---

(رسالو گجهارت)

ڈيٽي: جبل جا ولايت ۾ ڪاڪ اَن جا ڪياس،
عضوي جر جا نالي ڪپڑي ڪياس.

پيٽي: جبل جا= ڪڪرا، ولايت= ڪربلا، ڪاڪ جا= در، ان جا= ميڙيا، عضوي جا= ڳل، جر جا= ڦڙا، نالي= علي، ڪپري جا= اُگهڙ.

سڃي: ڪڪرا ڪربلا جا مادر ٽي ميڙياس
ڳلن تان رت ڦڙا علي ٽي اگهياس
مڙئي معاف ٽياس خالق بدلي خون جي.


---▪---

(ڻ)

ڈيٽي: جي وجان جهنگ ۾ ڏنم ڳوڙهي جو ڳوڙهو
پاڻ کائي نانگ وڏا هن کي نہ کائي شينهن پوڙهو
هليو وڃي هر جڳهہ تي پلي ڏنل هجي لوڙهو
هي هزان جو کوڙو جاچي ڏيو **جمن** چوي.

پيٽي: جاهو جنهن کي هزارين ڪندا آهن ڪير کائيندس.

سچاٽپ



جيئن سمنڊ جي پاتال ۾ هيرا لعل موتي لکل هوندا آهن. تيئن علم جي ماءُ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي پر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پلوڙ سگهڙ شاعر محمد جمن ڀٽي ولد شاهي خان ڀٽي رهائش پڌير آهي هن پلاري يونءِ سنڌ ڌرتيءَ جي دادو شهر ۾ پهرين جنوري 1965 تي جنم ورتو سنڌس تعليم پرائمريءَ پنج درجا آهي. هن 2003ع کان با قاعدي لوڪ شاعريءَ جي شروعات ڪئي ۽ هي سنڌس پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ لوڪ ادب جي سيني صنفن تي لکيو اٿس. ان سان گڏو گڏ جديد صنفن سان به سٿو نپايو اٿائين. سگهڙ شاعر محمد جمن ڀٽيءَ وٽ ٻوليءَ جو اڻ کٽ ذخيرو ۽ لفظن جو وڏو خزانو آهي. سنڌس عوامي شاعريءَ واري لهجي ۾ تخيل جي مضبوط پرواز ۽ لفظن جي خوبصورت جڙاوٽ آهي. هو لوڪ ادب، ڪلچر، سنڌ جي پراڻين ريتن رسمن ۽ رواج خان بخوبي ڄاڻ رکي ٿو. سنڌس شاعري جو محور سنڌي عوام، ڌرتي، سنڌي سماج، انسان ذات ۽ جماليات آهي جنهن ۾ رس چس ، مزو ميڙاج، فطرتي منظر نگاري، دل دماغ کي ڇهندڙ ۽ متاج، فطرتي منظر نگاري، دل دماغ کي ڇهندڙ ۽ متاثر ڪندڙ تشبيهون، تمثيلون، محاورا ۽ ساخت جذبا ۽ رواني ملي ٿي. هو ڪٽين ريتن رسمن ۽ غلط ڪرتوتن خلاف مُزاحمت ڪندڙ شاعر آهي. اميد ته سنڌس پورهيو ضرور مقبوليت ماڻيندو.

سنڌس خيال جون هي سٽون ڏجن ٿيون

هر دو کي جي ديوار ٺهيل ۽ ڀڻل آ، اسان جي محبتن جو مڃ متل آ
اندر کارا ته ڪنهن جا صفا ڪِئ ڏسان ٿو، لڳي ٿو ته هر کو حرص ۾ رُڌل آ
رُکو استيج تي اشراف تا لڳن "حاجي جمن"، ڏسان ٿو ادن جو باقي ڪم لٽل آ

عبد مگسي

سوپو خان مگسي (ميهڙ)

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي کتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي کتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي کوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن کو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي کوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)